


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جديد سنڌي ادب

(مضمون، مهاڳ، تعارف، تبصرا، تاثر، ادبي ۽ شخصي خاڪا)

انور پيرزادو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب: جديد سنڌي ادب

ليکڪ: انور پيرزادو

ڪمپوزنگ: عمير علي ميمڻ

ڪ پيج ميڪنگ: (0314 - 2580057)

ٽائيٽل: ڪپتان ابڙو

پريس: الجنت پريس ڪراچي

ڇپائيءَ جو سال: جنوري - 2010ع

تعداد: هڪ هزار

قيمت: 200 رپيا

ڇپائيندڙ: انور پيرزادو اڪيڊمي

A-64 فيز - I، گلشن حديد ـ ڪراچي

فون: 021-34718481

0334-3007566



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سٽاءُ


※ پنهنجي پاران 6


## مضمون


※ ڇا ادب لاءِ نظريو ضروري آهي 8

※ امر ڪوي شيخ اياز جي آخري سفر جي ڪٿا 13

※ جمال ابڙو 18

※ امر اسم جي هڪ درديلي صفت 22

※ امر جليل: پنهنجين ڪهاڻين جي روشنيءَ ۾ 25

※ سکر سيئي ڏينهن 33

※ عشق جي انوکي ڪائنات 38

※ سنڌ جي فوٽوگرافي! 44

※ مرڻا اڳي جي مُئا 47

※ محمد علي پٺاڻ جو نئين شاعر جي روپ ۾ تعارف 51

※ عالمي سياسي تبديلين جي پڳ ٿوٽ مان جنم وٺندڙ جديد سنڌي ڪهاڻي 55

※ موت نہ ڪوئي مهڻو ناهي! 59

※ سنڌي ترقي پسند ادب تي اگهاڙپ جو الزام ڇو؟ 64

※ اڄوڪي ادب ۾ ترقي پسندي ڇا آهي؟ 74

※ عوام جي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪرڻ جو فن 79

※ جڏهن آدم آيو 81

※ هاريءَ جهڙو پيار 84


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

※ نئين ٽهيءَ جا سنڌي شاعر 88
※ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت، استعمال ۽ ترقي 94


## مهاڳ


※ تاريخ ڳالهائي ٿي 99
※ سنڌوءَ جي زندگي ۽ موت جو سوال 107
※ ڏور ٿئائين ڏس، اکر جٿان ٿي جڙيا 113
※ مڪڙيون، ماڪ ڦڙا 119
※ ايڪويهين صديءَ جو سنڌباد سيلاني 131
※ سُورَ جي صفت 136
※ صحافت جي سائنسي تخليق 147
※ استوپا، سنڌو ۽ چند 151
※ ڪير جهڙي ڪاري 153
※ عورت ۽ احساس جي شاعري 157
※ سُڪون ڪٿي آهي 161
※ شهيد جي بيوهه 163


## ادبي ۽ شخصي خاڪا


※ سنڌ جو سوڀو 166
※ سوڀوا جاگيردارن جي اک ۾ ڪنڊو 170
※ سنڌي شاعريءَ جو تاريخي تسلسل 172
※ ماٺڪ جو خالي ڇڏيل ادبي مورچو 174
※ ماٺهو سڀ مٺا وڄن، تون نہ مٺين سورَ 176
※ سنڌي ادب جو ٻيو مُهين جو دڙو 179

| | |
|---|---|
| ❊ مولا تي ننگ آ | 181 |
| ❊ قمبر شهباز: رُئندڙن کي ريجهائي کلائيندڙ اديب | 183 |
| ❊ دائمي درد جي دانهن جو نئون جنم | 186 |
| ❊ ڪيهر شوڪت! ايءَ نہ ويل وڃڻ جي....... | 188 |
| ❊ افسوس! نئين هزاري هدايت منگيءَ کي ڏسي نہ سگهي | 189 |
| ❊ فقير لاشاري: سنڌي صحافت جو شهيد | 192 |
| ❊ اکرن جو عاشق - بدر ابڙو | 194 |
| ❊ The Queen of Sindh | 196 |
| ❊ سنڌ جي ڪائنات کي مئدم مهتاب جو جنم ڏينهن مبارڪ هجي | 199 |
| ❊ موناليزا جي مُرڪ ۾ تمندڙ لُڙڪ | 201 |
| ❊ محمد علي پٺاڻ: حقيقي معنيٰ ۾ جاکوڙي اديب | 203 |
| ❊ درد سان مسلح تيل لفظ | 206 |
| ❊ سنڌ جو هڪ بي تاج بادشاهہ | 207 |
| ❊ نئين ٿهيءَ جي سرمستي | 208 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

انور پيرزادو اڪيڊمي، جو انور پيرزادي جي لکڻين تي ٻڌل مجموعي طور تي هيءَ ڇهون ڪتاب آهي. هيءَ اڪيڊمي ترتيبوار سال 2007ع ۾ ڪتاب متان وساريو. پٽائي، سال 2008ع ۾ ممبئي ياترا ۽ سنڌ ۽ سال 2009ع ۾ ڪتاب "مهين جو دڙو" ڇپائي چڪي آهي.

هن ڪتابي سلسلي جي حوالي سان اسانجي اها به ڪوشش رهي آهي ته انور پيرزادي جي لکڻين کي مختلف موضوعن ۾ ورهائي انجي "گهڻ رخي ليکڪ" وارن "پهلوئن" کي به ڪتابي شڪل ۾ "ڊاڪيومينٽ" ڪندو هلجي. هو شاعر، صحافي، پٽائي جو پارکو، مهر جو، نقاد ۽ دانشور هو. پوين ڪتابن انور پيرزادي جي شاعر، صحافي، پٽائي جي شارح ۽ سياحتي پهلوئن کي ڪتاب "اي چند پٽائي کي چئجان (جيڪو سندس جيئري سندس پائيتي شاهه محمد پيرزادي شايع ڪرايو هو). متان وساريو، پٽائي، ممبئي ياترا، سنڌ ۽ مهين جو دڙو اجاگر ڪيو آهي ته هيءَ ڪتاب وري انور پيرزادي جي سنڌي ادب ۾ هڪ نقاد توڙي ترقي پسند ۽ روشن خيال دانشور واري پهلوءَ کي نمايان ڪري ٿو.

هن ڪتاب ۾ انور پيرزادي جا مختلف وقتن ۾ اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيل يا اڻ ڇپيل مهاڳن، مضمونن، تعارفن، تبصرن، اپياسن، ادبي ۽ شخصي خاڪن کي سهيڙي شامل ڪيو ويو آهي. هيءَ ڪتاب ٽن ڀاڱن يعني مضمونن، مهاڳن ۽ ادبي توڙي شخصي خاڪن تي ٻڌل آهي. تنهنڪري هن ڪتاب ۾ ڪجهه اهڙا مهاڳ ۽ شخصي خاڪا پڻ شامل ڪيا ويا آهن جيڪي نج ادبي نوعيت جا نه به آهن پر اهي ريڪارڊ طور هتي رکيا ويا آهن. جڏهن ان ترتيب پٽاندڙ انهن مهاڳن، مضمونن ۽ ادبي خاڪن جو مطالعو ڪجي ٿو ته هيءَ ڪتاب نه رڳو "جديد سنڌي ادب" جو تعارف بڻجي اڀري ٿو ۽ نه صرف انجي تاريخ کي سامهون آڻي ٿو پر جديد ۽ ترقي پسند ادب جو مڪمل طور تي دفاع ڪندو به نظر اچي ٿو. هن ڪتاب جي ٻي خاص ڳالهه ان ۾ موجود انور پيرزادي جو انتهائي دلڪش، اعليٰ، طاقتور ۽ شاهڪار نثر آهي جنهن کي پڙهندي ماڻهو دنگ رهجي وڃي ٿو.

هن ڪتاب مان يقينن اديب، شاعر ۽ عالم نه استعفادو حاصل ڪندا ئي ڪندا پر ادب ۽ علم سان چاهه رکندڙن لاءِ به هيءَ ڪتاب انتهائي لاڀائتو ثابت ٿيندو. اميد آهي ته اڳين ڪتابن وانگر هن ڪتاب تي به پڙهندڙن پاران اسانکي مانائتي موٽ ملندي.

زرار پيرزادو

انور پيرزادو اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مضمون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڇا ادب لاءِ نظريو ضروري آهي

يٽائي 1689عيسوي سن ۾ پيدا ٿيو ۽ 1752 عيسوي تائين جيئرو رهيو. جڏهن ته ڪارل مارڪس 1818 عيسوي سن ۾ ڄائو ۽ 1883 ۾ وفات ڪري ويو هو. جيڪڏهن مارڪسي نظريو ادب لاءِ ضروري آهي ته پوءِ ڪال مارڪس جي پيدا ٿيڻ کان ڇاهٺ سال اڳ ڀٽائيءَ عظيم ادب ڪيئن پيدا ڪيو؟

جيڪڏهن ادب لاءِ نظريو ضروري آهي ته پوءِ ايئن ٿيڻ گهرجي ته پهريائين نظريو گهڙي، ناهي تيار ڪيو وڃي ۽ پوءِ ادب کي رد ڪري وري بيو ادب پيدا ڪيو وڃي. جيڪو نظرياتي حد بندين ۾ ايئن پورو هجي، جيئن عروضي غزل جي هر سٽ ڪنهن عروضي بحر واري چوديواري اندر پوري هوندي آهي.

جيڪڏهن ان راءِ کي قبول ڪجي ته ادب لاءِ نظريو ضروري آهي ته پوءِ ٿيوريءَ سان سهمت ٿيڻو پوندو ته اڳ ۾ نظريو وجود ۾ ايندو آهي. جنهن مان رهنمائي حاصل ڪري ليکڪ ادب تخليق ڪندا آهن ۽ جيئن ته اهڙو نظرياتي ادب سماج ۾ بيچيني پيدا ڪندو آهي. ان ڪري انقلابي سياستدان اڇي ان سماجي بي چينيءَ کي انقلاب جو روپ ڏيندا آهن.

ان جي معنيٰ اها ٿي ته ادب، سياسي انقلاب واري ڪوري جو ٻارڻ آهي. يا سماج ۾ سياسي انقلاب آڻڻ ڪانسواءِ ادب جو ٻيو ڪو به ڪارج ڪونهي ۽ جيڪڏهن ايئن آهي ته پوءِ جمال ابڙي جي ڪهاڻي، "پيراڻي". ادب ئي ناهي ڇاڪاڻ ته ان ۾ ڪنهن سياسي انقلاب آڻڻ جو ڪو به مواد موجود ڪونهي. خود سويي گيانچندڻيءَ جي ڪهاڻي "ڀاڄوڪڙ". ڪنهن به سياسي نظرئي پٽاندر لکيل ناهي.

حقيقت اها آهي ته نظريو پاڻ ادب جي پيداوار آهي ۽ ادب لاءِ نظريو نه پر نظرئي لاءِ ادب ضروري آهي. ان جو هڪڙوئي مثال ڪافي آهي. ڪارل مارڪس کان ڇاهٺ سال اڳ ڀٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ چيو هو ته:

ڏکيون جان نه مڙن، تان تان پنڻ نا ٿئي.

جڏهن ته اٽڪل هڪ صدي پوءِ ڪارل مارڪس دنيا جا مزدورو متحد ٿي وڃو وارو نعرو ڏنو هو.

ٻيو نه ڪيترن سياسي نظرين کي زندگيءَ سچ ثابت نه ڪيو آهي. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو مثال مارڪسزم آهي. جنهن جي بنياد تي لينن سوشلزم ۽ ڪميونزم وارو نظريو گهڙيو پر ان نظرئي تي ستر سال عمل ڪرڻ ڪانپوءِ خبر پئي ته اهو واريءَ جو ڪوٽ هيو. جو خودبخود جهري ڪري پيو ۽ جن ماڻهن ڪروڙين انسانن جي قرباني ڏئي ان کي اختيار ڪيو هو. تن ان مان هٿ ڏرا ڪري ڇڏيا.

پر ان جي مقابلي ۾ روسي ادب اجا روس ۽ اڳوڻي سوويت يونين جي رياستن ۾ زندگيءَ جو سچ آهي. ڇاڪاڻ ته ادب اتان جي سماجي، سياسي ۽ معاشي زندگيءَ جو عڪس هو ۽ ان عڪس کي اتي جي اديبن ۽ ليکڪائن ايئن چٽيو هو. جيئن کين نظر آيو هو. ان ڪري زندگيءَ جي اها تصوير اڄا مُدي خارج نه ٿي آهي.

هتي ان تي به ويچارڻ گهرجي ته ادب جي تخليق ۽ نظرئي گهڙڻ واري عمل ۾ فرق آهي. اديب. ليکڪ يا شاعر اندر جي ڪنهن اڌمي کي اکرن ۾ لفظن جو روپ ڏئي پڌرو ڪري ٿو. اهڙو عمل اٿاهه جذباتي دٻاءُ سرجي ٿو. جڏهن ته نظريو يا فارمولو. مول متو يا ڪا ڊسيپلين ڪنهن جذباتي دٻاءُ وچان تخليق نه ٿي ٿئي، پر ڪنهن شعوري جائزي يا تنقيد جي نتيجي ۾ عمل ۾ اچي ٿي.

ان فرق کي سمجهڻ لاءِ اياز جي هي مصرع ڏسو:

سچو ڏيهه ڏاتا، ايا جي ڪري،
لکين عيد جا چنڊ اپري پون.

مارڪس جي ذاتي ۽ هتوري واري نظرئي کي شعوري شاعري ذريعي ڦهلائڻ واري مقصد سان لکيل هنن سٽن ۾ اها ادبي سونهن ناهي جيڪا اياز جي هنن سٽن ۾ آهي:

ڪري ويو ڪير بارش، مئه، خمار آلود. ٿيا زمانا، قدم قدم تي هجوم زندان، نظر نظر ۾ شراب خانا.

نظريا سياسي، معاشي ۽ سائنسي نوعيت جا هوندا آهن. پر ادب زندگيءَ جو نظريو آهي_ سياست، معيشت ۽ سائنس وغيره جنهن جا جُزا ٿين ٿيا.

ادب هوئڻ نه هر تحرير کي سڏجي ٿو، ڇاڪاڻ ته جڏهن اڃا لکت ايجاد نه ٿي هئي، ان وقت ادب جي تخليق زباني هوندي هئي ۽ اهو لوڪ ادب سڏبو هو. لکت ۾ اچڻ ڪانپوءِ موضوعوار صحافتي ادب. سائنسي ادب. طبي ادب ۽ مذهبي ادب وغيره جهڙا نالا رائج ٿيا.

تحريري ادب جو لٽريچر وارو قسم اهو ادب آهي. جنهن جو تعلق انساني جذبن، امنگن ۽ آسُن اميدن. خوابن ۽ خيالن سان آهي. شاعري. افسانو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇن پونئر پنيوليا. تنهن پاڻيءَ مٿي پَون،
رانول رتو رون. ڪو وڻ لڳو وائسين.

سو ياد رکڻ گهرجي تہ سياسي نظريا جوڙيندڙ سياستدان اقتدار جي جنگ وڙهندا آهن ۽ جڏهن کين اقتدار ملندو آهي، تڏهن اها مقصد جي تڪميل هوندي آهي. جڏهن تہ دنيا ۾ ايئن بہ ٿيو آهي تہ ڪيترن راجائن تخت ڇڏي دريائن جي ڪنارن تي ويهي تپسيا ڪئي آهي ۽ شاعري چئي آهي. شاعري ۽ سياست. پيغمبري ۽ اقتداري هيڪ هڪبئي کان بنهہ مختلف شيون آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ شاعري ۽ سياست. ادب ۽ سياسي اقتدار وچ ۾ برابر تعلق آهي ۽ اهو تعلق ايئن آهي تہ ٻئي شيون زندگي مان ڦٽي نڪتيون آهن.

هونئن سياست جو ادب تي حاوي ٿيڻ جو ڪارڻ حڪومتي نظام آهي. سياستدان جڏهن سياسي اقتدار واري جنگ کٽي حڪومت ٺاهين ٿا. تڏهن اديب هنن جي راڄ جا ماڻهو ٿيو پون. ان ڪري اديبن کي ان قانون آهر هلڻو پوي ٿو جيڪو سياستدان پنهنجي حڪومت ٺاهي جوڙين ٿا.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ پنهنجي ضمير سان سچا رهندڙ فنڪار ۽ تخليقڪار وقت جي حڪومتن جي پرواهہ نہ ڪندي پنهنجو تخليقي سفر جاري رکندا آهن.

چون ٿا تہ اڪبر بادشاهہ هڪڙي ڏينهن ٺاڪ منجهند جو شڪار تان موٽي آيو تہ هن جو راڳ ٻڌڻ تي مُوڊ ٿي پيو. هن حُڪم ڪيو تہ راڳ جو بندوبست ڪيو وڃي. بس بنا دير بندوبست ٿي ويا. تانسين بہ تنبورا کڻي پهچي ويو ۽ ٻيا سازندا بہ حاضر ٿي ويا. البت طبلي واري فنڪار انڪار ڪيو. چئي راڳ ڪا مسخري آهي ڇا جو جنهن وقت بادشاهہ سلامت حڪم ڪندو، ان وقت راڳ ٿيندو؟

اهڙي خبر جڏهن اڪبر بادشاهہ کي ٻڌائي وئي تہ هو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ حڪم جاري ڪيائين تہ ان طبلي نواز کي هاٿين جي پيرن هيٺان چيپاٽي ماريو وڃي. بس هڪدم هاٿين جو لشڪر جمع ٿي ويو ۽ تياريون شروع ٿي ويون تہ انهيءَ باغي طبلي نواز کي هاٿين جي پيرن هيٺان چيپاٽي ماري ڪيس سزا ڏني وڃي. ڇاڪاڻ تہ هن بادشاهہ سلامت جي فرمان جي پڇڪڙي ڪئي آهي.

پوءِ باغي طبلي نواز کي بہ گرفتار ڪري اُتي آندو ويو. هاٿي تيار بيٺا هئا ۽ جيئن ڦاسيءَ چڙهندڙ ڏوهاري کان آخري خواهش بابت پڇيو ويندو آهي. تيئن هن کان بہ سندس آخري خواهش معلوم ڪئي وئي. هن چيو تہ

منهنجي آخري خواهش اها آهي تہ مونکي طبلو آڻي ڏيو. مان هڪ ڏُن وڄائيندس. پوءِ پلي مونکي ماري ڇڏيو.

هڪدم طبلو اچي ويو ۽ طبلي نواز ان تي "گٽيش". ڌن وڄائڻ شروع ڪئي. جنهن جي اثر هيٺ بيٺل هاٿي سُنُ تي ويا ۽ پوءِ جڏهن هاٿين کي حڪم ٿيو تہ باغي فنڪار کي پيرن هيٺان چيپاٽي ماري ڇڏين. تڏهين هاٿين جي جنگهن ۾ ايترو ساهہ ئي نہ هيو. جنهن ڪري فنڪار مرڻ کان بچي ويو.

سو ان ديومالائي ڪهاڻي ۾ حقيقت هجي يا نہ پر هڪ ڳالهہ واضح آهي تہ جيڪڏهن ڪو فنڪار واقعي تخليقي سگهہ رکي ٿو تہ هن کي وقت جي بادشاهي کان ڊڄڻ جي ڪا بہ ضرورت ناهي. ان ڪري ڀٽائيءَ سِڀڻ واري سُٺيءَ کي بادشاهيءَ تي برتري ڏيندي چيو هو:

پاتشاهي نہ پاڙيان، سرتيون سُٺيءِ سانَ.
ڍڪي اگهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پانَ.
ٻيهر ڄاپي ڄاڻ، اِبر جي اوصاف کي.

# امر ڪوي شيخ اياز جي آخري سفر جي ڪٿا

ڀٽ شاھ تي سياري جو سج لڙي رهيو هو. ڪراڙ ڍنڍ جي ڪناري تي ٿڌڙي هوا جا هلڪا جهونٽا، وڻ جي ڇانو ۾ ٻيٺل ماڻهن کي سج جي تڙڪي ڏانهن ڏڪي رهيا هئا. پر انهن سنڌي اديبن کان پگهر وهي رهيو هو، جيڪي وَرَ ڪَنجي، اياز جي سامهيءَ ۾ ڪوڏرن سان هيٺ بيٺا هئا ۽ مٽي ڳنڍڻ ڪانپوءِ ويهين صديءَ جي وڏي سنڌي شاعر کي مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪري رهيا هئا.

ماضي، حال ۽ مستقبل جي عظيم سنڌي شاعر ڀٽائي جو مقبرو اتر ۾ آهي. ان جي ڏکڻ ۾ ڪراڙ ڍنڍ ۽ اجا بہ ڏکڻ ۾ ڀٽ شاھ آڊيٽوريم آهي. آڊيٽوريم ۽ ڪراڙ ڍنڍ جي ڏاکڻي ڪناري جي وچ تي ڊگهن وڻن جي ڇانو ۾ هڪ سنئين سڌي پڌر تي اياز جي ڪڙڪ (قبر) کوٽي وئي هئي. جيڪا ڪجهه مٿاهينءَ تي هجڻ سبب ڀٽائيءَ جي مزار تي ويندڙ هر ماڻهو ساڄي پاسي ڪنڌ ڦيري پري کان ڏسي سگهي ٿو.

هڪ نوجوان سنڌي شاعر اوچنگارون ڏيندي وڏي آواز سان چئي رهيو هو. "اڙي ڏسي وٺو اياز کي. سنڌ جو هي وڏو شاعر وري ڏسي نہ سگهندؤ!" ۽ پوءِ جڏهن ڪجهه سرڪاري ۽ غير سرڪاري اديبن اياز جي قبر تي گلن جون چادرون چاڙهي فوٽو ڪڍرايا تڏهن وري ساڳي نوجوان سنڌي شاعر جو روئنٺهارڪو آواز فضا ۾ گونجڻ لڳو: "اڙي، جن اياز جو ساهہ ٻوساٽي ڪيس ماري ڇڏيو سي هاڻي هن جي قبر تي فوٽو ڪڍرائي رهيا آهن" سينئر سنڌي اديب ان نوجوان کي آٿت ڏيندي چئي رهيا هئا، "بابا صبر ڪر. تون بہ اياز جو اسان سيني جان وارث آهين. اڳتي وڌي اچ. اچي پنهنجي شاعر کي مٽي ماءُ حوالي ڪر."

واريا سي علائقي ۾ قبر جي پاسن کان ڪچيون پڪيون سرون ڏنيون ويندڙيون آهن. اياز جي ڪڙڪ پڻ ڀٽ جي واريءَ ۾ جوڙي وئي هئي. ان ڪري ڪچيون سرون آڻي، انهن جي پاسن کان اوساري ڪئي وئي ۽ مٿان پڻ ڪچيون سرون رکيون ويون جيڪي ٿورڙي ئي وقت ۾ گلن هيٺان گم ٿي ويون.

اهو سمورو وقت اياز جا راڳي ۽ نوجوانن جا مختلف جٿا اياز جو

اياز جنهن ماحول ۾ پنهنجي شاعري سرجي هئي، ان ماحول جو تفصيلي جائزو وٺڻ گهرجي ۽ ان سان گڏ هن جي زندگي، ذاتي توڙي طبعي تي تحقيق ڪري، هن جي وسيع مطالعي جي روشنيءَ ۾ ڪيل شاعريءَ کي، دنيا جي بهترين شاعريءَ سان ڀيٽڻ جو ٻه علمي ڪم هٿ ۾ کڻڻ گهرجي.

ان سلسلي ۾ اسان وٽ اهڙو ڪو ادارو هجڻ گهرجي جيڪو رضاڪارانه طور توڙي اجرت سان ڪوجنا ڪرائي. سنڌ جي هن وڏي شاعر کي مان ڏئي ۽ هن جا ڪتاب دنيا جي ٻين اهم ٻولين ۾ ڇپرائي. اياز جيڪو ادبي ۽ لساني پورهيو ڪيو آهي. ان جي موٽ سنڌي قوم هُن کي ايئن ئي ڏئي سگهي ٿي.

سنڌي اديب اهڙين سوچن جا گل اياز جي تازي قبر تي رکي. ان واعدي سان هليا ويا آهن. ته اهي وري موٽي ايندا ۽ اچي اياز جو ٿورو لاهيندا جيڪو هن پنهنجي شاعريءَ جي صورت ۾ ادب تي ڪيو آهي.

مارچ 1998ع
ماهوار "لهرون" ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جمال ابڙو

جمال ابڙو ڪيڏو وڏو ماڻهو هو. ڪيڏو وڏو دانشور ۽ ڏاهو هو. هن جي سنڌ جي مستقبل تي ۽ سنڌين جي آئيندي تي ڪيڏي نظر هئي. هن سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ڪيتري خدمت ڪئي ۽ سرڪاري عهدن تي رهڻ دوران غريب ئوڙي شاهوڪار. سنڌي ماڻهن جي رت چوسڻ واري ڪاموري ڪلچر کان ڪيتري حد تائين پاڻ بچائي سگهيو. ان جو هن وقت اسان کي ٿورو گهڻو اندازو ٿي چڪو آهي. ان لاءِ اسان سنڌي ميڊيا جا ٿورائتا آهيون. سنڌي پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ان حوالي سان اسان جي ڪافي مدد ڪئي. پر قومي ميڊيا اسان کي لفٽ نه ڪرائي. شايد ان ڪري جو جمال ابڙي. علي احمد بروهي. سوڀو گيانچنداڻي. قاضي فيض محمد ۽ سائين جي ايم سيد جهڙن ڪيترن ئي ماڻهن بنگالين وانگر برطانوي سلطنت جي ڌارئي تسلط مان نڪري آزادي. خومختياري ۽ جمهوريت جا خواب ڏٺا هئا ـ ۽ شايد اهي ماڻهو اهڙي حقيقي جمهوريت جا قائل هئا. جيڪا هي ملڪ افورڊ نه ٿو ڪري سگهي.

اهو ئي سبب هو جو. جمال ابڙي جهڙي وڏي سنڌي دانشور جي ڪنهن صلاح مشوري جي وفاقي يا صوبائي حڪومت کي ڪڏهن به ڪا ضرورت پيش نه آئي. نه ڪاري ـ ڪارو واري اشوءِ تي. نه ٻاڻي مسئلي تي، نه ٿر جي ڏڪار تي. نه good governance تي ۽ نه پاورٽي ايليويئشن (غربت جي خاتمي) تي.

۽ شايد اهو ئي سبب هو جو. جمال ابڙي جي خدمتن جي نه سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ کي ضرورت پيئي. نه سنڌي ادبي بورڊ. سنڌالاجي. شاهه لطيف چيئر. سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ. سنڌ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ. سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۽ سنڌ گورمينٽ اهڙي ضرورت محسوس ڪئي.

ظاهر آهي ته. جنهن سماجي ڪلچر ۾ بيمارين جو علاج ڀاڻي پڙهڻ ۽ سگي ڌاڳي سان ٿي سگهي ٿو ۽ سياسي جوڙ توڙ ذريعي ئي اسيمبليون هلي سگهن ٿيون ته. اهڙي ماحول ۾ مٿي ڄاڻايل سنڌي دانشورن جي عملي ڇا ڪهڙي ڪم جي؟ اهڙي دور ۾ ڀٽائي به امي آهي. جمال ابڙو. سوڀو ۽ سيد به امي آهن. عالم اهي آهن. جيڪي آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ. آمريڪا ۽ انگلستان جي اشارن تي هلن. انسان اهي آهن. جيڪي ٽن ملين يعني 30 لک ماڻهن جو قتل عام ڪري به چئي سگهن ٿا. "اسان ملڪ جا محافظ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پوءِ جڏهن سور پي. ڊءِ ڪري ٿو ته. چئي ٿو. "واقعي رڳو خواهشن سان دنيا تبديل نه ٿي ٿئي. سوشل چينج کي پنهنجي dialectics آهي.

مون کي ياد اچي ٿو. هڪ ڏينهن بدر ۽ مان سنڌ جي ڪجهه قديم آثارن تي ڪم ڪري ٿڪل ٽٽل موٽي پرباهرا ڪراچيءَ پهچي جمال ابڙي سان ملياسين ته. هن ڏاڍو ڪارائتو مشورو ڏنو. هن چيو ته بابا. "جيڪي آثار صفا ڊڪري ويا آهن. انهن تي بعد ۾ ڪم ڪيو. اول اهڙن آثارن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪريو. جيڪي بچي سگهن ٿا." ان تي هن اهو به مثال ڏنو ته. هلنديءَ جنگ ۾ فوري توجهه اهڙن گهايل سپاهين تي ڏبو آهي، جن جي حياتي بچائڻ ممڪن هوندو آهي.

اهو جمال ابڙو. جيڪو علامه علي خان ابڙي جو فرزند هو. تنهن پنهنجي پرپور زندگي ماڻي. اسان کي علمي مان جڙيل بدر ابڙو ڏئي ويو آهي زندگيءَ انهيءَ تسلسل جو نالو آهي. جي ائين نه هجي ها ۽ موت سميت انسان جون ڪمزوريون هجن ها ته ماڻهو آپي مان نڪري وڃي ها. پاڻ کي قادر مطلق سمجهي ها ۽ اقتدار جي نشي ۾ اجي ڌرتيءَ تي اجا به وڏيون رت جون نديون وهائي ها.

ڪي سمهه. ڪي جاڳ. ڪاءَ اڌوره ان.
ته جا مورت تنهنجي من. تنهن مشاهدو ماڻئين. (شاهه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهن ٿا. اها تنقيد پنهنجي جاءِ تي بلڪل درست آهي تہ سنڌ ۾ نئين ٿهيءَ جي شاعرن جو تعداد پاڪستان ۾ ناٽي جي ڦهلاءِ واري رفتار کان گهٽ وڌي رهيو آهي ۽ اهو سچ آهي تہ هر نوجوان ننڍ مان اٿي قلم کڻي جڏهن آزاد نظم . نثراڻو نظم يا نظماڻو نثر لکي ٿو تڏهن ڪيس اهو بلڪل احساس نٿو ٿئي تہ انهن صنفن تي لکڻ ڪيترو ڏکيو آهي. بس ڪي نوجوان سمجهن ٿا تہ آزاد نظم لکڻ لاءِ اوهان کي جيڪو وڻي سو لکي ڇڏيو. اهو ڇپجي بہ ويندو ۽ ان کي سنڌي شاعري جي تاريخ رڪارڊ ڪرڻ وارو ڪمپيوٽر ڪمپوز بہ ڪري ڇڏيندو. پر ان سان گڏ اها بہ حقيقت آهي تہ نار واري جنگ تي سنڌي ٻوليءَ جي نئين ٿهيءَ جي شاعرن جيڪي خوبصورت نظم لکيا آهن انهن مان ٿورا گهڻا نظم جيڪي ڇپيا آهن انهن کي ڏسي بنا ڊپ ڊاءَ جي چئي سگهجي ٿو تہ امن ۽ جنگ، سونهن. سوڀيا ۽ بارود جي بربادي تي جيڪي ڪجهہ سنڌي شاعرن لکيو آهي ان جو مقابلو نہ تہ فلسطيني شاعر ڪري سگهن ٿا ۽ نہ اهي انقلابي ايراني شاعر جن کي ساواڪ جي ٽارچر ڪئمپن ۾ ايذاءَ ڏنا ويا هئا جن جي شاعريءَ واري مت جو ڊڪٽو شهنشاهہ ايران جي تن ڏهاڪن کان وڌيڪ آمريت واري دور ڪانپوءِ لٿو هو.

سو نئين ٿهيءَ جي سنڌي اديبن مان ڪن ابهرن نوجوانن ڪجهہ وقت اڳ چوڻ شروع ڪيو هو تہ امر جليل جي لکڻين جو دور هاڻي تاريخ جي ماضيءَ واري رڪارڊ سان تعلق رکي ٿو. هنن جو خاص مقصد اهو هو تہ امر جيڪي "تنهنجيون منهنجيون ڳالهيون" لکندو هو اهي ڳالهيون ٻڌڻ نہ جهڙيون ۽ ڪرڻ نہ جهڙيون هيون ۽ انهن ڳالهين کي سنڌ جو هر پڙهيل ماڻهو پڙهندو هو ۽ هن جي 1970 ع واري ڏهاڪي جي انهن ڪالمن جي هر سٽ ۾ اڪر ڪان سنڌي ماڻهو اتساهہ وٺندو هو. ان تنقيد جو بهرحال امر جليل ڪو بہ جواب نہ ڏنو ۽ شايد ان ماجرا تي سوچڻ لاءِ هن هڪ ڊگهو عرصو پاڻ تي سوچڻ شروع ڪيو ۽ سوچي سوچي هڪ جواب ڳولي ڪڍيائين جيڪو اڄڪلهہ پنهنجن اخباري ڪالمن ۾ ڏئي رهيو آهي. امر جليل جو اهو جواب متانئس ٿيل ڪنهن ادبي يا غير ادبي تنقيد بابت ناهي. هو جيڪو پنهنجن ڪالمن ۾ جواب ڏئي رهيو آهي تنهن جو تعلق هن جي ضمير پاران اٿاريل انهن بي شمار سوالن سان آهي جيڪي صدين کان وٺي سنڌي قوم کان پڇيا پيا وڃن. تاريخ جي طرف کان پڇيل اهي سلسليوار سوال ۽ اها تاريخي انٽرويو اڃا جاري آهي. نہ اها انٽرويو ختم ٿي آهي ۽ نہ ان جو نتيجو نڪتو آهي ۽ نہ اها خبر پئي آهي تہ ڪو سنڌي قوم ان امتحان ۾ پاس ٿي آهي يا نہ. بهرحال امر جليل سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قوم جي سماجي نفسيات. تاريخي ثقافت ۽ جاگرافيائي تهذيب سان گڏ وحشي جيوت جا نشان ساڻ کڻي آيل سنڌي سياست تي پڻ اجڪلهه لکي رهيو آهي ۽ هو ان سلسلي ۾ ڪڏهن ڪڏهن هڪ بي رحم سرجن وانگي سنڌي قوم جي نفسياتي بيمارين جو آپريشن ڪرڻ لاءِ پنهنجي رپٽي واري پين کي آپريشن ٿيئٽر جي تيز چاقو وانگي وهائڻ لڳندو آهي ۽ اهڙي طرح هو سنڌين کي هڪ ڪاهل قوم. ٽوٽي ماڻهو ۽ چڙوچڙ لشڪر ڪوٺيندو آهي. آءُ ذاتي طور تي هن سان ان حد تائين تہ متفق آهيان تہ سنڌين کي ڏکڻ طرف کان لڳندڙ منڍي هير جي جهوٽن ۾ آيل نند مان اٿارڻ ضروري آهي پر جا اسان جي دانشورن ۽ اديبن. فيلسوفن ۽ ڏاهن اهو ڪڏهن سوچيو آهي تہ انهن انهن مڙني بيشمار ڪوتاهين ۽ ڪمزورين جي باوجود سنڌي قوم گذريل ڏهہ هزار سالن کان وٺي پنهنجي قومي وجود جو سڏو يا انڌ سڏو. واضح يا اڻ لکو اظهار ڪيئن ڪيو آهي؟ انهيءَ تاريخي جدوَل پٺيان ڪهڙو راز لڪل آهي. آخر سنڌي قوم جيڪڏهن واقعي ايڏو پنتي پيل آهي تہ اها ختم ڇو نہ ٿي وئي آهي ۽ ان جو ادب وقت جي وهڪرن ۾ لڙهي غائب ڇو نہ ٿي سگهيو آهي. آخر ان قومي خوشفهميءَ پويان بہ تہ ڪو تاريخ جو جواز هوندو.

اچو تہ ان تي سوچون. کوجنا ڪيون. جاکوڙ کي جنون ۾ تبديل ڪري ايڪيهين صديءَ ۾ داخل ٿيون ۽ دنيا تي ثابت ڪري ڇڏيون تہ اجوڪي دور ۾ عالمي سطح تي "آريو" نسل جو ڪو اهڙو ماڻهو اڃا پيدا نہ ٿيو آهي جيڪو سنڌوءَ جي اپرندي ۽ الهندي ڪنارن تي وسندڙ سنڌين واري قوم کي خاص ڪري ادب. ثقافت ۽ تهذيب واري محاذ تي شڪست ڏئي سگهي.

مونکي اميد آهي تہ منهنجي انهيءَ جوابي سوال يا سوالي جواب تي پنهنجي ڪنهن نہ ڪنهنڪالم ۾ امر جليل ضرور لکندو ۽ تاريخي تهذيب واري سِڪي جي انهيءَ ٻئي پاسي جا اهي مهين جي دڙي وارا اکر ضرور پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو جن ۾ ان عظيم جواز جو ذڪر ٿيل آهي تہ ايڏن هاڃن ۽ ڪروڙين ڪوتاهين جي باوجود بہ اڃا تائين سنڌي قوم ڇو موجود آهي.

سنڌ ثقافت کاتي پاران امر جليل سان 2 جولاءِ 1991ع

تي لياقت ميموريل هال ۾ ملهايل ادبي شام ۾ پڙهيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# امر جليل: پنهنجين ڪهاڻين جي روشنيءَ ۾

سنڌي ادب جي وڏي ۾ وڏي ٽرئجدي اها آهي ته ان ۾ تنقيد ڪانهي، جي آهي ته اها نالي ماتر آهي. شاهه لطيف کي ذري گهٽ ٽي سئو ورهين گذرڻ ڪانپوءِ به ڪو نقاد نه مليو آهي ته پوءِ اياز ۽ امر کي ڪڏهن ملندو.

ڪنهن به شهپاري تي تنقيد يا ڪنهن فنڪار جي اوڻاين ۽ چڱاين جي پرک اهو ماڻهو ئي ڪري سگهندو. جيڪو عالمي ادب جي روشنيءَ ۾ سنڌي ادب کي ڪا جاءِ ڏئي سگهي. امر جو نقاد اهو ئي سگهي ٿو. جنهن دنيا جو افسانوي ادب پڙهيو هجي ۽ مختصر ڪهاڻي جي سٽا تي عبور رکندو هجي. هن ۾ اينتري جاڻ هجي جو جتي 'امر' ڪا اوڻائي ڇڏي ويو هجي، ان کي دنيا جي ادبي مروج اصولن تحت پورو ڪري سگهي.

فرانس جي هڪ برک نقاد 'لئسلس ائبرڪرومبي' چيو آهي ته ڪنهن فن کي تخليق ڪرڻ ۽ ان مان محظوظ ٿيڻ کان ان تي تنقيد ڪرڻ مشڪل آهي. ڇاڪاڻ جو مڪمل نقاد اهو آهي جنهن ۾ تخليقي مادو موجود هجي، جيئن ادب جي مراد (خط حاصل ڪرڻ) چڱيءَ طرح حاصل ڪري سگهي. (هتي ادب جي مراد بابت نقاد جو ئي خيال پيش ڪيو ويو آهي). جيڪڏهن ڪنهن فنڪار ۾ تخليقي مادي سان گڏ تنقيدي شعور هوندو ته هو هڪ مڪمل فنڪار ليکيو ويندو. ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي تخليق کي چنڊي ڇاڻي پيش ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ هوندو. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ وٽ تنقيد جو پورو علم هوندو ته هو ادب مان مڪمل طرح محظوظ پڻ ٿي سگهندو. اهو ان ڪري جو جڏهن ڪو شهپارو جمالياتي (Aesthetically) نقطه نظر سان توڙي عقل جي بنياد تي (Rationally) مڪمل نظر ايندو، تڏهن ئي ان مان وڌيڪ لطف حاصل ڪري سگهبو.

هڪ مڪمل نقاد جي وصف 'جي_هوگ' هينئينءَ ريت بيان ڪئي آهي: 'ماضيءَ جي پسمنظر ڪانسواءِ حال تي لکڻ صحافي ٿيڻ آهي ۽ حال کي نظر انداز ڪري رڳو ماضيءَ جي اپٽار نصابي نقاد ئي ڪندا آهن. هڪ آدرشي نقاد هنن ٻنهي کان مٿيرو آهي.'

امر جليل کي ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ جيئن مون ڏٺو آهي، ان بابت چار اکر لکندس جيتوڻيڪ ان سان تنقيد جي ادبي اُٽاٽ ختم ته ڪا نه ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري خاصيت (Sense of Humor and Irony) کي سڀ کان وڌيڪ پسند ڪري ٿي. هو ڪل پوڳ ۾ ڪوڙو زهر پيارڻ جو استاد آهي. هنجي چرچي ۾ ويڙهيل چٿر اندر سنڌ جي صدين جي پيڙا جيئري جاڳندي نظر ايندي آهي ۽ سنڌ جي پڙهندڙن جي جذبات جي ترجماني ڪندي آهي. مناسب ٿيندو جيڪڏهن پڙهندڙ نموني طور هنجي فنڪارانا تنقيد جي ڪاري وار کي هڪ دفعو وري هتي پڙهن.

ايشيا جي مظلوم قومن سان سنڌ بہ ڌاڙن جو ديس رهي آهي. وقت جي وهڪري ڪيترين ئي ڌارين قومن کي سنڌ مٿان ڳجهن وانگي لامارا ڏيندي ڏٺو آهي. اهڙيءَ طرح صدين جي ڏکن ڌاڪرن سنڌين کي محروميءَ جي احساس ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جون نوڪريون. زمينون. واپار ۽ سرمايو سنڌين کان کسيو ويو آهي.

هن جذبي جي اپٽار 'اَمر' پنهنجي هڪ اوائلي ڪهاڻي 'عشق ۽ انٽرويو' ۾ هئين جاٽائي ٿو:

'ڪجهہ گنجا. نوڙها ۽ سياڻا ماڻهو نوڪري ڏيڻ کان اڳ بي روزگار. ڪنگلن ۽ بيوقوفن ماڻهن کان ڪجهہ حساب ڪتاب وٺندا آهن. انهيءَ حساب ڪتاب کي انٽرويو چئبو آهي.' انٽرويو ۾ ناڪام ٿيڻ ڪانپوءِ ڪهاڻي ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:

'انگريز مائي باپ منهنجي پيءُ کي نوڪريءَ ۾ ان ڪري نہ رکيو هو جو هو انگريزي نہ ڄاڻندو هو. مونکي توهان انڪري نوڪري نٿا ڏيو جو مونکي اردو نٿي اچي. چا ايئن نہ ناهي تہ انگريز سوٽ لاهي شيرواني پائي وري موٽي آيا آهن.'

'رج' جي عنوان سان لکيل ڪهاڻي ۾ سنڌ اندر پيرن ۽ مرشدن طرفان ڪيل هاچن جي پيش نظر پيرن جي ذهني جوڙجڪ بابت لکي ٿو:

'ڪلي ڪلي چريا ٿي پياسين تہ سنڌ جا ماڻهو پير ڪري پوڄيندا.'

ٻئي هنڌ:

'سنڌ ۾ هر ديوانو ولي ۽ ڪاني ڪرامت جو مالڪ ٿيندو آهي.'

سنڌ ۾ رائج ڦرمار واري نظام ۾ طبقاتي جدوجهد جو ذڪر ڪهڙي نہ وڻندڙ نموني ۾ ڪيو اٿس.

'منهنجي دل موهن جو دڙو' ۾ امر لکي ٿو:

'اسانجي شادي منهنجي پيءُ ۽ تنهنجي ڊيڊيءَ جي سماجي رتبن جي فٽ بال مئچ تي منحصر آهي. جنهن ۾ منهنجو پيءُ زخمي گول ڪيپر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضروري تاريخي حوالن ۽ ذاتي تخليقي مشاهدي جي مدد سان بدر ثابت ڪيو آهي تہ دنيا ۾ ادب ۽ تنقيد جو جديد فلسفو ترقي پسند حقيقت نگاري يا سوشلسٽ ريئلزم آهي. هن فلسفي تي بنياد ادب ئي اڄ جي دنيا جو عوام دوست، وطن دوست ۽ صحتمند ادب آهي. ان جو هڪ تاريخي ۽ سائنسي سبب تہ اهو آهي تہ انساني سماج جيئن جيئن ترقي ڪندو آهي تيئن تيئن ان جي ادب ۾ پڻ ترقي پسند تبديليون ايندڀون رهنديون آهن. ان ڪري جيئن تہ اڳهاڙي انسان واري اوائلي سماج، غلامي واري ظالم سرشتي، قديم قبائلي ۽ جاگيرداري وارن وحشي نظامن ۽ سرمائيداري واري اڻ برابري واري نظام کانپوءِ سوشلزم، عدل انصاف ۽ مساوات جو واحد مڪمل نظام آهي، ان ڪري اهڙي ڦرلٽ کان پاڪ نظام ۾ ادب جي ترقي پڻ هر لساني، ثقافتي ۽ ذهني استحصال کان پاڪ پوتر بنيادن تي ٻڌل هوندي آهي.

ان کان علاوه جيڪڏهن عقلي بنيادن تي بہ سوچجي تہ چسي حقيقت نگاري فوٽوگرافي جي برابر آهي. جيڪو ڪم انسان کان وڌيڪ بي جان ڪئميرا وڌيڪ ڪري سگهي ٿي. ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ سياسي حقيقت پيش ڪندي ڪنهن معاشري جي ماضي، حال ۽ آئيندي کي نظر ۾ رکڻ ضروري آهي. انسان پيدا ٿيڻ کان وٺي ترقي جي راهہ تي گامزن آهي ۽ ان سلسلي ۾ فطرت سان جنگ، خام خيالي خلاف جدوجهد ۽ وڌ کان وڌ ترقي ڪرڻ لاءِ مائل نظر اچي ٿو. ان ڪري اڄ جي انسان جو اهڙو نقشو جيڪو سندس ماضي جي پسمنظر ۾ تيار ڪيو ويو هجي ان کي ان ڪري مڪمل نہ سمجهبو، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ انسان پاران موجوده دور ۾ ڪيل ترقي نظر انداز ڪيل هوندي. ۽ جيڪڏهن ماضي ۽ حال جي روشني ۾ انساني سوچ جي ترقي جو جائزو وٺبو ۽ مستقبل ۾ انساني ترقي جي امڪانن آڏو اکيون ٻوٽيون وينديون تہ پوءِ ايئن چئبو تہ انسان کان سندس آئيندو لٽيو ڦريو ويو آهي، جيڪو دراصل سندس ترقي ۽ خوشحالي واري عظيم خواب جو آئيندو آهي، ان ڪري ڪنهن بہ سماجي حقيقت کي ان جي مستقبل ۾ مادي ترقي واري معراج کان جدا ڪري ڇڏڻ وڏي ادبي ويساهہ گهاتي ٿيندي. ڪنهن سماجي حقيقت کي ماضي، حال ۽ مستقبل جي روشني ۾ پروڙڻ ۽ پيش ڪرڻ کي ئي سوشلسٽ ريئلزم چئجي ٿو جنهن کي بدر پنهنجي ڪتاب ۾ ڪافي تفصيل سان بيان ڪيو آهي. سندس ڪتاب ۾ جيڪا نواڻ آهي ان جو هڪ هي سبب پڻ آهي.

هن ڪتاب ۾ ٽيون ڪارنامو جيڪو بدر ابڙي سرانجام ڏنو آهي اهو

آهي Massage آهي. جڏهن نمائندو (يعني بيجل) ساز کڻي راءِ ڏياچ وٽ پهچي ٿو ته ان کان سر طلب ڪري ٿو. تڏهن فرد کي اجتماع ۾ شامل ٿيڻ جي نيند ڏئي ٿو.

ڀٽائي فن جي تخليق لاءِ درد ۽ ڏانهن کي لازمي شرط سمجهي ٿو.

ڀٽائي نه صرف شاعر ۽ فنڪار آهي پر جانبدار رويا رکندڙ فلسفي به آهي. هومر صرف شاعر هو. ۽ افلاطون فقط فلسفي. پر ڀٽائي ۾ ٻنهي شين جو ميلاپ آهي.

ڀٽائي وٽ فن جو ڪارج واضح آهي. ڀٽائي فن براءِ زندگي جو قائل آهي.

ڀٽائي شاعري ۽ موسيقي کي سماج جي ترقي لاءِ سڌ جي طور استعمال ڪرڻ جو حامي آهي.

ڀٽائي ان راءِ تي تمام مضبوطي سان بيٺو آهي ته فنڪار هر حالت ۾ سماج ڏانهن جوابدار آهي. ڀٽائي فن کي سماج جي تبديلي لاءِ رهنمائي ڪندڙ ذريعي طور استعمال ڪيو آهي.

ڀٽائي جو سڄو رسالو جماليات. نسبت (Preparedness)، سڌ ۽ پرچار جو خوبصورت ڳانڍاپو آهي.

ٽريجڊي خوف ۽ ترس جي جذبن ۽ عزم کي اڀاري پڙهندڙن جي دلين کي ڇيڙجي، ڪٿارٽز Catharsis جو عمل پڙهندڙ کي تڏو ڪرڻ جو عمل آهي، جڏهن ته ڀٽائي ٽريجڊي کي عمل لاءِ تيار ڪرڻ ۽ همت ڏيارڻ جو عمل سمجهي ٿو.

ڀٽائي جي موسيقار واري حيثيت شاعر واري حيثيت کان اڳري آهي. شاعري سندس فلسفو آهي ۽ موسيقي سندس فلسفي جي وچور کي پڌرو ڪندڙ آواز ۽ زبان آهي.

ڀٽائي جا موضوع بظاهر سنڌ جون ڪهاڻيون آهن پر انهن جي پوئان سماجي ۽ معاشي جبر واري سماج ۾ انساني زندگي ۽ تصوف ڏنل آهي.

بدر ابڙي جي ڪتاب: تنقيدنگاري ـ ارتقائي جائزو
جي مهورت تي پڙهيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عشق جي انوکي ڪائنات

حُسنُ، عشق جي ڪائنات جو جنم سج آهي ۽ سج جي شعاع جا ترورا محبوب جا ماڻا آهن. هن جو رسڻ، سج ـ گرهڻ. هن جي منهن ـ موڙ چنڊ گرهڻ. هن جي مرڪ جڻ ڪنوڻ ۽ هن جو پرچڻ سر سارنگ آهي.

عشق جي ڪائنات واقعي انوکي آهي جنهن ۾ ماڻهو داخل ٿئي ٿو ته انسان ٿيو پوي ۽ پوءِ اناالحق جو نعرو هڻي خود خدا ٿيو پوي. عشق، عاشق ۽ معشوق ڪنڌ. ڪنارو ۽ تند جيان هيڪڙائي هيڪ ٿي راز و نياز، رسڻ ۽ پرچڻ، ناز ۽ انداز جي مام ٿيو پون.

عشق، انسان جو انتهائي فطري جذبو آهي، انسان جيڪو مرد به آهي ۽ عورت به. مرد ۽ عورت نالي مخالف جنس جي ڇڪ مان عشق جي اُساٽ پيدا ٿئي ٿي ۽ پوءِ خبر پوي ٿي ته هي انتهائي مقدس جذبو آهي عبادت جنهن جو ٻيو نالو آهي، اها عبادت جيڪا اصلي آهي، نقلي ناهي. "جان جان پسين پاڻ کي، تان تان نانهن سجودُ ـ وڃائي وجود تنهان پوءِ تڪبير چؤ" ـ وجود وڃائڻ واري وٿ. پاڻ ارپڻ وارو افعال، انا کي ختم ڪرڻ وارو ڏگ عشق بنا ٻيو ناهي ـ "نانگن ڪين نمائيو، نات نوايو نينهن".

شيڪسپيئر چيو اهو Servitude of love ٿي انجواءِ ڪرڻ واري چيز آهي، عشق ۾ غلامي، معشوق کي سجدو. حق آڏو متو ٽيڪڻ ـ "حقان حق ٿيوس. هئي طالب حق جي." اها ڪير هئي؟ اها سهڻي هئي جنهن کي "ڏَمُر پاسي ۾ ڏُکندو ۽ صحت وٽ سنگهار" هئي ـ اها سهڻي حق جي طالب هئي. اهو حق، جنهن کي اسان ناحق سمجهندا آهيون!! اسان "نهيل" کي "ڪريل" ڪوٺيندا آهيون. چي "فلاڻي، فلاڻي سان ڪريل آهي." دراصل هوءَ. هن سان نهيل هوندي آهي.

سو عشق، حق ۽ سچ آهي، ٻيو سڀ ڪوڙ آهي. دنياداري آهي. بزنس آهي. پاليٽڪس آهي. مذهب آهي. غير ماڻهپو آهي. شاهن جي شاعريءَ واري حُسن جي سؤ صورتن ۾ جيڪا صورت سڀ کان وڌيڪ موهيندڙ آهي، سو عشق آهي. عشق تي اسان وٽ بئن (Ban) پيل آهي. "عاشق" "ڪارو" ۽ "ڪاري" سڏجن ٿا. ڪُسي وڃن ٿا. پر عشق پوءِ به ٿئي ٿو. ڪاري ۽ ڪارو پوءِ به قتل ٿين ٿا ۽ پوءِ به عشق ڪيو وڃي ٿو.

هلي آ زمانا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر شيءِ ۾ ظاهر ٿي پئي آن

هي مجازي عشق آهي يا وحدت الوجود آهي يا وحدت الشهود آهي. ذات کي صفات ۾ ڏسڻ جي ڳالهه آهي يا الله کي اثباتي ڪرڻ جو فلسفو آهي. نه. هي سونهن جي سؤ صورتن مان حسن جي هڪڙي صورت آهي.

پر تصور ۾ اچا تائين اچين ٿي
ڊوڙ پائي
ڪنهن ابهري بار وانگر.

سونهن جي سؤ صورتن مان هڪڙي صورت سهڻي هٿڻ سان گڏوگڏ ڏاڍي چيندڙ ۽ ايذاءُ ڏيندڙ آهي:

تون منهنجي جيئڻ جو
رڳو ڏڌ آهين!!
تون مون لاءِ ناهين،
تون مون لاءِ ناهين.

لفظ هن درد کي ورلي بيان ڪرڻ جي سگهه رکن ٿا. هي مامرو رڳو سنڌي لفظن جو ناهي پر دنيا جي سيني ٻولين جا لفظ ڪنهن ڪنهن سُور کي سمجهائي نه سگهندا آهن ڇاڪاڻ ته لفظ ته رڳو ليڪا آهن ۽ انسان جي دردمند دل زندگي جي علامت آهي.

وقت جي پيرن ۾ پيڙا پيڪڙا
۽ وري جذبن ۾ جڻ مانار آ
عشق جون ريتون اهي ساڳيون پراڻيون
تهمتون سر تي کڻي ٿو جيئجي
حسن جي عادت اها ئي آ حجابي
پاڻ پڻ جهوريءَ انهيءَ ۾ ٿو جُهري.

حسن جي سؤ صورتن مان "تهمتن" واري پڻ هڪ صورت آهي -

"ڏهه. ڏهه پيرا ڏينهن ۾ _ ڏئي ڏوراپا ڏَم -
عقل. مِت. شرم . ٿيئي نينهن نهوڙيا."

تنهنجي سونهن جون سؤ صورتون
منهنجي تصور ۾ سجي ويون آهن
ڪڏهن هاڻي هوا جو رخ بدلبو
ڪڏهن تنهنجي ملڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڪلھن جي مُند ورندي؟

لڳي ٿو تہ تو بہ
بھارن ۾ مُرڪڻ
ڇڏي آ ڏنو.

---

وري تون وڃين ٿي
ڇڏي منھنجي اکين جون
پانھون ڪُليل.

---

چوان ٿو تہ لڪجي
انھيءَ مُرڪ تي
جا چيري ڇڏي ٿي-

---

تون تہ دل ۾
آن ڪُٺل
ڪنھن ٿنڀ وانگيان
پَڪَ جنھن کي مان وجھي
ان جي سھاري ٿو جيان.

سونھن جون ڪجھہ وڌيڪ صورتون شاھن جي شاعريءَ واري

ڪئنواس تي ڪجھہ ھي بہ آھن:
اڄڪلھہ ھر ھڪ ڏينھن
واندڪائي ۾ اڪيلائيءَ ۾ ٿو گذري
ان ڪري. جو
منھنجي ڪمن واري لسٽ ۾ .
رڳو تو سان ملڻ
لکيل آھي.

---

ھن دفعي سال جو
سيني کان ننڍڙو مھينو (فيبروري)
ڪيڏو وڏو ٿي ويو آ

تو سان ملڻ ئي نہ ٿيو آ_

-----

مان جيڪر
توکي نہ ئي ٻڌايان ها
تہ مان تو سان
پيار ڪيان ٿو_

هاڻي اچو تہ شاهن جي شاعريءَ جي پرک ڪريون. مٿي ڏنل شاعريءَ ۾ تہ هن رڳو پنهنجو عشق ئي نچايو آهي.

شاعري بابت شاهن جو نظريو هي آهي:

شاعر اهو ناهي
جيڪو شعر لکي سگهي
شاعر اهو آهي
جنهن کي شاعري
پاڻ سان گڏ وٺي هلي

منهنجي خيال ۾ هي شاهن جي شاعريءَ جي نظرئي کان وڌيڪ سونهن جي سؤ صورتن مان هڪ خوب صورتَ آهي.

حقيقت اها آهي تہ شاهن گهڻ_پاسائون شاعر آهي. هن ايٽمي ڌماڪي جي جشن تي بہ لکيو آهي، بجليءَ جي لوڊشيڊنگ تي بہ سندس هڪ نظم آهي، داخليت تي بہ هڪ خوبصورت نظم لکيو اٿس، هو ترقي پسند تحريڪ جي انساني زنجير جي هڪ اهم ڪڙي بہ آهي ۽ نظرياتي سياسي اڳواڻ بہ آهي. پر شاهن جي هڪ خاصيت ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سان بہ ملي ٿي جنهن کان هڪ دفعي پڇيو هئائون تہ: ڪامريڊ! "اوهان زندگيءَ ۾ ڪڏهن عشق بہ ڪيو؟". تہ هن وراڻيو هو تہ، "ها. مان پنهنجي زال سان عشق ڪيو آهي ۽ هن جي عشق ۾ شعر چوندو آهيان."

سو شاهن بہ پنهنجو پهريون شعري مجموعو پنهنجي گهر واريءَ "ارشاد" کي منسوب ڪيو آهي. سندس گهر واري جنهن شاهن کي پاڻ کان بہ سهڻا ٻار ڄڻي ڏنا آهن سا هر لحاظ کان ان جي اهل آهي تہ هن کي هي ڪتاب منسوب ڪيو وڃي. هن جي اچا بہ ان حوالي سان اهميت وڌيڪ آهي تہ هوءَ هڪ شاعر سان گهرو زندگي ڪاميابيءَ سان گهاري رهي آهي.

شاهن جي مطالعي ۽ مشاهدي، رياض ۽ داخليت توڙي معروضيت هن جي شاعري کي برابر بهتر بڻايو آهي پر اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ شاهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدائشي شاعر آهي.

Genetically, Shahan is a born_poet

اهو ان ڪري جو هن جا وڏا صدين کان مهين جي دڙي لڳ سنڌو درياءَ جي ڪنارن تي رهندي پنهنجي پنهنجي دور جا عالم، شاعر ۽ پيٿائي جا پارکو ٿي رهيا آهن. پلهڙيجي جا پيرزادا ان ڪري لئي مان لٽ پيچي شاعر نه ٿيا آهن. ڇاڪاڻ ته هنن جا وڏا ڳالهائيندا ئي منظوم نثر ۾ هئا. هن جي وڏڙن جا لکيل دستاويز سنڌ جي ميوزمن ۾ رکڻ جي قابل آهن.

شاهه محمّد جو والد جنهن جو ٿورو وقت اڳي لاڏاڻو ٿيو آهي تنهن جي نثري خطن ۾ به شاعري موجود آهي. شاهن جون ٻئي وڏيون ڀينر سنڌي شاعرائون آهن ۽ سندس والده کان اسان سيئي سنڌي ٻوليءَ جا چيدا اصطلاح ۽ چوٽيون ٻڌي، نوٽ ڪري ڪانفرنسن ۾ پڙهندا آهيون.

سندس اڄوڪي ادبي ڪاج تي آس ڪري سگهجي ٿي ته هو شاعريءَ جو ٻيو مجموعو پڻ سنڌي ادب جي علمي خزاني ۾ ترت شامل ڪرائي سگهندو.

شاهه محمد پيرزادي جي پهرين شعري مجموعي

"سونهن جون سئو صورتون" جي مهورت واري موقعي تي لکيل

18 آگسٽ 2003

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جي فوٽوگرافي!

هن جون فوٽو گرافڪ ڪهاڻيون سنڌ جي تصوير چٽين ٿيون. سنڌ، جيڪا وچولي ۾ آهي. ميداني علائقن واري سنڌ. جنهن ۾ پنجاهه ۽ سٺ واري ڏهاڪي ۾ شڪار هو. سنڌوءَ ۾ پاڻي جهجهو هو. زمينون آباد ٿينديون هيون ساريون سنگ ڪڍنديون هيون ۽ ساريال واري علائقي جو شاعر نما ڪهاڻيڪار روشن تنيو لکندو هو "هوءَ هُئي ٻه ڇا؟...... سارين جو نسري آيل سنگ. جنهن جي چانور ۾ ڳپ ته پئجي آيو هجي پر پختگي ۽ پڪائي اچڻ ۾ اڃا ڪي ڏينهن گهربل هجن. (اهڙي سنگ جي موسمي عمر ڪي "ڪيرو ڏڏر" جي نالي سان سڏيو ويو آهي) – لاليءَ جي رخسارن جو رنگ. اجهو اهڙيءَ ئي مند جو ماندائڻ پيدا ڪري رهيو هو" (ڪهاڻي "سرداري جي ڏيءَ"_ ص 191).

ڪتاب جي مهاڳ ۾ ملڪ آگاڻي لکي ٿو "هو (ڪهاڻيڪار) وڏيرو هو. پر گهڻو تڻو وڏيرڪي سسٽم خلاف ئي لکيو اٿائين".

سنڌ جي وڏيري واري ڪردار جي هن پهلوءَ تي تفصيلي اڀياس ڪرڻ جي ضرورت آهي. هتي "وڏيري" مان مراد "زميندار" آهي ۽ زميندار ماڻهوءَ جو سنڌ جي ٻهراڙين ۾ عام لوڪن سان گهرو واسطو هجي ٿو. شهري ليکڪن جي لکڻين ۾ هڪ اها به ڪوتاهي هوندي آهي ته سندن دنيا ۾ ٻهراڙيون بنهه ڪو نه هونديون آهن. ان ڪري هنن جي دنيا محدود هوندي آهي ۽ اها محدوديت وري ڪليل آسمان هيٺان وشال ڌرتي جي فطري حسن کان به وانجهيل هوندي آهي.

روشن جي ڪهاڻين ۾ ٻهراڙين واري سنڌ جي خوبصورت تصوير ان ڪري به چٽيل آهي. ڇاڪاڻ ته هن جو ماحول زميندار يءَ وارو هو. هر ليکڪ. چوندا آهن ته. اهي ئي ڪردار چٽيندو آهي جيڪي هن جي حقيقي زندگيءَ ۾ هن جي اردگرد گهمندا آهن. قرت العين حيدر جا ڪردار وڏ گهراڻا. دانشورانه. فيلسوفيانه ۽ اعليٰ طبقي وارا هجن ٿا جڏهن ته ڪرشن چندر جا ڪردار ڪوري، موچي، پان مانڊڻي وارا. بازاري ماڻهو. ڏتڙيل زائفون ۽ ڏوهاري مرد هجن ٿا. زميندار طبقي مان سرجي آيل سنڌي ليکڪن جي شاهوڪار ٻولي ۽ عوامي ڪردار هنن جي ماحول جو ثمر آهي. نسيم کرل ۽ عبدالڪريم پلي اهڙا به وڏا ڪردار آهن. اصل ۾ . سنڌي وڏيري جي ڪردار کي ڪابي ڌر جي سياسي ڪلچر ۽ ڌاري پربس رڳو منفي ڪري پيش ڪيو آهي. ڌاري پربس جو ته شايد ڏوهه ناهي ڇاڪاڻ ته "ڌريان ئي ڌار، جي ودي وڻ جدا ڪيا _ تن سُکن کهڙي

# مرڻا اڳي جي مُئا

پٺائي ڪان وني اياز تائين وارو دور جنهن کي سوڀو گيانچندائي خاص ڪري سنڌي شاعريءَ جي دنيا ۾ هڪ اونداهو دور سڏيندو آهي، تنهن ڪانپوءِ روشنيءَ جا جيڪي پهريان ڪرڻا نظر آيا رشيد ڀٽي انهيءَ جوت جو هڪ اولڙو هو. سنڌي ادب کي قديم روايتي رنگ ۽ ڍنگ مان ڪڍي ان ۾ ويهين صديءَ جي تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ صورتحال پٺاندڙ نوان رنگ ڀري، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي درد کي محسوس ڪري ترقي پسند ادب پيدا ڪرڻ واري جيڪا نئين تحريڪ هلي هئي، رشيد ڀٽي ان ادبي ڪاوش جو اڻٽوٽ انگ هو. ان ادبي دور کي اياز جو دور ڪري ليکجي ٿو.

رشيد ڀٽي ڇا هو. هن جون ادبي خدمتون ڪهڙيون هيون. هن سنڌ ۾ سماجي خدمت وارو فرض ڪيترو پورو ڪيو ۽ انقلاب جي راهه ۾ ڪيترو رڌل هيو. هن جا سياسي نظريا ڪهڙا هئا. هو ڪهڙين سياسي ذريعن سان گڏ رهيو ۽ هن سنڌي ڪهاڻي کي ڇا ڏنو. سنڌي صحافت ۾ هن جو ڪهڙو مقام هو. هن پاڪستان جي نهن ڪان وٺي گذريل چاليهن سالن دوران جنوني مذهبي ديوانن جون ڪيتريون ڄلهون برداشت ڪيون. هن جي شخصي زندگي ڪهڙي نموني گذري ۽ هو مذهب، جنس ۽ پاڪستان بابت ڪهڙو تصور رکندو هو. اهي اهڙا سوال آهن جن جا جواب معلوم ڪرڻ لاءِ خاص کوجنا ڪرڻي پوندي. ان لاءِ اسان سڀني کي گڏجي مطالبو ڪرڻ گهرجي ته "رشيد ڀٽي اڪيڊمي" نالي هڪ علمي ادارو قائم ڪيو وڃي جنهن جي مالي امداد ڪرڻ جو حق جيترو سنڌ جي نجي ادبي ادارن تي هوندو اوترو سنڌ حڪومت تي به آهي. اهڙي قسم جي "اڪيڊمي" سنڌي جي هيڏي وڏي ليکڪ جي لکڻين، ذاتي زندگي ۽ فن تي تحقيق ڪري سنڌي ادب جي تاريخ جي هڪ اهم ڪڙي کي محفوظ ڪري سگهي ٿي.

چون ٿا ته انگلستان ۾ شيڪسپيئر نالي هڪ شاعر تي تحقيق جي ڪم ڪرڻ لاءِ اٺ لک ماڻهو روزگار سان لڳل آهن جن جي ڪتنبن کي به سرڪار پالي ٿي ڇاڪاڻ ته اهو انگريزي ادب جي ابي تي ادبي ۽ تحقيقي ڪم ڪن ٿا ۽ اسان جي ٽرئجڊي اها آهي جو ڀٽائي جهڙي راڪاس جيڏي وڏي شاعر تي ڪم ڪرڻ وارن جو تعداد 800 به ناهي. ان صورتحال کي هاڻي هر صورت ۾ تبديل ڪرڻو پوندو. پوءِ جيڪڏهن سرڪار جو رويو سهڪاري ناهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادبي ست ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت ان راهه تي هلندو. سنڌي ادبي ست جو گڏجي، رلجي ملجي هلڻ ضروري آهي. "هيڪليون هلن جي، سي تاڪُن سندي توڙ" _ "ڏکيون جان نہ مڙن _ تان تان پنڌ نا ٿئي" _ سو ادبي ست کي ايڪو قائم ڪري اڳتي وڌڻو پوندو. جڏهن تہ ايڪو، ٻڌي يا اتحاد جنهن کي چئجي ٿو سو موجوده دور جو سڀ کان وڏو مسئلو آهي.

هن سلسلي ۾ آءُ رشيد ڀٽي جي نالي ۾ سڀني سنڌي اديبن، مختلف سياسي وابستگيون رکندڙ سنڌي ڪلاڪارن ۽ سنڌي ٻولي توڙي ادب جي خدمت ڪندڙ مڙني قلمي پورهيتن کي اپيل ڪندس تہ اهي بنا ڪنهن شرط شروط جي سنڌ جي قومي حقن ۽ مظلوم سنڌي طبقن جي نجات واري نقطي تي متحد ٿي وڃن. منهنجو ذاتي خيال آهي تہ سنڌي اديبن ۾ اقتدار جي ڪرسي جي هٻج ۽ ان لاءِ پاڻ ۾ جنڊا پٽ ڪرڻ واري بيماري جيڪا سياستدانن ۾ عام ٿئي ٿي سا اڃا نہ ڦهلي آهي، ان ڪري سنڌ ۾ سنڌي اديبن ۽ دانشورن جو اتحاد ممڪن لڳي ٿو.

پر ان لاءِ اسان سڀني کي پنهنجا رويا بدلائڻا پوندا ۽ ان لاءِ بنيادي تقاضا اها آهي تہ ڪنهن بہ سياسي ڌر سان وابستہ سنڌي اديب کي برداشت ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪيو وڃي. ڏنو وڃي تہ شڪل صورت ۾ ۽ ادبي صلاحيت جي لحاظ کان سڀ سنڌي ليکڪ هڪجهڙا آهن. "جيئن ڏنو آ مون"، "اونڌا اونڌا ويچ" ۽ "ڪاهوڙي ڪجن" تي مختلف سنڌي ڪتاب آهن، انهن جي معيار ۽ پيغام ۾ ٿورو گهڻو فرق ضرور آهي پر سنڌي ڪتابن جي دنيا ۾ انهن ٽنهي ڪتابن ۾ ايترو ويڇو ناهي جيترو ٽنهي ڪتابن جي ليکڪن ۾ آهي. يقينًا اها صورتحال افسوسناڪ آهي. بهرحال مان سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن سنڌي ليکڪن ۽ دانشورن جو حقيقي اتحاد قائم ٿي ويو تہ سنڌي سياستدان تمام سولائي سان هڪڙي پليٽ فارم تي گڏ ٿي ويندا. سنڌ جي اها هڪ حقيقت آهي تہ سڀ نالي وارا سنڌي سياستدان ادبي محاذ تان پيدا ٿيا آهن ۽ پلجي، پڙهي ڪڙهي وڏا ٿيا آهن. ان لحاظ کان سنڌي ادبي سنگت سنڌ سڀني سنڌي ڪلاڪارن توڙي سياستدانن جي ماءُ آهي، اچو هن پليٽفارم تي جمع ٿيون، ان کي صحيح معنيٰ ۾ قومي ۽ جمهوري ادارو بڻايون ۽ تخليق کي جنم ڏيون. اهڙو ڪم ڏسي، مون کي ڪ آهي تہ رشيد ڀٽي جو روح بهار ٿيندو. رشيد ڀٽي اسان ڏي پري کان واجهائي رهيو آهي، هو مري نہ ويو آهي، جيئرو آهي. ڪلاڪار، فنڪار ۽ تخليقڪار مرندا ناهن.

"مرڻا اڳي جي مئا، مري ٿئا نہ مات."

سنڌ جي هڪڙي وڏي ڪلاسيڪي صوفي عالم "دريا خان فقير" جو چوڻ آهي ته:

اڇڻ وڃڻ جي
جي لذت ڪارڻ
مِنهن موت جو ڪري،
ڪير اتي تو وهي،
سالڪ سمجهن راز انهيءَ ڪي.

سو دراصل مادو پنهنجي صورت ٿو بدلائي. جنهن کي هندو مت ۾ "جوڻ متائڻ" چون ٿا ۽ مسلمان صوفين به ان کي ساڳي فيلسوفياڻي نموني ۾ پيش ڪيو آهي، سبب موت جو رَچيو ويو آهي. وري موت کان اڳي مرڻ ۽ جيئڻ کان اڳي جيئڻ وارو فلسفو ڏئي پيٺائي موت تي انقلابي طرز جي جيڪا شاعري ڪئي آهي ان لحاظ کان ڏسجي ٿو ته عظيم ماڻهن ۽ شهيدن جو "موت" "حيات" هوندو آهي ۽ جدوجهد جي هڪ خوبصورت منزل جو نالو هوندو آهي:

جي تون ڪالهه مُئي
ته ڪالهه ئي گڏي پرينءَ کي
ڪڏهن ڪا نه سُئي
ته ڪا سگهي گڏي سڄڻين. (پيٺائي)

18 فيبروري، 1988ع
س-ا-س ڪراچي پاران رشيد ڀٽيءَ جي
وفات تي ڪيل تعزيتي پروگرام ۾ پڙهيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنائيءَ جي لفظن ۾ :
پنيندي سائي،
جنهن سور پڏايو سندرو،
ٻي هر ڪائي،
هٽندي هٿ ميار جا،

سو محمد علي پناڻ جي شاعري ميار لاهڻ واري ڪاوش ڪانهي،
چئي ٿو:
مٿل آتمائون،
شعورن جا شمعدان نہ ٻاريندڀون آهن
۽ عقل جي جڏن کي،
ڪنڌن ڀري هن راهہ کي،
طئي ڪرڻ جو ڪو بہ ڏس نہ ٻڌائيندڀون آهن
اُهي تہ فقط قبرن جي ئي قيد ۾
اونداهيون ۽ ڏپ،
ڦهلائينديون آهن!

جيئري جاڳندي آتما وارو نئون شاعر لفظن جي جادوگريءَ کان بہ واقف ٿو ڏسجي تہ خيال کي چڙو چڙ ٿيڻ کان بچائي هڪ سنگم ۾ آڻڻ جو بہ مشاهدو رکي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو محمد علي پناڻ جا نظم هر نئين شاعر وانگر ڪچا ڦڪا آهن:

مٿي آڪاش تي،
اڏامي رهيا آهن،
سوبت ڪبوتر
۽ عقابن جو ڪو نالو نشان بہ، ڪونهي ڪو،
پر هي اوچتو ئي اوچتو ڇا ٿي ويو
عقابن جا لشڪر ڪٿان آيا،
۽ ڪبوتر ڪيڏانهن ويا؟؟
آسمان تي تہ صرف،
ڪنپ ئي ڪنپ جهومي رهيا آهن،
۽ هوائن جي ڪلهن تي،
آهستي آهستي هيٺ اچي رهيا آهن،

........
هيٺ ڌرتيءَ تي،
وقت پنهنجي پاڪر ۾،
بارود لڪائي،
تيزيءَ سان ڊوڙي رهيو آهي.
پتو ڪونهي تہ ڪهڙي موڙ تي،
پهچي ڪري،
هو پنهنجي پاڪر مان،
اهو بار لاهيندو،
۽ هر چرندڙ پرندڙ جيوَ جو،
ڪو بہ اهڃاڻ،
نہ رهندو ڌرتيءَ تي.
..........
وقت جي پاڪر مان،
بارود ڦري وٺو او لوڪو......!
نہ تہ هي ڪائنات ۽ سندرتا
اهڙي زوال ڏانهن وڌي ويندي.
جنهن کي اسان / توهان
ڪا بہ طاقت روڪي نہ سگهندي!

محمد علي پناڻ جي بلڪل پهرين ۽ ابتدائي شعرن کي پڙهي مونکي محسوس ٿئي ٿو تہ هو ڪهاڻيڪار کان وڌيڪ هڪ سريلي ۽ رس ڀرئي شاعر جو من رکي ٿو. هن جي شاعريءَ ۾ جيڪڏهن ڪي اوڻايون آهن بہ تہ انهن کي تنقيد جي ڇڻ اکرن کان وڌيڪ هن جو مطالعو مشاهدو ۽ ذهني پختگي درست ڪندي. اها مونکي انڪري بہ پڪ آهي ڇاڪاڻ تہ جنهن جي شروعات خوبصورت آهي، اهو اڳتي هلي وڌيڪ خوبصورت ٿي سگهي ٿو. شاعر شعر لکندو آهي لوڪ اهي شعر پڙهندو آهي ۽ پنهنجي پيڙا شاعر جي لفظن مان ڳولي ڦولي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. نقاد وري انهن شعرن کي وڌيڪ موهيندڙ ۽ دل ربيائيندڙ بنائڻ لاءِ صحتمند رهنمائي ڪندو آهي.

مان هن وقت محمد علي پناڻ کي هڪ نئين شاعر طور متعارف ڪرايان ٿو. ٿي سگهي ٿو ريڊيو پاڪستان تان نشر ٿيندڙ ادبي رسالي جي اها هڪ اڻ وسرندڙ خدمت ليکي وڃي ۽ سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ محمد علي

پناڻ جو نالو جيستائين زنده رهندو. تيستائين هن پروگرام کي ياد ڪيو ويجي. هينئر ڪانپوءِ نقادن جو ڪم آهي تہ محمد علي پناڻ جي فن. تخيل گهاڙيٽي بولي ۽ شاعراڻي ذات کي گهرائيءَ سان پرکين ۽ تنقيدون ڪري. هن نئين شاعر جي رهنمائي ڪن.

محمد علي پناڻ گذريل ٿوري عرصي کان شاعري ڪئي آهي. جا اجا ڇپائيءَ هيٺ بہ ڪا نہ آئي آهي. هن جا ڪيترائي خوبصرورت نظم شايد في الحال پڙهندڙن جي ڪنن تائين نہ پهچي سگهن. چاڪاڻ تہ آواز هوائن جي لهرن تي سفر ڪندا آهن ۽ هوا جون لهرون ڪڏهن ڪڏهن ڪک ڪانا ۽ ڇتيل پن تہ اڏائي سگهنديون آهن پر آواز کي چوري نہ سگهنديون آهن ۽ لڳندو آهي تہ اهي آواز ۽ لفظ. جملا ۽ شعر پٿر جي چپ وانگي ڌرتي سان چهٽيا پيا هوندا آهن. محمد علي پناڻ جا ڪجهہ نظم جهڙوڪ "بيروت". "عجوبا" ۽ "تضاد جي ليڪ" وغيره پڙهي نئين سنڌي شاعريءَ تي ربس اچڻ لڳي ٿي.

(انور پيرزادي نئين ٽهيءَ جي شاعر محمد علي پناڻ جو هيءُ تعارف 1982ع ۾ لکي ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جي هفتيوار ادبي پروگرام "رسالو" ۾ ان وقت پڙهيو هو. جڏهن محمد علي پناڻ جي شاعري اجان ڇپائيءَ هيٺ نہ آئي هئي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غير فطري آهي. اهو ادارو عورت کي ازل تائين غلام بڻائڻ لاءِ وجود ۾ آيو آهي. جنس يا سيڪس انسان جي فطري جُبلت آهي ۽ اهڙو انسان مرد بہ آهي تہ عورت بہ آهي. ان ڪري عورت توڙي مرد آڏو جنس تي ڳالهائڻ يا لکڻ ايئن آهي جيئن گهر ۾ رڌ پچاءَ بابت گفتگو ڪجي يا لکجي، وغيره وغيره. غفور ميمڻ جي ڪهاڻيءَ، ”جتي نينهن اُجل“، جو محور اهو ئي آهي جنهن کي هن سائنسي فڪشن جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي.

پر پوءِ اوچتو اهي آدرش ۽ ذهني ڪيفيتون ايئن ڪافور ٿي ويون جيئن سويت يونين ٽڪاءُ ڏئي ٽٽي پيو. انهيءَ ڌماڪي ڪانپوءَ نئين ٿهيءَ جي ڪهاڻيڪار جون في الحال اکيون لٽ سان آراڻجي چڪيون هيون پر پوءِ جڏهن هن اکيون کولي ڏٺو تہ هن پاڻ کي اهڙي دنيا ۾ چوڪنيو بڌل پاتو جنهن ۾ اندر مان نڪتل اڌمي کي پهرايل لفظن واري وبس کي ٽڳڙيون ٽڳڙيون ڪيو ويو هو. ڳالهائڻ ۽ لکڻ وقت سماج اهڙي ڪنهن بہ لفظ کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو، جنهن کي ڪپڙا پاتل نہ هجن. اگهاڙا لفظ ۽ ننگا آواز ادب ۽ سنگيت ۾ ڪارا ڪوئيا ويا ۽ اهڙي طرح لفظن ۽ آوازن کي اڇي رنگ جي ڪپڙي جو ڪفن ڏئي هنن کي هميشہ لاءِ دفن ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي.

سو غفور ميمڻ: دنيا جي انهيءَ تاريخي الميي جو هڪ زنده شهيد آهي. هن کي جمندي جيڪا تعليم ڏني وئي، وڏو ٿيندي سماج ان تي عمل ڪرڻ واري سرگرمي تي بندش وجهي ڇڏي. آزاد خيالي، آدرشي دنيا، استحصال کان پاڪ معاشرو، اوچ نيچ بنا سماج نگري، عورت ۽ مرد جو آزادانہ ميلاپ، پازيٽو ۽ نيگيٽو جو ميلاپ جنهن مان مادي پنهنجي صورت تبديل ڪري سنڌ جي نئين ٿهيءَ جي نئين نڪور ڪهاڻيڪار جي شڪل ۾ وجود ورتو هو. ان کي عالمي تبديليءَ ڪانپوءِ حلالي ادبي بارُ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو ۽ صديون پراڻو جاگيرداريءَ وارو سماج ڏکهي سوپي مان جاڳي مارڪس ۽ اينگلس جي ڏنل تعليم واريون سليٽي پٽيون ڳولي ڳولي پيڃڻ لڳو.

اهڙي سماجي ماحول ۾ غفور ميمڻ ڪهاڻي، ”آس ۽ نراس“، لکي جنهن جي چوديواري اندر هڪ چڪلو هو. جيڪو پڻ صديون پراڻو سماجي وايو منڊل سڏجي ٿو. هن لکيو تہ، ”سندس مُرڪ ۾ هڪ طنز هئي۔ زهريلي طنز جو تہ سماج هنن کي غليظ ٿو سمجهي۔ تہ هو بہ اتي اچڻ وارن کي غليظ ٿيون سمجهن. بلڪہ هو شريف زادن کي پنهنجو محتاج ٿيون سمجهن، جيڪي ٻاهر سماجي قدرن جا رکوالا آهن ۽ اندر ۾ اهڙا ئي ڪميڻا آهن.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غفور ميمڻ موجوده سنڌي سماج تي وڏيون جلُهون ڪيون آهن ۽ انهيءَ جي غير انساني ڪردار ۽ ماهيت تي تُڪ اچلائي مذمت ڪئي آهي. هن هڪ مفڪر جو حوالو ڏيندي لکيو آهي ته. "زندگي ته محبت ڪرڻ لاءِ به اڻ پوري آهي. ماڻهو خبر ناهي ته نفرت ڪرڻ لاءِ ٽائيم ڪٿان ٿا آڻين." (ڏسو صفحو 81). پر غفور ميمڻ ان تي بحث ڪيو ته هن جي وات تي هٿ ڏنو ويو ۽ ڪيس زوري خاموش ڪري هڪ طرفي فتويٰ ڏني وئي ته هن جي ڪهاڻي ۾ عرياني آهي. فحش نگاري آهي. جيسي آدرش جي ڳولا ۽ پيتڪڻ ڪانسواءِ هن جي ڪهاڻين ۾ ٻيو ڪجهه ناهي.

مون کي اميد آهي ته غفور ميمڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جا هن جي ٿهيءَ وارا ٻيا جديد ڪهاڻيڪار عالمي سياسي تبديلين واري لٽ سان اوراٽيل اکيون اُگهي ٻيهر سنڌ کي ڏسندا ۽ ماديت جي جدلي نوعيت واري فڪر کي سهيڙي ميڪانوي يا مڪئنيڪل مارڪسزم کي ڇڏي زندگيءَ جي حقيقتن سان آمهون سامهون ٿيندا ۽ انهيءَ سنڌ جي تصوير چٽي پنهنجي پڙهندڙن کي ڏيکاريندا جيڪا هن وقت وجود رکي ٿي.

اهڙي طرح هو عوام جي به رهنمائي ڪندا ۽ پاڻ کي به صحيح دڳ لائيندا. ڇاڪاڻ ته آدرشن واري دنيا هڪ تصوراتي آس آهي ۽ حقيقي دنيا اڄ جو سچ آهي، جيڪو ڪڙو به آهي. اگرو به آهي ۽ ان لائق به آهي ته ان تي بحث ڪجي. باقي زندگيءَ جي ازلي تقاضا برابر اڳتي وڌڻ آهي. ان ڪري اڳتي قدم وڌائڻ انسان جي تخمر جو اٽوٽ انگ آهي. پر اڳتي وڌڻ لاءِ اوسي پاسي ڏسي وائسي قدم کڻڻو پوندو ته جيئن فطري زندگي سان ٽڪراءَ سبب ڪو ٿابو نه اچي وڃي.

غفور ميمڻ هڪ ڪهاڻيءَ ۾ خوب لکيو آهي ته. "دنيا ۾ اهڙي ڪا به سگهاري ٻولي ڪانهي جيڪا انسان جي ڏکن ڏاکڙن کي مڪمل طرح بيان ڪري سگهي." اهو برابر سچ آهي پر پوءِ به هر ڪهاڻيڪار جو فرض ٿئي ٿو ته هو اها ٻولي ضرور سکي وٺي جيڪا عوام جي ڏکن ۽ ڏوجهرن کي بيان ڪرڻ ۾ تڪميل جي دعويدار هجي. ان سلسلي ۾ غفور ميمڻ ۽ هن جي ٿهيءَ وارن ٻين ڪهاڻيڪارن کي سخت محنت ڪرڻي پوندي. هي نسل جنهن ماحول ۾ رهي ٿو ان ۾ انگريزي ۽ اردو ٻولين کي بالادستي حاصل آهي. سنڌي ٻوليءَ جا پراڻي ٿهيءَ وارا ليکڪ عربي ۽ فارسي کان متاثر هئا ۽ اسان جون نئون نسل انگريزي ۽ اردوءَ جا لفظ اڇاري ٿو، جنهن ڪري هنن جي زبان ڏندن وچ ۾ اچيو وڃي ۽ ڪاڪڙو پنجڻ لڳي ٿو. پر ڇا ڪن، هنن کان اها سنڌي ٻولي وسري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وئي آهي جيڪا عام سنڌي لوڪ ڳالهائين ٿا يا جيڪا ٻولي پٺاڻيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪئي هئي. اڄ جا ڪجهه نقاد چون ٿا ته پٺاڻيءَ جي ٻولي متروڪ ٿي وئي آهي پر منهنجو خيال آهي ته اسان ليکڪن جي ٻولي متروڪ ٿي وئي آهي، جڏهن ته پٺاڻيءَ جي ٻولي اها ئي آهي جيڪا ٿر. ڏيلٽا. ڪوهستان. ڪاڇي، درياهي ڪڇي، سِري، وچولي ۽ لاڙ ۾ عام لوڪ ڳالهائين ٿا. ڪنهن کي اعتبار نه اچي ته گهران نڪري انهن علائقن ۾ وڃي ۽ پوءِ موٽي اچي ان تي بحث ڪري.

مان ڪهاڻيڪار ناهيان ۽ غفور ميمڻ جي ڪهاڻين واري ڪتاب جون صرف چار ڪهاڻيون پڙهي سگهيو آهيان. انهن چئن ڪهاڻين ڪي، "وڻ ڏٺو. شهر ڏٺو". جاڻي هي چند سٽون لکيون اٿم. ان ڪري منهنجي لکڻيءَ کي منهنجي ذاتي راءِ يا وڌ ۾ وڌ ڪو تنقيدي ادبي بحث ئي سمجهيو وڃي ته مهرباني.

سنڌي ادبي سنگت گلشن حديد پاران غفور ميمڻ
جي ڪتاب تي ٿيل تقريب ۾ پڙهيل

### مري وڃڻ کان اڳ ۾ تنهنجي چانوَرِ ميڙيان ڀير

## موت ته ڪوئي مهڻو ناهي!

ڪي ڪي سٽون اهڙيون ٿينديون آهن جن کي سمجهڻ، پروڙڻ، منجهن لڪل سوز ۽ پيڙا کي محسوس ڪرڻ لاءِ دل چوندي آهي ته جيڪر هڪ وڏيڪ جنم ملي سگهي ته انهن سٽن کي وري وري پڙهجي. وري وري مرجي ـ ڇو ته موت پلا مهڻو ته ناهي.

هي سٽون پڙهي منهنجي ته دل الائي ڇو ايئن ٿي گهري. اها خبر ناهي ته مير محمد پيرزادي جو اندر اڏ ڪري جڏهن هي سٽون نڪتيون هونديون ته هن تي ڇا گذري هوندي.

ويجهڙائي ۾ مير محمد سان منهنجي هڪ ملاقات ٿي، ان وقت مونکي ياد آهي ته هن چيو هو ته ”مان جيئري ئي جوڻ مٿائي چڪيو آهيان“. مير محمد جي جوڻ مٿائڻ جو فلسفو مونکي اڄ سمجهه ۾ آيو آهي جڏهن هن جون مٿيون سٽون وري پڙهيون اٿم ـ فنڪار جڏهن جذبن جي وير چڙهندي لکندو آهي ته ڪو ٻيو هوندو آهي ۽ جڏهن اها سانوڻي درياءَ جي زوردار وير جهڙي جذبن جي وهڪ مانئي ٿيندي آهي ته هو ڪو ٻيو ٻڻجي ويندو آهي. اهڙي طرح فنڪار خالق به آهي ۽ مخلوق به. لکندڙ به آهي ۽ پڙهندڙ به. مان سمجهان ٿو ته جڏهن هن هي سٽون لکيون هونديون، ان وقت ته هو ڪو ٻيو هوندو. پر پوءِ جڏهن هن انهن سٽن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي ته ان وقت هن جوڻ مٿائڻ ضروري سمجهيو هوندو. ۽ هڪ خالق جي حيثيت ۾ هن جنم جنم جا چارا اورانگهي ڪنهن ٻئي روپ ۾ اچي اهي سٽون پڙهيون هونديون.

مير محمد سنڌ جي نون ترقي پسند شاعرن ۾ شامل ٿئي ٿو. هن سان شام ملهائڻ ۽ هن جي فن تي لکڻ جي ڪوشش ڪري مون ۽ سنڌي ادبي سنگت سڪرنڊ هتي جي پراڻي روايت سان بغاوت ڪئي آهي. اسان جا نوان شاعر ۽ اديب اڃا حال حيات آهن. هنن جي قلم مان مس اڃا ڪا نه ڪٽي آهي. هنن جي ذهني ارتقا اڃا وڌي رهي آهي ۽ ڪنهن هڪ هنڌ نه بيٺي آهي، پر اسان جي ماضي جا عظيم شاعر ۽ ليکڪ جيڪي اسان کي پنهنجو سڀ ڪجهه ڏئي هليا ويا آهن ۽ جنهن کي اسان پنهنجي ماضي جو ورثو سمجهون ٿا. اسان اڃا انهن تي به ڪو نه لکيو آهي، اسان پيٽائي جي ذات تي به ڪا ڪوجنا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪئي آهي، اياز اڃا بہ وچونءَ جي ڏنگ ڪان مضبوط هڪ پهاڙ ٿيو بيٺو آهي، امداد، تنوير، امر علي بابا ۽ آغا سليم تي الائي ڪهڙن جنمن ۾ لکيو ويندو. ان صورتحال ۾ مير محمد جي فن تي لکڻ وقت مونکي ايئن ٿو لڳي ڄڻ تہ مان هڪ ڪتاب پڙهي رهيو آهيان، جنهن جا پهريان صفحا تہ سمجهہ ۾ نہ اچڻ ڪري اٿلائي ويو آهيان. البت وچ وارا صفحا ڌيان ڏئي مطالعو ڪري رهيو آهيان.

مير محمد جي شاعري ۽ سنڌ جي هر نئين ترقي پسند شاعر جي شاعري مونکي مهين جي دڙي جي اسٽوپا لڳندي آهي، پري ڪان مهين جي دڙي جو صرف اسٽوپا ئي نظر ايندو آهي، ويجهو اچڻ ۽ کوجنا ڪرڻ ڪانپوءِ خبر پوندي آهي تہ هي اسٽوپا پنج هزار ورهيہ پراڻي تاريخي ديبل ورٺي مٿان اڏيل نئين عمارت جو اهڃاڻ آهي، پوءِ اسٽوپا کي سمجهڻ ۽ ان بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ جز ڪان وٺي ديبل مهين جي دڙي جي پنج هزار ورهيہ پراڻي تاريخ جو مطالعو ڪرڻو پوندو آهي.

اهو منهنجو ويساهہ آهي تہ جيئن تہ اسان جي هيءَ شاعري اسان جي عظيم ماضي واري ورثي تي ٻڌل آهي، ان ڪري ان جو بنياد عظيم آهي ۽ ان ۾ انيڪ اهڙيون خوبيون آهن جيڪي تيستائين معلوم ٿي نہ سگهنديون جيستائين مهين جي دڙي جي پنج هزار ورهيہ پراڻي ٻولي نہ ٿي پڙهي وڃي ۽ پٿائي جي فن تي کوجنا مڪمل نہ ٿي ٿئي.

سنڌ جو ڄاتل سڃاتل شاعر مير محمد پيرزادو خانداني شاعر آهي، هن جو والد صاحب ميان رحمت الله پيرزادو پنهنجي صوفياڻي دور جو لذيذ رومانوي شاعر هوندو هو. مير محمد جي شاعراڻي طبيعت جيڪا هن کي ورثي ۾ ملي هئي، ان هن کي راڳ ڏانهن مائل ڪيو. شخصي طور تي مونکي خبر آهي تہ مير محمد ڏينهن جا ڏينهن ۽ راتين جون راتيون راڳ ٻڌڻ ۾ گذاريندو هو. سنڌ جي ديسي سرن ڪان هن کي ايتري واقفيت هوندي هئي جو چڱن ڳائڻن ڪان سرن مان چڪون ڪڍي ڏيکاريندو هو.

مير محمد ان وقت ڪان وٺي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ اها شاعري گهڻو تڻو علم عروض تي ٻڌل هوندي هئي. ان وقت هو مونکي پنهنجا بيت پڙهي ٻڌائيندو هو جيڪي بنا شاعر جي نالي ٻڌڻ جي، مان مخدوم طالب المولىٰ جا لکيل سمجهندو هوس. ان قوت مونکي شاعري ذهني ماليخوليا لڳندي هئي، گرم رت هو، شايد زندگيءَ اڃا ڇهندڙي نہ وڌي هئي.

مير محمد جي شخصي زندگي تي هنن ٻن اکرن لکڻ جو مقصد اها

موت تہ ڪوئي مهڻو ناهي!"

هن سٽن تي هڪ دفعو وري سوچجي. اندازو ٿي ويندو تہ موت مهڻو ڪيئن ناهي. فنڪار نعريبازي کان پري ٿي صرف اهڙي انداز ۾ ئي پڙهندڙ تي جنمن تائين تاثر ڇمائي سگهي ٿو.

سنڌي ترقي پسند شاعريءَ جي هڪ وڏي خاصيت اها آهي تہ ان پنهنجي ماضيءَ سان پنهنجو ناتو جوڙي رکيو آهي. مير محمد جي شاعري هن ڏس ۾ هڪ قدم اڳتي آهي. بيت ۽ وائي جهڙين نيٺ ڪلاسيڪي صنفن کي مير محمد ڪافي مناسب نموني نڀايو آهي.

بهرحال مير محمد جي شاعريءَ ۾ عروضي، ڪلاسيڪي ۽ پابند شاعريءَ جي اثر جي باوجود هن جو جيڪو تخليقي مادو آهي اهو هن جي شاعريءَ مان اباڪ ڪيو باهر نڪريو اچي. چئي ٿو:

منهنجا گيت اباڪون نڪرن.
سانت جي سيني منجهہ هُرن.

مير محمد جديد انگريزي شاعريءَ مان ورتل صنفن تي بہ قلم ڪنيو آهي ۽ هائڪو، ترايل ۽ آزاد نظم بہ لکيو اٿس. پر جنهن انداز سان هو گيت لکي سگهي ٿو، ان جو هرڪو نئون يا پراڻو شاعر مقابلو ڪري نٿو سگهي.
سندس گيت جو هڪ بند پڙهو:

اڪڙيون اڃايون،
پنڌڙا پڇايون،
انهيءَ لئہ نہ تو سان اسان پيچ پايا،
وري ڪڪر ڇايا، پرين ياد آيا.

مير محمد سان مونکي صرف هڪڙي شڪايت آهي ۽ اها شڪايت نہ رڳو مير محمد پر سيني سنڌي شاعرن سان هوندي اٿم.

اها شڪايت هي آهي: اسان جا سنڌي شاعر دنيا جي عظيم شاعرن کان صرف هڪ ڳالهہ ۾ پوئتي رهجي ويا آهن. (هنن کي پنهنجي ڌرتي بہ آهي، پنهنجا ماڻهو بہ آهن ۽ پنهنجي املهہ ٻولي بہ آهي) اها ڳالهہ هي آهي تہ سنڌي شاعر عوامي هلچل سان ويجهو ڳانڍاپو رکڻ ۾ ناڪام ٿيا آهن.

سچو فنڪار اهو آهي جيڪو انساني تاريخ جي ترقي پسند تقاضائن کي سمجهي. انساني ارتقا جي واڳ وٺي هلي ۽ عوام جي تحريڪن سان پاڻ کي ڳنڍي ڇڏي. گورڪي چيو هو تہ "هٿيار بند ٿيڻ کان اڳ ذهنن کي هٿيار بند ڪرڻ ضروري آهي". هن مان صاف ظاهر آهي تہ هو فنڪارن، ادبين ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعرن کان عوام جي ذهنن کي هٿيار بند ڪرڻ جي توقع رکي پيو.

چلي جو عظيم شاعر پبلو نرودا مرڻ گهڙي تائين چلي جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر رهيو. جيولس فيوچڪ چيڪو سلاويڪيا عوام جي ڪميونسٽ هلچل ۾ هنن سان گڏ رهيو. اهڙي طرح دنيا جا سڀ ترقي پسند فنڪار پنهنجي عوام جي انقلابي ۽ قومي جدوجهد سان گڏ رهيا آهن. عوامي هلچل ۽ تحريڪن سان ويجهي رهڻ ڪري هنن جي فن تي ڪڏهن به جمود نه آيو. هو عوام کان اتساهه وٺي لکندا رهيا ۽ جيئن ته تاريخ جو فيصلو آهي ته ارتقائي طور عوام جي تحريڪ اڳتي ئي وڌندي رهي آهي. اهڙي طرح انهن فنڪارن جو فن پڻ وڌندو ئي رهيو آهي.

عوام کان ڪٽيل اديب ۽ فنڪار محدود دائري ۾ فن کي ڦيرائيندو گيرائيندو رهندو. نتيجو اهو نڪرندو ته هن جي فڪر جا ساڳيا پهلو وري وري پيش ٿيندا رهندا. هن جا ڪردار وري ساڳيا موٽي ايندا ۽ هن جا لفظ وري وري پيا استعمال ٿيندا. فنڪار کي نئين سر نوان ڪردار، خيال ۽ لفظ تڏهن ملي سگهندا جڏهن هو عوام جي نئين سر نئين ۽ سدا حيات هلچل جو سات ڏيندو.

مير محمد پيرزادي سان سڪرنڊ ۾
ملهايل رهاڻ جي موقعي تي پڙهيل

# سنڌي ترقي پسند ادب تي اگھاڙپ جا الزام ڇو؟

اڄ سنڌي ترقي پسند ادب ۾ جنسي رجحان واريون ڪھاڻيون وڌي رهيون آهن. عالمي جديد ادب جي موجوده تاريخ ۾ اسانجا اديب ۽ ڪھاڻيڪار پاڻکي نشانير ڪري هڪ مقام پيدا ڪري رهيا آهن ۽ هو ڪافي حد تائين ڪامياب بہ ٿيا آهن. پرانجو سنڌي پڙهندڙ تي هڪ عجيب ردعمل ظاهر ٿيو آهي، جنهن لاءِ ڪيترن ئي لکندڙن کي شڪايت آهي تہ سنڌي پڙهندڙ اسانجون ڪھاڻيون هضم ڪري نٿو سگھي. پڙهندڙ، اسانجي برک ليکڪن جي شاهڪارن جي موت ۾ گاريون لکي ٿو موڪلي ۽ ترقي پسند ادب تي فحش نگاري جو ليبل هڻي رکي ٿو ڇڏي.

هن مسئلي جي ادبي ۽ تنقيدي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ کان اڳ ڏسجي تہ سنڌي پڙهندڙن ۾ ڪھڙن طبقن جا ماڻھو آهن. جيڪي سنڌي ترقي پسند ادب کي فحش نگاري سمجھن ٿا؟ تلهي ليکي هڪ گروهہ آهي عام پڙهندڙن جو، جيڪو رڳو پڙهي وڃڻ جيترو پڙهيل آهن. طبقاتي طور هڪ گروهہ هيٺين ۽ هيٺين وچولي طبقي سان تعلق رکي ٿو. ٻيو گروهہ جيڪو سنڌي ترقي پسند ادب تي ڪاوڙيل آهي، اهو سنڌ جو گھڻو پڙهيل ڪڙهيل نالي ۾ دانشور ۽ پاڻکي عالم ۽ فاضل ڪوٺائيندڙ جاهل آهي. ٽئي گروهہ سنڌ جي ترقي پسند ادب کان نفرت ڇو ٿا ڪن، انجا ڪيترائي سماجي، نفسياتي، سياسي، اقتصادي ۽ مذهبي ڪارڻ آهن.

پهرين ٻوئين گروهہ جي ذهني جاگرافي کي ڏسجي تہ هو سنڌي ترقي پسند ادب جو مخالف ڇو آهي. فحش نگاري جا الزام ڇو ٿو هڻي؟ ڇا هو ترقي پسند ادب کان وڇڙائيءَ ۾ باغي ٿيو آهي يا انجو ازلي دشمن آهي.

درحقيقت دنيا جي ادبي تاريخ ۾ ترقي پسند ادب هڪ تحريڪ تي اڀريو آهي. هند-پاڪ اپکنڊ ۾ هن تحريڪ 1936ع ڌاري گڏيل هندستان جي ادبي حلقن ۾ جنم ورتو. سنڌي ادب ۾ هن تحريڪ کي اڳتي آڻيندڙ امرلعل هنگوراڻي آسانند مامتوراءِ، نادربيگ، سوڀو گيانچنداڻي، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ٻيا اهي پهريان ترقي پسند اديب هئا. جن گڏيل هندستان جي سنڌي ادب ۾ رائج پراڻي اڏوهي کاڌل سوچ کي پراڻي ڪوٽ وانگي لاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇلائي ڦِٽو ڪيو هو.

سنڌي ادب ۾ هن نئين لاڙي اڇڻ ڪانپوءِ شيخ اياز، انندگولاڻي، ڪرشن کٽواڻي ۽ ٻين نوجوان ترقي پسند اديبن جون لکڻيون ايتريون ته ڪامياب ٿي ويون، جو ادب جو پراڻو ڍانچو ماڻهن جي لٽن ۾ لتاڙجي ويو ۽ عوام انکي ٿڌي الائي کهڙي ڪنڊ ۾ اڇلائي ڦٽو ڪيو. ان رد ڪيل ادب جي حامي جيئڙن لاشن ترقي پسند اديبن ۽ انهن جي لکڻين، سوچ ۽ ويچار تي وار ڪرڻ شروع ڪري ڏنا . انجو مثال مرحوم رشيد احمد لاشاري جو ڪتاب 'ادب جي آڙ ۾ ' ۽ عبدالڪريم لغاري جا 'آزاد' اخبار ۾ ڇپيل مضمون ڪافي آهن. جنهن ۾ ٻين سان گڏ خاص ڪري جي ـ ايم ـ سيد، شيخ اياز ۽ سراج جي لکڻين تي تعصب جا وار ڪيا ويا. ان ڪانسواءِ غلام نبي مغل جي مختلف ڪهاڻين، نظير شيخ جي ڪهاڻي 'ڇڪتاڻ'، قمر شهباز جي ڪهاڻي 'مارئي' رسول بخش پليجي جي ڪهاڻي 'پسي ڳاڙها گل' ۽ امر جليل جي ڪهاڻي 'زندگي هڪ ڪن' تي پنهنجي دؤر ۾ جيڪا واويلا هلي هئي، اها به اسان کان وسري ناهي. جيئڙن لاشن طرفان سنڌ جي جوان جماڻ ادب جي جيڪا مخالفت ڪئي وئي، انجو جواب رسول بخش پليجي جي ڪتاب 'انڌا اونڌا ويچ' ۽ محمد ابراهيم جويي جي ان موضوع تي لکيل مضمون ۾ مڪمل طرح ڏنو ويو آهي. ترقي پسند سنڌي ادب جو انهن لکڻين ۾ ايڏو زبردست بچاءُ ٿيل آهي. جنهن ۾ وڌيڪ ڪجهه ملائڻ جي ضرورت ناهي. پر جيئن ته اسانجو حافظو جهڙو آهي ۽ اسان ۾ پڙهڻ جي عادت به گهٽ آهي. انڪري هتي ترقي پسند ادب جي بچاءَ ۾ به چار اکر لکيا آهن.

نئين سوچ واري ادب جي ازلي دشمن، پراڻي سوچ واري ادب جي شروعات، ان دؤر کان ٿئي ٿي، جڏهن انسان ذات اکر لکڻ ۽ پڙهڻ سکيو ۽ پنهنجن جذبن کي لفظن جي مدد سان ظاهر ڪيو. انساني ارتقا جو هيءُ اهو دور هو، جڏهن انسان پنهنجي اوسي پاسي جي مڙني شين کان ڊڄندو هو ۽ انهن کي خوش ڪرڻ لاءِ خوشامد طور هنن جي عبادت ڪندو هو. اهڙيءَ طرح ادب جي اوائلي موضوعن ۾ ديوتائن ۽ قدرتي آفتن جو ذڪر هوندو هو. ان ڪانپوءِ ڪهاڻي ۾ معاشري جي نهڻ ۽ انسانن جو انسانن مٿان راڄ ڪرڻ وارو دؤر آيو ۽ ادب ۾ بادشاهن ۽ شهنشاهن جي واکاڻ جو باب کليو. اهڙيءَ طرح جنن، ڀوتن، آفتن، ازغيبي طاقتن، وهم ۽ وسوسن جو دور زنده رهندو آيو. هن مرحلي تائين انساني سوچ ۾ سائنس کي ڪو به دخل ڪو نه هو.

اسان جڏهن پنهنجو عقل استعمال ڪري سائنس کي پروڙڻ شروع

ڪيو تہ پراڻن خيالن جا بُت پيرڻ لڳا. دنيا جي تاريخ شاهد آهي تہ سائنس جي پهرين کوجنا ڪندڙ سائنسدانن کي پنهنجي دور ۾ ڪافر ۽ چريو سڏيو ويو. بهرحال ادب ۾ هر ارتقائي مرحلي تي ڪي سائنسي ۽ عقلي تبديليون اچڻ لڳيون. جن کي جوان جماڻ سوچ وارن ماڻهن تسليم ڪيو ۽ باقي ماڻهو. پڪا گهڙا رهجي ويا. جنکي ٻيهر ڪنا پئجي نہ سگهيا. بهرحال ادب جي پراڻي باب ۾ عقل جي استعمال ڪانسواءِ هر قسم جا وهم، انڌي اعتقاد. خوابن ۽ خوفن متعلق موضوع گهڙيا ويا. انجي پيٺ ۾ ترقي پسند ادب سائنسي سوچ ۽ عقل جي بنياد تي پروڙ (Rational Thinking) کي چنبڙي انسانذات جي مجموعي ترقي لاءِ جدوجهد شروع ڪئي. پراڻي ادب ۾ ڌرتيءَ تي رهندڙ مسئلن جا حل آسمانن جا ڪلفن ۾ بند ڇاڻايا ويا هئا ۽ ترقي پسند ادب جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ کتل هيون. ترقي پسند ادب حقيقتن کي منهن ڏيڻ سيکاري ٿو. جڏهن تہ فرسوده ۽ رجعت پرست ادب جا پوڄاري اُٺ پکيءَ وانگر منهن ڪنهن مٽيءَ جي ڍير ۾ لڪائي، پنهنجا عيب پاڻ ڏسي نہ ٿا سگهن. انجي ابتڙ نئين ادب جا حامي پنهنجين ڪمزورين کي اکيون ڦاڙي ڏسي. انهن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ انساني سماج مان ڏاڍ. ڏمر ۽ ڏهڪاءَ خلاف جنگ جوٽين ٿا.

اهو تضاد معلوم ڪرڻ ڪانپوءِ ڏسجي تہ اسانجي ترقي پسند ادب جي لکندڙن ۽ پهرين گروهہ جي پڙهندڙن آڏو فحش نگاري يا اگهاڙپ ڇا آهي؟ (ڇاڪاڻ تہ پوئين گروهہ وارن پڪن گهڙن جو آسرو ئي ڪونهي). اسانجي برک ڪهاڻيڪارن کي سندن شهپارن جي موٽ ۾ گارين جا خط ڇو ٿا ملن؟ خود جنسيت ڇا آهي؟ اها ڪيتري قدر خراب ۽ سٺي آهي؟

منهنجي خيال ۾ هنن مسئلن جي ڇنڊڇاڻ ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ جي جوابداري اسانجي پڙهندڙن کان وڌيڪ اسانجي ترقي پسند ليکڪن تي آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي اڪثر تعليم کان محروم ۽ مٺاڃري عوام جي پيٺ ليکڪ اڪثر پڙهيا ڪڙهيا ۽ باشعور ٿين ٿا.

انڪري اسانجي اديبن کي ياد رکڻ گهرجي تہ ادب انساني زندگي جي نہ رڳو سچي پچي تصوير چٽي ٿو. پر انکي سينگارڻ ۽ سنوارڻ جي مقصد سان صحتمند موڙ بہ ڏئي ٿو. مظلوم قومن جو ادب اتي جي ڏتڙيل عوام جي دردن جو درمان. هنن جي امنگن جي آرسي ۽ هنن جي انقلابي عمل جو ترجمان ٿيندو آهي. ادب ۾ Idealism کي بہ وڏو دخل رهي ٿو. جڏهن ڪو بہ اديب لکي ٿو تہ لکڻ جي ضرورت محسوس ٿيڻ سان گڏوگڏ هنجي ذهن آڏو دنيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اها تصوير بہ جهلڪيون هڻندي رهندي آهي. جنهن ڪي هو ناهڻ گهري ٿو. هر اديب لاءِ هيءُ سوال فطري عمل آهي تہ: 'دنيا ڪهڙي هئڻ گهرجي؟' جواب ۾ جڏهن اديب جي ذهن تي دنيا جي خراب ڪارڻن جا نحس پاڇا پون ٿا. تہ هو مجبور ٿي انهن خلاف لکي ٿو ۽ دنيا جي سچي تصوير هٿ ۾ جهلي ايندڙ ويندڙ کي ڏيکاري سماج کي شرمائي ٿو. جيستائين سماج ۾ بدي موجود آهي. ظلم – انڌير – ڏاڍ جو ڏينهن تتل آهي. تيستائين اديب لکندو رهي ٿو ۽ هر ڪوڙ جي پاڙ کي کوٽي ڪڍي ٿو. اديب پنهنجي سماج ۾ رهندڙ سٺن ۽ خراب ڪردارن کي اجاگر ڪري ٿو. اهي ڪردار جيئن تہ هر دور ۾ هر سماج ۾ پيدا ٿيندا ۽ ڊهندا رهن ٿا. ان ڪري هڪ دفعو انهن جي چٽيل تصوير ادبي تاريخ ۾ امر ٿيو وڃي. ارسطو جي استاد افلاطون پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب 'ريپبلڪ' ۾ ادب ۽ ڪهاڻي نويسيءَ کي ان دليل جي بنياد تي ڪوڙو سڏيو هو تہ هي ڪوڙا ڪردار چو ٿا ناهيا وڃن. جڏهن تہ اسان وٽ جيئرا جاڳندا ڪردار موجود آهن. تہ سندس شاگرد Poetics لکي ان دليل کي هن ريت رد ڪري ڇڏيو هو تہ: انسان جي عمر ٿوري ٿئي ٿي. هو مري ٿو وڃي. انڪري ادب ۾ چٽيل ڪردار جڳ جڳاندر ڪان جيئرا رهي سگهن ٿا.

هاڻي ادب جيڪڏهن حقيقت پسند سوچ ۽ سچائي جو عمل آهي ۽ ان ۾ سماج جي اندر جي اور درج ٿيل آهي. تہ پوءِ ان حقيقت ڪان ڪير انڪار ڪري سگهي ٿو تہ انسان ۾ جنسي ڇڪ ۽ بک فطري آهي. اها حقيقت ان ڪري بہ نشانبر آهي تہ عورت ۽ مرد جي ميلاپ مان ئي انساني نسل پيدا ٿئي ٿو. ان ڪري هي عمل هر مقدس درويش ۽ پاڪ ماڻهو ڪان وٺي هر ذليل ۽ ڪريل ڪردار تائين ساڳيو آهي. ساڳي وقت ماهرن جو چوڻ آهي تہ جنسيت جو ٻولي جي جوڙجڪ ۽ مختلف اچارن تي ڪافي صوتياتي اثر پيو آهي. نر ۽ مادي آواز ۽ انهن سان ٻولي جو phonetics نهڻ هن دليل جي شاهدي آهي. جنسيت جو دنيا جي عمارتسازيءَ واري فن تي بہ گهرو اثر آهي. اهي موضوع پنهنجي ليکي وڏي ڪوجنا گهرن ٿا.

بهرحال. ترقي پسند ادب ۾ اسانکي ڏسڻو پوندو تہ انساني معاشري ۾ جنسي لقاءُ ۽ ان جي تصوير ڪهڙي مقصد لاءِ چٽي وڃي؟ جيڪڏهن سماج ۾ رائج جنسي عمل کي ان ڪري آرسي وانگر آڏو آندو وڃي. تہ پڙهندڙ مرد ۽ عورت ۾ ڪنهن قسم جي ڪشش پيدا ٿئي ۽ اها ڪشش فقط جنسي بک متائڻ لاءِ ئي پيدا ڪئي وڃي. تہ پوءِ ان ادب کي گهٽ ۾ گهٽ ترقي پسند ادب تہ نہ چئي سگهبو. اها حقيقت پسندي جي اوٽ ۾ ننگي آهي. جيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ترقي پسند ادب آهي تہ پوءِ آمريڪي ’پلي بواءِ‘ کي بہ ترقي پسند ادب جو شاهڪار سڏڻو پوندو.

هن ڏس ۾ مان نندي ڪنڊ جي هڪ عظيم ليکڪ جو خيال پيش ڪندس. جنهنجو اظهار هن ڏکڻ هندستان جي ترقي پسند اديبن جي هڪ ميڙ ۾ ڪيو هو. هن چيو هو تہ: ”جنس ۾ خود ڪجهہ بہ برو ناهي. جنس سان واسطيدار ڳالهين جو اظهار ادب ۾ بہ ٿئي ٿو ۽ هر فن ۾ بہ ٿيندو آهي. اسين بہ محبوب جي صورت توڙي سيرت ڏاڍي دلڪش انداز سان بيان ڪندا آهيون.... پر ڪي اهڙا بہ شخص آهن. جن پنهنجي بيڪار ۽ بي مطلب اصولن کي ڇهڻي ادب برائي. ادب جي ريت قائم رکڻ ٿي گهري. انهيءَ طبقي جا اديب اڪثر گنديون جنسي ڪهاڻيون لکندا ۽ ننگي شاعري ڪندا هئا. جنهن مان سڳنڌ عيوض گندي پوءِ ايندي هئي. انهن ۾ هڪ اهڙو بہ ليکڪ هو. جنهن هڪ ڪتيءَ ۽ ان جي مالڪ جي اسپاويڪ ڪهاڻي لکي هئي ۽ مزو اهو هو. جو ان کي ترقي پسند ساهت ٿي سڏيو ويو. تنهن ڪانسواءِ اهو سڀ واهيات ادب ان وقت پيدا ٿي رهيو هو. جڏهن هاري بکن ۾ پاهہ پئي ٿيا. جڏهن هو پنهنجي پگهر مان پيدا ڪيل پيدائش. پاڻ وٽ رکڻ لاءِ پنهنجي پوري طاقت سان جاگيردارن زميندارن ۽ سرمائيدارن سان لڙي رهيا هئا. هڪ طرف شهيدن جو خون هو. ٻئي طرف ڪتيءَ جي عشق جي شاعري هئي.“

هر ترقي پسند لکندڙ ۽ پڙهندڙ کي ياد رکڻ گهرجي تہ ادب سؤ سيڪڙو سچائي گهري ٿو. عوامي سچائي هر دور ۾ پنهنجي جوت جلائي. انقلاب جي ڏگ ني وڏيون برانگهون هنندي پئي وڃي ان ڪري ترقي پسند ادب جي مکيہ مراد اها هئڻ گهرجي تہ هو قوم جي ماضي کي پروڙي. حال جي ڇنڊڇاڻ ڪري ۽ عظيم مستقبل لاءِ جاکوڙ جاري رکي. جيڪڏهن ادب ۾ حقيقت پسندي هن مقصد لاءِ استعمال نہ ٿئي ڪئي وڃي تہ پوءِ اهو ادب قومن ۾ انقلاب آڻڻ وارو ادب نہ رهندو ۽ ساڳيو اپ ڏانهن تڪيندڙ پراڻو اڏوهي کاڌل ادب رهجي ويندو. ادب جيڪڏهن عوامي جاڳرتا سان وک وک ۾ ملائي نہ هلي تہ عوام ان کي لتون هڻي ٿڏي ڇڏي.

هن ادبي اصول ۽ معيار کي پرکيندي ’علي بابا جي‘ ڪهاڻي ’مڏر گاڊيس‘ جي ڇنڊڇاڻ ڪري ڏسجي. ڪهاڻي ۾ هڪ مغربي هپي ڇوڪريءَ ۽ هڪ هنان جي فنڪار نوجوان جو ڪردار چٽايل آهي هپي ڇوڪري. نوجوان سان پنهنجي جنسي آگ اجهائڻ لاءِ هر اها حرڪت ڪري ٿي. جيڪا هن جي دل چوي ٿي. هوءَ نوجوان کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي اينرو هوش ڪان نڪري ٿي

چئي سگهجي ٿو. پر اهو ضروري ٿو لڳي ته هن جي عياش ۽ بدڪار زندگي کي پڙهندڙ جي ذهن ۾ ورهايو وڃي. جڏهن پڙهندڙ ميٿيو جي ڪردار کان برابر نفرت ڪرڻ ٿو لڳي ۽ ڪيس عيش پرستي جي هوس ۾ فلسفي جي ماهر شخص جي ذهني ڏيوالي جو اندازو ٿو ٿئي. تنهن کانپوءِ سارتر هنجي ذهن تي انساني عظمت ۽ ذرتي جي پوترتا جا پاچا ٿو وجهي. ميٿيو. وڏا وڏا دليل ٿو ڏئي ۽ هر پڙهندڙ هڪ مارڪسوادي انسان پرست ۽ هڪ سرمائيدار عيش پرست جي ڪردار جي پيٽ ڪرڻ ٿو لڳي. آخر ۾ ميٿيو جي ذهن ۾ انقلاب ٿو اچي ۽ محسوس ٿو ڪري ته ٻين جي ڪمايل پئسن کي سرمائيدار فضول خرچ ڪري، ڪيترو ظالم نظام ٿو خلقي.

هتي منهنجو مقصد فقط اهو آهي ته ترقي پسند اديب ڪنهن عظيم ڪهاڻي. مقصد خاطر پڙهندڙ جي ذهن کي صحيح ۽ انقلابي موڙ ڏيڻ جي مراد سان جيڪڏهن ضروري سمجهي ته هو ڪنهن هڪ يا گهڻن ڪردارن جي جنسي چڪتاڻ جو حقيقت کان به وڌائي ذڪر ڪري سگهي ٿو. اهو فن آهي.

انجي پيٽ ۾ جيڪڏهن اجايو چرين وانگر چوڪريءَ جي ڇاتين ۽ سٿرن جي گولائي تي قلم آزمائي ڪئي وڃي ۽ ڪنهن عمل جو سربستو احوال بيان ڪري وڃي ته ان ۾ فن جي ڪا به ڳالهه ڪانهي. 'ماٺ' جو ناوليت 'لڙهندڙ نسل' انجي چٽي شاهدي آهي.

اسانجي موجود لکندڙن ۽ پڙهندڙن جو هڪ طبقو وقت جي انڌير نگري کان خفا تي ايترو ته ذهني پريشاني (Frustration) ۾ مبتلا ٿي ويو آهي. جو هنکي سواءِ انجي ڪو چارو نٿو سجهي ته هو ادبي آفيم جو روڙو ڳڙڪائي ڪجهه لمحا هن دنيا جي هڻ هٽان کان اکيون بوٽي ڇڏي. ماٺ جو 'لڙهندڙ نسل' انجي چٽي شاهدي آهي. هي ذهني پريشاني. هن وقت فطري عمل آهي. پر انجو حل خودڪشي ڪونهي. انجو حل انقلاب آهي. انقلاب ۾ فرسٽريشن لفظ کي ڪا به معنيٰ ڪانهي. هنکي Remedy of Melancholy with Madness چئي سگهجي ٿو.

هاڻي اسان ڏسنداسون ته سنڌ جو عام پڙهندڙ ادب ۾ جنسي لکڻين کي چو نه ٿو قبول ڪري؟

سنڌ جي ترقي پسند اديب کي هيءَ ڳالهه ذهن ۾ وهارڻ گهرجي. ته هو سنڌ جي عوام جو آواز آهي. هو جنهن معاشري لاءِ لکي ٿو. سو نه آمريڪي آهي ۽ نه انگريزي. برابر سنڌ جي تمام ٿورن ماڻهن تي مشتمل هڪ اهڙو

متيون طبقو پيدا ٿيو آهي. جيڪو شهرن ۾ رهي ٿو. پئسي جي گهڻائي، مغربي تهذيب، سرمائيدارانا ماديت. عيش پرستي ۽ بي پردگي سرمائيدارانا نظام جي خاصيت آهي. ان جي ڀيٽ ۾ سنڌ جو اڪثر هيٺين ۽ هيٺين وچولي طبقي جو عوام، جو ٻهراڙين ۾ رهي ٿو. سو جاگيرداري ۽ وڏيرڪي نظام ڪري پڪو مذهبي. هٺ ٺوڪئي اخلاق جو پوڄاري، وهم، وسوسن، دعا، تعويذ، سخت پردي ۽ اڻ پڙهيل سوچ رکي ٿو. سنڌ جي مڙني طبقن جي ماڻهن جو مفاد بلڪل مختلف آهي. سنڌ جو هاري، وڏيرو، متئين وچولي طبقي جو ڪامورو ۽ سرمائيدار پنهنجي پنهنجي مفاد جو ادب گهري ٿو. هاڻي سنڌي اديب کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته هو ڪهڙي طبقي لاءِ لکي. نائيٽ ڪلبن جون ڳالهيون. ڪراچي جي ڳڳريل ڪوٺين جو ماحول، مغربي تهذيب جا چٽ ۽ هپي ازم، اهي سيئي سنڌ جي وسيع ٻهراڙين لاءِ آسماني ڳالهيون آهن. ڳوناڻو سنڌي هاري ۽ منهن اگهاڙي هارياڻي جيڪي سڄو ڏينهن ٻنيءَ ۾ رت ولوڙين ٿا. انهن جو مسئلو جنسي پريشاني نه، پر پيٽ آهي.

سنڌي اديبن جو گهڻو حصو ڏسجي پيو ته ٿورائي واري متئين ۽ وچولي طبقي لاءِ لکي رهيو آهي. ان جو هڪ اهو به سبب آهي ته سنڌ جو اڪثر پڙهندڙ هنن طبقن سان تعلق رکي ٿو. سنڌ جي سڄي عوام جو اڌڪل اسي سيڪڙو جاهل آهي ۽ اهو ٻهراڙين ۾ رهي ٿو. رسالا ۽ اخبارون هلائيندڙ ماڻهو پنهنجي واپاري مفاد ۾ اهو ئي ڪجهه ڇپين ٿا. جيڪو پڙهندڙ پڙهن — يا کڻي ائين چئجي ته جيڪو ادب متئين ۽ وچولي طبقي کي پسند پيو اچي، ان جي هو ترجماني ڪري رهيا آهن ۽ انهن ئي طبقن جو مفاد سامهون اچن. ان ڪري ظاهر آهي ته اهو ادب سنڌ جو هاري. مزدور ۽ هيٺيون وچولو طبقو رد ڪري ڇڏي ٿو.

سنڌ جي موجوده قومي جدوجهد جي تاريخ ۾ سنڌي قومي ادب جي جاءِ تي هيٺئر مغربي تهذيب جو ترجمان ادب والاري رهيو آهي ۽ ظاهر آهي ته ماڻهن کي اها ڳالهه ڪيترن ئي سماجي، سياسي ۽ مذهبي سببن ڪري نه وڻندي. انهن سببن جي ڇنڊ ڇاڻ کان اڳ مان سيما ممتاز عباسي جي ڪهاڻي 'وهه ڪائي نه مرين' جو به ذڪر ڪرڻ ضرور ٿو سمجهان. ان ڪهاڻي ۾ قوم پرستي کي عشق ۽ پيار تي حاوي ڪيو ويو آهي. سوڀي گيانچنداڻي جي اوائلي ڪهاڻي 'پرديسي پريتم' ڪانپوءِ ان موضوع تي اِها به هڪ ڪهاڻي ملي آهي. سيما عباسي جي ڪهاڻيءِ ۾ هڪ نئين ٿهيءَ جي نوجوان سنڌي ڇوڪريءَ جي ذهني ڪشمڪش سمايل آهي. جنهن ۾ هنڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ جا شيءِ پڙهن ان تي مجموعي طور تي راءِ قائم ڪن. اها ادب سان وڏي بي انصافي ٿيندي جيڪڏهن ڪنهن ڪهاڻي جو فقط هڪ ٻه جملو پڙهي، ان تي اعتراض ڪري سڄي ڪهاڻي کي ڪنو چيو وڃي، يا ڪنهن نظم جو هڪ حصو پڙهي ان مطابق سڄي نظم لاءِ راءِ قائم ڪجي. ادبي شهپاري ۾ لکيل ڪي سٽون ڪٿيون منيون تي سگهن ٿيون. پر ان جي سڄي شهپاري جو تاثر، مراد لکندڙ جو جذبو ۽ لاڙو ڇا آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته شهپاري کي پوريءَ طرح پڙهيو وڃي.

اسان وٽ سٺا پڙهندڙ ۽ تنقيد ڪندڙ پيدا ٿي نه سگهيا آهن. انهيءَ مسئلي جا ٻه ڪيترائي سبب آهن. انهن مان هڪ سبب اهو به آهي ته اسانجي ملڪ ۾ جمهوري قدر اڃا پيدا ٿي نه سگهيا آهن. مخالف جي راءِ غير جانبداريءَ سان ٻڌڻ ۽ ان جي حقيقت پسنديءَ سان غور ڪرڻ اسان سکيو ناهي. بهرحال اسان نا اميد ناهيون. تاريخ جي ڌارا کي ڪو روڪي نه سگهندو. ارتقا جو اصول آهي ته دنيا ترقي ڪري رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر هر دور ۾ هر سماج ۾ ترقي پسند ادب جا نعرا مختلف رهيا آهن. حڪمت عملي متجندي رهي آهي. تقاضائون ڦرنديون رهيون آهن ۽ ماپا متجندا رهيا آهن. پر جيئن ته ادب هميشه ترقيءَ لاءِ واجهائيندو رهيو آهي، ۽ اها ترقي ظاهر آهي ته انساني زندگيءَ سان واسطو رکي ٿي ان ڪري ترقي پسند ادب هر دور ۽ هر سماج ۾ ظاهري حالتن پٽاندر ترقي جا مختلف نظريا ڏنا آهن جن جون وصفون پڻ مختلف رهيون آهن.

اهڙي طرح ادب ۾ ترقي پسندي انساني زندگيءَ ۾ ترقي آڻڻ جي مسلسل ادبي اڻ تڻ جوئي نالو آهي. ۽ پيو ته هر دور ۽ هر سماج ۾ ادب جي ترقي پسنديءَ جا اصول ۽ متا، تقاضائون ۽ ماپا ۽ نظريا مختلف رهيا آهن.

هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته موجوده دور ۾ ادب جي ترقي پسند هئڻ جا ڪهڙا معيار، اصول ۽ متا ٿي سگهن ٿا.

1935_36 عيسويءَ ۾ گڏيل هندستان اندر ترقي پسند مصنفين جي پهرين جماعت ٺهي هئي. جنهن ان دور جي تقاضائن ۽ سماجي گهرجن جو جائزو وٺي "سامراج دشمني" کي ترقي پسند ادب جو مکيه معيار مقرر ڪيو هو. ان دور ۾ خود سامراجيت جو روپ مختلف هو. ڏيهي ۽ پرڏيهي ڦرلٽ جا طريقا ٻيا هئا. انساني زندگي ۾ سچ، حق ۽ نيڪيءَ وارين قوتن جو رنگ ٻيو هو ۽ ڪوڙ، باطل ۽ بديءَ جو روپ به نرالو هو. ان وقت ويهين صدي پنهنجي پهرين ڏهاڪي مان مس مس ٻاهر نڪتي هئي. پر اڄ اها ساڳي ويهين صدي پنهنجي آخري چوٿائي ۾ قدم رکيو آهي. 19 صديءَ جي پيٽ ۾ ويهين صديءَ هوندي به انسان کي ترقي جون نيون راهون ڏيکاريون آهن. ۽ ترقي جي رفتار به هينئر اڳي کان گهڻو تيز ٿي وئي آهي. 19صديءَ انسان کي هڪ ترقيءَ جو نظريو ڏنو هو. 20صدي ان کي عملي روپ ڏئي ان کي وڌڻ ۽ ويجهڻ جا موقعا ڏنا آهن. تاريخي ماديت پنهنجو جدلياتي سفر نهايت تيزيءَ سان طي ڪري رهي آهي. دنيا جون سچ پرست قوتون ڏينهون ڏينهن مضبوط ٿي رهيون آهن.

اڄ جي نئين دنيا ۾ انهيءَ ڪري ادب ۾ ترقي پسنديءَ جون تقاضائون اڳي کان مختلف آهن. پر ان جي اصليت ساڳي آهي. ان جو جسم ۽ قالب مٽجي ويو آهي پر ان جو روح ساڳيو آهي.

"جميلا" ناولٽ جو ليکڪ ۽ روس جو لينن انعام کٽيندڙ اديب ۽ نقاد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنگيز ائتماتوف چوي ٿو تہ ”مان مڃان ٿو تہ ادب ۾ ترقي پسنديءَ وارو نظريو وقت، سماجي حالتن ۽ ٻين ڪيترن ئي سببن ڪري متجندو رهي ٿو. پر هن نظرئي جو هڪ مسئلو اڃا تائين ساڳيو آهي ۽ اهو آهي ”انسان“. ”جيڪو ادب انساني زندگيءَ کي سينگارڻ ۽ رهڻ جهڙو بنائڻ واري جدوجهد ترڪ ڪري ڇڏي ٿو ان کي ترقي پسند ڪوني نہ ٿو سگهجي. نہ فن ۽ ادب مدي خارج ٿيندو آهي ۽ نہ ان ۾ ترقي پسندي مدي خارج ٿي سگهي ٿي. منهنجي دل جي آس آهي تہ شل مان اهو ڏينهن ڏسي مران جنهن ڏينهن دنيا مان جنگيون. تضاد ۽ اختلاف ختم ٿي وڃن. جنهن ڏينهن اهي مسئلا مسئلا نہ رهن. جنهن ڏينهن دنيا جو توجهہ صرف انسان ڏانهن هجي ۽ انسان ادب. آرٽ ۽ فن جو سڀ کان وڏو موضوع بنجي وڃي“.

اهڙي طرح ترقي پسند ادب هڪ لحاظ کان انساني مفادن جو محافظ ادب آهي، انسان جي شاندار آئيندي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ ادب اهڙو ادب جنهن جو مقصد ادب نہ هجي نہ پر زندگي هجي. انسان هجي ۽ هن جي ترقي هجي. انساني زندگيءَ کي اجارڻ ۽ سينگارڻ جي جوابداري ۽ ڪم خاص ڪري ادب تي ئي رهيو آهي ڇاڪاڻ تہ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي نئون انسان ناهي نہ ٺا سگهن. انسان ڪنهن اهڙي خالي ٿانءَ جو نالو ڪونهي جنهن ۾ معلومات، قانون ۽ ترقي ڀري سگهجي. انسان اڌمن. جذبن ۽ سوچن جي سنگم جو نالو آهي. جذبن ۽ سوچن کانسواءِ انسان رڳو ماس جو پتلو آهي. ان ڪري ادب ئي انسان کي هڪ مان ٻيو انسان ٺاهي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ انساني امنگن جي تاجي پيٽي مان تيار ٿيندو آهي.

پر انسان ذات ۾ تہ طبقا ٿين ٿا. سڀ انسان مفادن جي لحاظ کان هڪجهڙا نہ ٿا ٿين. هڪڙا ظالم ٿيو پون. ٻيا مظلوم. هڪڙا سچا ٻيا ڪوڙا. هڪڙا حق جا پوڄاري ۽ ٻيا باطل جي زج پويان دوڙندڙ. هڪڙا نيڪيءَ جا پتلا ۽ ٻيا بديءَ جا ڪمود. ان ڪري ادب بہ طبقاتي ٿئي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ ترقي پسند ادب کي مظلوم انسانيت جي مفادن جو بچاءُ ڪرڻو پوندو. ظالم طبقن جي مذمت ڪرڻي پوندي. جديد دور ۾ ظالم طبقا ڪهڙا آهن ۽ مظلوم ڪهڙا آهن. هڪ ترقي پسند اديب کي ان تي بہ گهوڙهي ويچار سان سوچڻو آهي.

طبقاتي ادب جي ڳالهہ نڪتي آهي، ان ڪري اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي تہ تخليق بہ طبقاتي ٿئي ٿي ۽ ان جي خالق تي بہ طبقي جو اثر پوڻ اوس

آهي. يعني ادب بہ طبقاتي ٿيندو آهي ۽ اديب پڻ البت ڪي اديب مٿين طبقي سان تعلق رکندي بہ هيٺين طبقن لاءِ لکندا آهن. اهي پاڻ کي طبقاتي طور هيٺ لاهي ايندا آهن ڊي ڪلاسيفاءِ ڪري ڇڏيندا آهن. باقي عام طرح جيڪو اديب جنهن طبقي سان تعلق رکندو هوندو ان کي انهيءَ ئي طبقي جي زندگيءَ جي حالتن سان واقفيت هوندي ۽ مشاهدو بہ اهڙو ئي هوندو. اهڙو اديب پنهنجي ئي طبقي وارن ماڻهن جا مفاد ۽ مسئلا کڻندو ۽ انهن جي ئي لاءِ لکندو آهي.

ڪي اديب وري پاڙيتو ٿيندا آهن ۽ پاڻ بڪ مري بہ مٿين طبقن جي مفاد ۾ لکندا آهن. هو گولن جا بہ غلام ٿي رهڻ پسند ڪندا آهن.

پر سچو ادب هميشہ ترقي پسند ادب هوندو آهي. هتي سوال آهي تہ اول تہ سچ ڇا هي جنهن تي ٻڌل سچو ادب ترقي پسند ٿئي ٿو. اج جي دنيا ۾، منطق جي ترقي ڪرڻ ڪري سچ ۽ حقيقت جا بہ ڪيترائي قسم ٿي پيا آهن. درحقيقت سچ اهو آهن جنهن کي تاريخ ثابت ڪيو هجي، يعني تاريخي سچ، "هسٽاريڪل ٽرٿ" ئي سچو پچو سچ آهي. ۽ انساني زندگي جو تاريخي سچ اهو آهي تہ انسان ابتدا ۾ اڳهاڙو هو. ٻين انسانن سان گڏجي رهندو هو. گڏجي ڪمائيندو هو ۽ گڏجي کائيندو هو. پوءِ منجهس نجي ملڪيت جو تصور آيو.

ملڪيت ناهڻ جو شوق ٿين تہ ان سان گڏ ڏاڍ ۽ ظلم جي بہ ابتدا ٿي. "جيڪو ڏاڍو سو گابو" وارو دور شروع ٿيو. مرد جانور ۽ عورت کي غلام ڪٺي ٻڌايو. طاقت سان زمين تي هٿرادو ليڪون ڪڍيائين. ملڪيت ميڙيائين. پاڻ کي عظيم ۽ ٻين ڪمتر سمجهيائين. انساني ورچ ڪري قبائلي سردار ٿي وينو پر ان وقت انهن انساني دشمن قوتن ۽ لاڙن خلاف جدوجهد بہ جاري رهندي آئي. هڪ مرحلي تي هن ڪان قبائلي لٽ سرداري هٿ مان هلي وئي. هن جاگير کي سوگهو ڪيو ۽ جاگيردار ٿي پيو. پر پوءِ مشينون پيدا ٿي پيون تہ هن جي جاگيرداري بہ خطري ۾ پئجي وئي. هو سرمائيداري ڏانهن وڌڻ لڳو. سرمائيداري وڌڻ لڳي تہ پنهنجي ئي ڪڏ ۾ ڪرڻ لڳي. پورهيت پيدا ٿيو. هن ڏٺو تہ سچي پچي پيداواري قوت تہ رڳو مان آهيان. سرمائيدار تہ وڃائڻ وارو آهي. اهو ترقي وارو دڳ ناهي. هن ٻڌي ڪئي ۽ سرمائيداري وچي قبر پيڙي ٿي. ان جي جاءِ تي سماج وادي سرشتو قائم ٿيو جنهن اج جي جديد دور ۾ ترقي ڪرڻ شروع ڪري ڏني آهي ۽ هڪجهڙائي، مساوات ۽ برابري وارن آدرشن لاءِ سماج جي نئين اڏاوت شروع ڪري ڏني آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخي سچ اهو آهي تہ هر هنڌ انساني معاشرو توريءَ ڦير گهير سان متي ذڪر ڪيل مرحلن مان گذريو آهي. اڳهاڙي انسان کان وٺي اڄ تائين انساني ارتقا جي هن سفر ۾ جيترو وقت لڳو آهي، اوترو وقت اڃا جڏهن آئيندي ڏانهن ريڙهيون پائيندو تہ ڇا ٿيندو، ان سوال جو جواب بہ صديون پراڻي مسلسل انساني جاکوڙ ۽ انساني ترقي پسنديءَ واري اڻ تڻ ۽ جدوجهد مان معلوم ڪري سگهجي ٿو جنهن جا اصول برابري، هڪجهڙائي، مساوات ۽ غير طبقاتي معاشرو قائم ڪرڻ جو مقصد ڪٿي اڳتي وڌي رهيا آهن.

ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ "سچو ادب اهو آهي جيڪو انساني ارتقائي ترقي جو تاريخي تجزيو ڪري، موجوده دور ۾ ترقي لاءِ هلندڙ انساني هلچل کي تيز ڪرڻ ۾ مدد ڏئي". ان ڪري سچو ادب ئي ترقي پسند ٿيندو آهي. سچو فنڪار ئي ترقي پسند فنڪار ٿيندو آهي ۽ سچائي ئي ترقي پسنديءَ جو ٻيو نالو آهي.

هتي هڪ ترقي پسند اديب کي سائنسي لحاظ کان سوچڻو پوندو تہ موجوده دور ۾ ۽ موجوده سماج اندر، انسان جي ترقيءَ لاءِ ڪهڙي جدوجهد هلي رهي آهي ۽ اهي ڪهڙا مسئلا آهن جن جي حاصل ڪرڻ لاءِ اها جدوجهد جاري آهي. ڪهڙين قوتن جي حمايت ڪئي وڃي ۽ ڪهڙين قوتن جي مذمت ڪئي وڃي. انهن مسئلن کي سائنسي ۽ تاريخي سچائي سان پيش ڪرڻ ئي سچو ادب آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عوام جي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪرڻ جو فن

سڄي دنيا جي ادب ۽ شاعريءَ جي هڪ وڏي ڪوتاهي اها آهي ته عوام جيڪا ٻولي ڳالهائي ٿو ان کي مڪمل طور تي بيان نه ٿو ڪيو وڃي. مثال عام ماڻهو جيڪي پوڳ چرچا ڪن ٿا. جيڪي لطيفا ٻڌائين ٿا ۽ پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ جيڪي تڪيون منيون ڳالهيون ڪن ٿا اهي انهيءَ ٻولي جي شاعريءَ ۽ ادب ۾ سمائجي نه ٿيون سگهن. ڇاڪاڻ ته اهڙي ادبي ڪاوش آڏو سماج جون روايتون. رواداريون ۽ مصلحتون وڏي رڪاوٽ بڻجي بيهن ٿيون.

ادب ۽ شاعريءَ ۾ مثال طور جن کي اسان فحش لطيفا سڏيون ٿا سي اچي نه ٿا سگهن ڇاڪاڻ ته ان کي بد اخلاقي سمجهيو وڃي ٿو. ٺيڪ آهي. بد اخلاقيءَ کي ڀلي ادب مان خارج ڪيو وڃي پر پوءِ سوال اهو پيدا ٿيندو ته پوءِ ادب کي عوام جو ترجمان ڪيئن سڏي سگهبو؟

هتي ته صورتحال اها آهي ته ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڀٽائيءَ جو هيٺيون بيت رسالي مان اهو چئي ڪڍي ڇڏيو ته. "اهڙي ڳالهه ڀٽائي ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟" بيت هو: چنڊ لڳئي منڊَ. تون سنجهي ئي سيخَ ٿئين. ڪر اونڌاهي انڊ. ته ملان محبوبن سان."

ماڻڪ جي ڪهاڻين ۾ ڪردارن طرفان جيڪي فطري ڳالهيون ڪيون ويون انهن تي فحاشي جا الزام هنيا ويا. جڏهن ته سماج ۾ ڪو به فرد فحاشي نه ٿو ڪري. حمام ۾ ڪو به ماڻهو اگهاڙو ناهي. عورت ۽ مرد جي ميلاپ مان انسان جي سرجڻ ۽ تخليق ٿيڻ واري عمل کي به هتي بد اخلاقي سڏيو وڃي ٿو.

سو اسان جو ادب عوامي ٻوليءَ جي سينسر ٿيل مواد تي ٻڌل محدود تحرير جو نالو آهي. ان ڪري اسان جو ادب عوام ۽ ان جي ٻوليءَ جو سئو سيڪڙو ترجمان ناهي. جيڪو ٿيڻ گهرجي.

ان پس منظر ۾ ڏٺو وڃي ته استاد بخاريءَ جي شاعري ادب جي لڄ رکڻ واري هڪ وڏي ڪوشش آهي جنهن ۾ ڪنهن حد تائين شاعريءَ کي سنڌي عوام جي ڳوناڻي ٻوليءَ سان ويجهڙائي پيدا ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو اٿس. اهو ئي سبب هو جو ڪجهه نقادن استاد بخاريءَ جي شاعريءَ کي "بازاري" ٻوليءَ جا طعنا مهڻا ڏنا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استاد بخاري اترادي شاعر هو ان ڪري هن وٽ پنهنجيءَ واري لاڙ جو لهجو، انهيءَ لهجي جو مناڻ ۽ رَسُ ڪونه هو. پر سنڌ رڳو لاڙ تہ ناهي. هر شاعر لاءِ پنهنجي پنهنجي لساني ۽ ثقافتي ماحول کي چٽڻ فرض هجي ٿو. ان ڪري اترادي شاعر، جابلو زندگي گهاريندڙ شاعر. ٿر. ڍيلتا. ياٽي وارا علائقا ۽ درياهي پٽيءَ ۾ رهندڙ شاعرن وٽ پنهنجو پنهنجو نئون نڪور لهجو هجڻ سپاويڪ آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي سيني لهجن جو شاعر تہ شايد رڳو پٽائي آهي. باقي ٻيا سنڌي شاعر يا تہ شهري ٻوليءَ جا شاعر آهن جيڪا گهڻو ڪري اخباري ٻولي آهي. يا وري جابلو ٻولي، ٿر جو لهجو. اترادي زبان ۽ لاڙيچي ٻولي ۾ الڳ الڳ شاعري ڪئي وڃي ٿي.

استاد بخاري جي ٻولي اترادي ۽ وچولي لهجي واري آهي جنهن ۾ اخباري ٻوليءَ واري لهجي بدران وچولي جي ڳوٺاڻي ٻوليءَ کي استعمال ڪيو ويو آهي.

استاد بخاريءَ تي ان سلسلي ۾ جيڪا تنقيد ٿي اهي سا پٽائيءَ تي بہ ٿي هئي جڏهن ڊاڪٽر سورلي لکيو هو تہ پٽائي پنهنجي دور ۾ شاعريءَ لاءِ مخصوص ٿيل ٽن وڏين ٻولين جهڙوڪ فارسي، عربي ۽ هنديءَ کي ڇڏي سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي ۽ دنيا جي عظيم شاعريءَ وارن مڙني موضوعن کي نظرانداز ڪري هن سنڌ جي ڪک پن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع ناهيو ۽ پوءِ هن عظيم شاعري ڪئي جيڪا ڳالهہ جڻ تہ اعتبار ۾ ئي نہ ٿي اچي.

سو استاد بخاريءَ بہ ايئن ڪيو. هن پنهنجي چوڌاري عام ماڻهن واتان جيڪا ٻولي ٻڌي ۽ جيڪي امنگ ۽ آهون ٻڌيون انهن کي سهيڙي پنهنجي شاعريءَ ۾ آندو ۽ اها پرواهہ نہ ڪئي تہ ڪجهہ ماڻهو سندس شاعريءَ کي. "عظيم" نہ چوندا. بهرحال هن پنهنجو فرض پورو ڪيو ۽ سنڌي شاعريءَ کي ڪنهن حد تائين. "عوامي". رنگ ڏئي سماج جي تاريخ لکڻ واري تاريخي فرض کي چڱي طرح نڀايو.

اڇڻ وڇڻ جي لذت ڪارڻ
مِنهن موت جو ٿو ڪري.
ڪيراتي ٿو وهي،
سالڪ سمجهن راز انهيءَ ڪي.

سو هي بحث هلندو رهندو. سائين گرداس جيئن تہ ان موضوع تي صرف هڪڙو مختصر مضمون لکيو آهي ان ڪري ان ۾ ايڏي ڏگهي بحث جي شايد گنجائش بہ ڪا نہ هئي ۽ اهو بہ تي سگهي ٿو تہ سائين صوفي ازم کي وڌيڪ ۽ ميٽيريلزم کي گهٽ پسند ڪندو هجي.

بهرحال منهنجو خيال آهي تہ هن ڪتاب جي ايڊيٽنگ تي جيڪر وڌيڪ ڌيان ڏجي ها تہ هي ڪتاب وڌيڪ بهتر صورت ۾ پڙهندڙ کي موهي سگهي ها. ليکڪ جي وسيع مطالعي جي ڪري ڪتاب ۾ ڪيترائي اهڙا تاريخي ۽ سائنسي توڙي ادبي نقطا جاٿايل آهن جن بابت سولي سنڌي ۾ خاص سمجهاڻي ڏيڻ گهربي هئي.

سنڌ جي موجوده تاريخ جو مختصر ذڪر ڪندي سائين هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "پر جي اهڙي حالت ڪراچي جي ڪناري کان وٺي ڪشمير جي وادين تائين ملڪ کي پيچي جدا جدا صوبا ناهيا ويا ۽ پن تن پرانگهن ڪانپوءِ سنڌي. پنجابي، بلوچ ۽ پٺاڻ جي بدران اسان کي ڪراچي والا. حيدرآباد والا. سکر والا. رحيم يار خان والا ۽ لاهور والا وغيره ڏسڻ ۾ آيا تہ پوءِ جيڪو حشر ٿيندو، ان جو مان ڪو تصور ڪري نہ ٿو سگهان."

مونکي پڪ آهي تہ هن عمر ۾ سائين گرداس سنڌ جي ان درد کي محسوس ڪرڻ لڳو هوندو جنهن ڏانهن هن اشارو ڪيو آهي، اهو درد واقعي ڏاڍو خوفناڪ آهي. اهڙو هيبتناڪ جو سنڌ سان پيار ڪندڙ هر شخص چاهيندو تہ جيڪر هن جون اکيون اهو حشر نہ ڏسن. هن جا ڪن اهڙي قيامت جون خبرون نہ ٻڌن.

پٺائي ڏسو تہ ان ڪيفيت کي ڪيئن لفظن جي روپ ۾ نروار ڪيو آهي:
واٽي وڃيم شال
ڪنين ڪيم سٺان.
پلو ڪري پال،
تہ اکين سين انڌو ٿيان.

سائين گرداس جي
ڪتاب جي مهورت تي پڙهيل
17-3-88 پريس ڪلب ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هاريءَ جهڙو پيار

سچو فنڪار اصل کان امن ۽ پيار جو پيغمبر ٿيندو آهي. هو جنگ نہ چاهيندو آهي. ان ڪري هو امن پسند ٿيندو آهي ۽ هن جي نظر ۾ امن تڏهن ئي قائم ٿي سگهندو، جڏهن جنگي قوتون ۽ بربادي جون طاقتون نابود ٿي وينديون آهن. جنگ جو وجود در حقيقت طبقاتي ڇڪتاڻ جو نتيجو آهي ۽ ويهين صديءَ جو سچو فنڪار ۽ شاعر جيئن تہ غير طبقاتي معاشري قائم ڪرڻ واري جدوجهد ۾ مصروف آهن. ان ڪري هن جي آدرشي معاشري ۾ جنگ ڪي ڪا بہ جاءِ ڪانهي.

ان ڪري ئي سچو فنڪار ۽ شاعر لاڳيتي جنگ جوٽي ويهندو آهي ۽ هن جو نعرو اهو هوندو آهي تہ. "شل انهن قوتن جي فتح ٿئي. جيڪي ان ڪري جنگ ڪري رهيا آهن ڇاڪاڻ جو هو جنگ کي پسند نٿا ڪن."

امن جي آس ۽ پيار جي تلاش بہ ٻن هڪجهڙين ڪيفيتن جو سنگم آهي. سچو فنڪار پيار ڪندو آهي. نفرتن کان نفرت ڪندو آهي. پيار ان ڪري ڪندو آهي. جو حسن جو پوڄاري هوندو آهي ۽ حسن جي تلاش جڏهن ڌرتيءَ لاءِ هوندي آهي تہ ان جو مقصد اهو هوندو آهي تہ اسان پنهنجي ڌرتي ۽ ديس سان پيار ڪريون ٿا. اسان پنهنجي وطن سان پيار ڪريون ٿا ان ڪري اسان ان کي سهڻو ڏسڻ گهرون ٿا ان ڪري اسان کان اها ڳالهہ برداشت ٿي نہ ٿي سگهي تہ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا چند ماڻهو اسان جي ڌرتي تي رهندڙ عوام جي وڏي اڪثريت کي قربندا ۽ لٽيندا رهن. ڌرتيءَ تي حسن ۽ سونهن جو انقلابي تصور اهو ئي آهي. پر طبقاتي معاشري ۾ پيار بہ طبقاتي ٿيو پوي هڪڙو وڏن ماڻهن جو پيار ۽ ٻيو غريب جو. اياز جڏهن چيو هو تہ:

پرين جي پکي ۾ وڃين ٿو اياز.
ٽڙي آهہ ٽانگر بہ ٿي قول ڪن.

تہ هن جي پيار جي سوغات ٽانگر جا قول هيا. پيار جي پيتا هيرا جواهر بہ ٿي سگهن ٿا. جاگيرون بہ ٿي سگهن ٿيون ۽ جان جو رت بہ ٿي سگهي ٿو. هر ڪو پنهنجي هٿيءَ آهر هوڪو ڏيندو آهي "ڪاهوڙي ڪڇڻ" ناولٽ ۾ شهناز وٽ پيار جي پيتا ڏوڪڙ آهن ۽ نوريءَ وٽ جان جو رت. اهڙي طرح پيار بہ طبقاتي ٿيو پوي ۽ جڏهن اسان ادل سومري جي غزل جون هي سٽون پڙهون ٿا تہ:

هاريءَ جهڙو پيار آ منهنجو.
تنهنجا ناز وڏيرا آهن.

تہ ادل سومري جي ترقي پسند ذهن ۾ پيار جو تصور نهايت انقلابي نظر اچي ٿو. چاڪاڻ تہ هاري، مزدور ۽ ڪمي ڪاريءَ جو پيار، اڏاوتن، تعمير ۽ ڌرتي کي حسن بخشڻ جي علامت آهي. چاڪاڻ تہ هن ڌرتيءَ تي انسان اڪين سان جيڪو بہ ڏسي پسي ٿو، سو سڀ هاري ۽ مزدور جي تخليق آهي.

هاڻوڪي سنڌي ادب ۾ سڀ کان اهم ادبي مسئلو اهو آهي تہ سچي، عوامي ۽ انقلابي ادب جو مقابلو ادب ۾ جدت پسندي ۽ رجعت پسنديءَ سان ٿي رهيو آهي. رجعت پسند ادب، اڄوڪي سنڌي معاشري ۾ اڳ ئي مدي خارج ٿي چڪو آهي. ۽ ان کي عوام جي ڪا بہ پذيرائي حاصل ٿي نہ سگهي آهي، ان ڪري ادب ۾ رجعت پرستي جي ماحول ۾ ترقي پسند ادب جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪري نہ ٿي سگهي. اڄ ترقي پسند ادب جي صفن ۾ سامراجي مغربي لاڙا جهڙوڪ فراريت، غير جانبداري ۽ انفرادي شعوري پرچار ڪاهي پئي آهي. انهن لاڙن خلاف هر ترقي پسند اديب، شاعر ۽ ليکڪ کي ڪامياب جدوجهد ڪرڻي آهي. هن جهيڙي ۾ جدت پسند اديبن جو سڄو زور لفظن ۽ ذاتي شعور جي وهڪري ڏانهن آهي. عوام ڏانهن ناهي. هنن جي اقتصادي ۽ سماجي مسئلن ڏانهن ناهي. فراريت ڏانهن آهي جدوجهد ڏانهن ناهي ۽ اهڙيءَ طرح هي اديب ڌرتي ۽ آسمان جي وچ ۾ پنهنجي جاءِ تلاش ڪرڻ گهرن ٿا. جيڪا حقيقت پسندي ناهي.

ترقي پسندن کي شڪايت آهي تہ جدت پسندن ۾ ادب جو سماجي ڪارج ڪونهي ۽ وري جدت پرستن جو الزام آهي تہ ترقي پسندن وٽ فن ڪونهي. رڳو نعرا آهن.

مون کي ادل سومري جي شاعري ۾ ادبي مقصديت ۽ فن جو وچولو سنگم تخليقي عمل نظر ايندو آهي.

منهنجو وڙ
آءُ آهيان جڻ ٽئڪسي.
هوُ آ ڊرائيور.

مان سمجهان ٿو تہ اڄ جي سنڌي وڏيرڪي سماج ۾ عورت جي مظلوميت جو هن کان وڌيڪ ٻئي کهڙي سائنسي ۽ فني لحاظ کان سڄو نقشو چٽي سگهي ٿو.

نيڻن مٿان پنيا پروون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌوءَ جي جڻ ساوڻي
اوري آءٌ من ياوڻي
ڇا جو آهي ڇانگرو.

ادل سومري جي شاعريءَ تي ڪنهن انڊ وڻندڙ انڊ لکي لفاظي ۽ علم عروض جي اثر کان هٽي ڪري ڏسبو آهي ته هن نئين ٿهيءَ جي سيني کان ننڍڙي پر تسليم ڪيل شاعر جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻولي ۽ لغت جي جيڪا وسعت آهي ان جو مقابلو سنڌ جي چڱن خاصن نيڪيدار شاعرن سان پڻ ڪري سگهجي ٿو. جنهن ۾ ادل جو پاسو ڳورو آهي.

مٿين سٽن ۾ لفظ "ڇانگرو" ۽ ان جو جمالياتي پسمنظر ان جو ثبوت آهي.

راوت تنهنجي رت مان
پوندا ڦول ڦٽي
ٽيڙو رات ٽٽي
ويا اجهامي اپ ۾.
ٻڪايل ڪي ٻوءِ
روٿيءَ سنڌي روح ۾.
وئي ٻگهڙين ٻک ٿي
ريڊارن جي جُوءِ
ٻڪايل ڪي ٻُوءِ
روٿيءَ سنڌي روح ۾.

ادل سومري ننڍي هوندي ئي جنهن شاعراڻي پختگيءَ جو معراج ماڻيو آهي. ان ۾ هن جي ذات (جيڪا هن جي مطالعي. مشاهدي. پورهئي ۽ سچائيءَ جو مجموعي رد عمل آهي) کان علاوه سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌي ترقي پسند ادبي تحريڪ جو وڏو هٿ آهي. جنهن سان ادل سومري جو ذري گهٽ نڪاح پيل آهي. سنڌي ادبي سنگت کي اهو تاريخي اعزاز حاصل آهي ته اها ادبي تحريڪ هن ننڍي کنڊ جي پهرين انقلابي ادبي تحريڪن مان هڪ آهي ۽ ان جو پايو ننڍي کنڊ جي عظيم دانشورن جهڙوڪ گوبند مالهي گوبند پنجابيءَ ۽ سوبي گيانچنداڻيءَ رکيو هو ۽ ان سان گڏ رهيا هئا. سنڌي ادبي سنگت جو تاريخي ڪردار ان حقيقت مان به لڳائي سگهجي ٿو ته اياز کان وٺي ادل سومري تائين گهٽو ڪري سڀ ترقي پسند اديب ۽ شاعر سنڌي ادبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنگت جي ادبي ترېننگ واري اسڪول مان سنکيا حاصل ڪري چڪا آهن. اها ئي ڳالهه آهي، تہ اڄ جا جدت پرست ۽ مصلحت پسند ادبي حلقا هترادو سبب ئاهي سنڌي ادبي سنگت جو نانءُ ختم ڪرڻ جي پويان آهن. مون کي پڪ آهي تہ هن سازش ۾ هو ڪڏهن ڪامياب ٿي نہ سگهندا. جيڪڏهن سنڌي ادبي سنگت ادل سومري جي ٿيءِ جي هٿ ۾ رهي.

14 اپريل 1977ع ۾ ادل سومري
سان ردايل هڪ رهاڻ ۾ پڙهيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ٺري جي ٻارن جا ڪردار. اهو فرق ليڪڪ جي سماجي ماحول جو آهي. ان ڪري عوامي شاعر اهو آهي جيڪو ڏتڙيلن ۽ غريبن جي وڏي اڪثريت سان رشتو جوڙي، ڪارن ڪوجهن، ڪوڙن ۽ اهڙن ماڻهن سان پيار ڪري جن لاءِ ڀٽائي چيو هو تہ: "پاند جنين جي پاند سين، لڳو ٿئي لڄ".

عوام سان عملي ڳانڍاپي رکڻ ڪري فنڪار، ليکڪ ۽ شاعر جي مشاهدي کي وسعت ملي ٿي. "ڪڙيون ڪِهه پڪليون، پگهر سر پيرن ـ ايءُ وڙ ويڙهيچن، مون لوڏيائي لکيا". پورهيت جي جسم مان وهندڙ پگهر ريلا ڪري جسم جي مختلف حصن تان رڙندو جڏهن مٽي ۾ پيوت ٿيل ڪڙين تي ليڪا ڪري وهي ٿو، تہ شاعر جي اکي جي ڪئميرا ان جو برابر پيڇو ڪري رهي آهي. مشاهدي جي گهرائي جو هي معيار قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

ٻيو اهم نقطو جنهن ڏانهن نئين ٿهيءَ جي دانشورن کي ڌيان ڏيڻو پوندو سو آهي نج سنڌي ٻولي جو استعمال. منهنجو خيال آهي تہ جيڪڏهن ڀٽائي کي چڱي طرح پڙهجي تہ اها حقيقت بلڪل واضح ٿي ويندي تہ سنڌي ٻولي کي جامع اظهار لاءِ ڪنهن ڌارئي زبان جي اڌاري لفظ وٺڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي. پر تنهن هوندي بہ اسان جا ڪي نئين ٿهيءَ جا ليکڪ ۽ شاعر پنهنجن لکڻين ۾ انگريزي جا لفظ استعمال ڪندي فخر محسوس ڪن ٿا. ان نفسياتي رجحان جو جيڪڏهن گهرو جائزو ورتو وڃي تہ شايد ان پٺيان نندي ڪند ۾ انگريز سامراج جي ٿي صديون حاڪميت ۽ موجوده يورپي ۽ آمريڪي ڪلچر جي يلغار نظر ايندي. بهرحال ڪي دوست انگريزي ۽ ڪي هندي ٻوليءَ جا لفظ جاٽي واٽي لکي خوش ٿيندا آهن. جو صرف انگريزي پڙهيل طبقو سمجهي سگهي ٿو. عام سنڌي ماڻهو سان رابطو ڪرڻو هجي تہ کهڙي زبان ۾ لکجي ان سوال جو جواب تڏهن ملندو جڏهن فنڪار عام آدميءَ سان سماجي لهہ وچڙ ۾ ايندو ۽ هنن جي ٻولي غور سان ٻڌندو.

ان سان گڏ سنڌي شاعرن جي نئين نسل کي چند وديا واري هندي شاعريءَ جي گهاڙيتي جو مطالعو ڪرڻو پوندو. اهي ڏينهن يقيناً گذري ويا آهن جڏهن سنڌي شاعري علم عروض جي بحرن ۾ ڪئي ويندي هئي. سنڌي ماڻهن تي ايراني حاڪميت جي ثقافتي غلبي جي نتيجي ۾ فارسي ٻولي سنڌ جي شاعرن جي ور چڙهي وئي. هنن نہ رڳو عروضي بحر ۾ حد کان وڌيڪ طبع آزمائي ڪئي پر تشبيهون، استعارا ۽ ٻيون شاعراڻيون نزاڪتون پڻ ايران ۽ عربستان واريون استعمال ڪرڻ لڳا. نتيجي ۾ سنڌي شاعري مري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وئي جنهن ڪري اياز ۽ هن جي دور جي ٻين جديد سنڌي شاعرن اڇي زنده ڪيو.

هن وقت آزاد شاعري جو دور آهي. ڪو بہ فنڪار اڄ پنهنجي خيال جي اڏام تي ڪا پابندي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ۽ ان آزاد ماحول ۾ جيڪو اڏمو شاعري بڻجي نڪري ٿو ان کي پنهنجو ترنم. پنهنجو گهاڙيٽو ۽ پنهنجي سونهن آهي. آزاد شاعري دراصل لفظن کان وڌيڪ خيال. سوچ. فلسفي ۽ ڏاهپ جي شاعري آهي جنهن جو مواد عام طرح طاقتور ٿئي ٿو باوجود ان حقيقت جي تہ شعر اهو مڪمل هوندو آهي جنهن ۾ فن ۽ مواد جو خوبصورت سنگم قائم رکي سگهجي.

سو چند تي سنڌي شاعري ڪرڻ ڪري ڪو بہ لفظ خاموش اچارڻ جي ضرورت نہ ٿي پوي جڏهن تہ عروضي شاعري ۾ ڪوڙ لفظ بي مقصد لڪٽا پون ٿا. ان ڪري نئين ٽهيءَ جي سنڌي شاعرن کي آءُ اها صلاح ڏيندس تہ هو ڪنهن ڌارئيءَ شاعري جي انگريزي يا فارسي گهاڙيٽن جي چڪر مان نڪري نندي ڪنڌ جي عظيم شاعراڻي روايت سان پنهنجو رشتو جوڙي نئين دور جي نين تقاضائن پٽاندر شاعري ڪن.

”جي تون فارسي پڙهيين،
گولو تو ۽ غلام.“

اهڙي طرح نون شاعرن کي پنهنجن نظمن ۽ گيتن ۾ نئين دور جو درد اوتڻو آهي. پنهنجي ڌرتي ۽ عوام جي هر ڏک ۽ سک کي فنائتي نموني پيش ڪرڻو آهي. پر حالتن کي رڳو جيئن جو تيئن ئي پيش ناهي ڪرڻو. اها ادبي فوٽو گرافي ٿيندي. ادبي تخليق جون سرحدون ان منزل کان اڃا گهڻو ڏور آهن. حالتن. ڪردارن. واقعن ۽ سماجي روايتن کي ادب ۾ پيش ڪرڻ وقت مستقبل کي نظر ۾ رکڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ تہ وقت گذرڻ سان گڏ مادي تبديلين اچڻ ڪري سماجي اٿلون پٿلون اچن ٿيون جنهن سان انساني ۽ ادبي قدر بہ تبديل ٿين ٿا. ادب ۾ اهڙي سوچ کي ترقي پسند حقيقت پسندي چون ٿا. جنهن جو مقصد حالتن ۽ ڪردارن کي اهڙي حقيقت پسند نموني پيش ڪيو وڃي جنهن ۾ موجوده دور جي پيڙا سان گڏ آئيندي جي اميد بہ ٻڪندي هجي. حقيقت پسندي ان ۾ هترادو پر اميدي پيدا ڪري نہ سگهندي پر آئيندو نہ اونداهو ٿيڻو ئي ناهي ڇاڪاڻ تہ تاريخ پنهنجو پاڻ کي ورجائيندي ناهي ۽ انسان پنهنجي زندگي جي ڏکهي تاريخ اونداهي دور کان شروع ڪئي آهي.

سو نئين ٽهيءَ جي سنڌي شاعرن سان ترقي پسند. قومي. عوامي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انقلابي شاعريءَ جي ئي اميد رکي سگهجي ٿي. اهڙي شاعري جنهن ۾ نعري بازي بدران حقيقت پسند گنڀيرتا هجي، خيال جي گهرائي ۾ ترنم هجي ۽ اجهامندڙ چڻنگ کي پنيت ۾ تبديل ڪندڙ ولولو هجي.

ولولو ۽ واڪ، اي تان آهه عشق جي
نظم ڏسو ته ڪيئن جوڙيل آهي:

"منهنجا گيت
تون جو وج جي تاريءَ تي
گل وانگر
ٽڙيو آهين،
چا
مند پوري ٿي ويندي
ته تون به ڇڻي ويندين!!" (واتون قلن چانئيون)

هن کي نظماڻو نثر چئو يا نثراڻو نظم. پر پنهنجي جاءِ تي هي سچو نظم جڻ هڪڙي سريلي سٽ آهي، جڻ هارميونم جو هڪ سر آهي. هيءَ خيال جي شاعري آهي. خيال جي اڏام ۽ منجهس سمايل درد هر نظم کي هڪ خاص ترنم ۽ گهاڙيٽو ڏئي ٿو. ان ڪري جديد شاعرن کي ارٿميٽڪ جي حسابن وانگي ڳڻ ڳوت سان شعر لکڻ کان وڌيڪ ان حقيقت ڏانهن ڌيان ڏيڻو پوندو ته سنڌن شعر سندن اندر مان نڪرڻ کانپوءِ عوام جي قومي ملڪيت ٿيو پوي، ان ڪري شعر چوڻ کان اڳ شاعر کي اهو به سوچڻو پوندو ته هو پنهنجي قوم کي ڇا ٿو ڏيڻ گهري؟

هاڻي اچو ته هن اوکي معيار تي هڪ نئين نکور ڳڀرو سنڌي شاعر حسن منصور کي پرکي ڏسون.

دلڙي منهنجي چيز نه تون.
بندش پيل ڪتاب آهي.

---

ساهه سڳي تي نچندڙ نيزا.
هر ڪو پل آ پوبون پل.

هنن سٽن ۾ ان گهٽ ۽ ٻوسٽ جو ترورو ملي ٿي جنهن ۾ سياسي ٻوليءَ ۾ قومي ۽ طبقاتي جبر ڇيو ويندو آهي. هي سٽون ٻڌائن ٿيون ته شاعر جو من مارن سان واڪيل آهي ۽ دوست کي شاعريءَ جي سماجي ڪارج جو گهرو احساس آهي. حسن منصور پنهنجي شاعري ۾ مادي مان ٺهيل انسان، جنهن کي صوفي الله سڏين ٿا، ان جي حسن جون ڪجهه تصويرون پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظن جي رنگ سان چٽيون آهن.
"نيڻ نہ ھھڙا پاڻ ڏنا اڳ.
برف تي جڻ ڪا رات ستل."

---

مون جذبن جي ڇيڻي سان
زندگي جي اڻ گھڙيل پٿر کي
تخيل مان حقيقت جو روپ ڏنو
سچ جي سيني رنگن سان
سندس بدن جرڪائي ڇڏيم
ڏکن جو اڄ
۽ سکن جو سيان
سندس اکڙين ۾ اوتي ڇڏيم
۽ سندس سينڌ ۾
ڳاڙھن شعرن جو سنڌور پري ڇڏيم
پوءِ سندس ڪاڏيءَ تي ھٿ رکي
سندس منھن ۾ ڏٺم
ھوءَ مرڪي پئي
۽ سندس مُرڪ
خوشبوءِ بڻجي
ڦھلجندي وئي. ڦھلجندي وئي، ڦھلجندي وئي.

حسن منصور سيني صنفن تي لکي ٿو. سندس ڇتارو مونکي گھڻو پسند آيو. پر مون ڏٺو تہ ھي دوست غزل جو وڏيڪ سٺو شاعر آھي. ھونئن تہ چوندا آھن تہ بھترين شاعري ڪنھن بہ فارم ۾ ڪ ي سگھبي آھي. ان ڪري ھن لاءِ ضروري آھي تہ ھو سيني صنفن ۾ رياض ڪري جيستائين وچي ڪنھن خاص صنف تي دسترس حاصل ٿئيس. شاعري ۾ پختگي حاصل ڪرڻ لاءِ ڄمار گھرجي ۽ شاعري جي تڪميل لاءِ بہ ٽي جنم درڪار آھن.

جي قيام مڙن تہ ڪر اوڏا سپرين
تئان پري سُڄن، واڌايون وصال جون. (پـــتـــائــي)

ھتي آءٌ ھڪ ڳالھہ واضح ڪرڻ گھران ٿو تہ ھي ھڪ ادبي ورڪشاپ آھي. سنڌي ادبي سنگت ھڪ ادبي لئبارٽري آھي. ھتي تجربا ٿيندا آھن. شاعريءَ جا. تنقيد جا. ڪھاڻين، مضمونن ۽ ٻين ادبي لکڻين جا. انھن تجربن جو مقصد ادبي مسئلن تيَ ان نيت سان بحث ڪرڻ ھوندو آھي تہ گھڻن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسڪرپٽ ۾ لکي ويندي هئي.

ان حوالي سان بحث جي طوالت کي ڇڏي مختصر طور اهو ٿي چئي سگهجي ٿو ته اهو ڪم شايد دنيا جي ٻين هنڌن جي مقابلي ۾ سنڌ ۾ ٿي ٿي سگهي ٿو ۽ ٻين ماهرن بدران سنڌي ماهر ئي ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن انڊس اسڪرپٽ کي پڙهڻ لاءِ قديم لنڪ نه ٿي ملي ته اچو ته جديد لنڪِ کي استعمال ڪريون. ماڻهو پنهنجي ڪن کي هڪڙي پاسي کان به جهلي سگهي ٿو ۽ ٻئي پاسي کان به ڇُهي سگهي ٿو. بهرحال ان ڪم لاءِ ٽيڪنالاجي، مهارت ۽ مالي وسيلا گهرجن جن جو بندوبست حڪومت. سول سوسائٽي ۽ سنڌي قوم کي هر صورت ۾ ڪرڻ گهرجي ۽ ان ڪم جي شروعات سنڌي لئنگويج اٿارٽي کي ئي ڪرڻ گهرجي.

2- ٻوليءَ جي واڌاري، سڌاري ۽ ترقي لاءِ ٽيندڙ مطالبن جا ٻه پهلو آهن: هڪ سياسي ۽ ٻيو عِلمي ـ ٻوليءَ جي سياست کي ڏکڻ ايشيا ۾ ڏگهي تاريخ آهي. ان جو ذڪر ملڪ جي مشهور لساني ماهر طارق رحمان سنڌي لئنگويج اٿارٽي پاران 26 اپريل 2004 تي ڪوٺايل ڪانفرنس ۾ پڻ ڪيو هو.

اوهان جي دعوت نامي سان گڏ 21 فيبروري 2003 تي "مادري ٻولي ۾ تعليم جي اهميت" تي ٿيل حيدرآباد واري مذاڪري ۽ 26 اپريل 2004 واري پاڪستاني ٻولين بابت ڪانفرنس جي ٺهرائن وارين ڪاپين جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته اسان سنڌي پنهنجي ٻولي جي ترقي بابت علمي نقطئہ نظر کان گهٽ. ۽ سياسي طور وڌيڪ سوچيون ٿا. مثال: "سنڌ جي مڙني ريڊيو اسٽيشنن تان 80 سيڪڙو پروگرام سنڌي ٻوليءَ ۾ نشر ڪيا وڃن". يا "سنڌ اسيمبلي توڙي مختلف سرڪاري ادارن جون ڪارروايون سنڌي ۾ هلائڻ ۽ لکڻ گهرجن". وغيره ٻوليءَ بابت سياسي نوعيت جا مطالبا آهن.

مان ان حڪمت عملي جو مخالف ناهيان ته سنڌي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ سياسي پهلو تي پڻ زور ڏنو وڃي. پر مونکي اهو ڏسي مايوسي ٿئي ٿي ته اسان ٻوليءَ جي ترقي لاءِ علمي پهلوءَ تي گهٽ زور ڏيون ٿا. ان ڪري اسان کي گهرجي ته علمي لحاظ کان پڻ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي بابت سوچ ويچار ڪريون.

ان حوالي سان هيٺ ڪجهه تجويزون پيش ڪجن ٿيون:

3- ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ 1872ع ۾ جيڪو سنڌي گرامر انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيو آهي. انجو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائڻ گهرجي. اهو ڪم ان ڪري به ضروري آهي ڇاڪاڻ ته ٽرمپ پنهنجي گرامر ۾ ٻڌائيءَ جي سنڌي ٻوليءَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوليءَ ۾ مختلف ۽ مناسب لفظ ملي ويندا ڇاڪاڻ تہ سنڌي هڪ وسيع ٻولي آهي. ان قسم جي عِلمي ڪم ڪرڻ جو فائدو اهو ٿيندو تہ انگريزيءَ مان سنڌي ترجمي سان لاڳاپيل ڪيترائي لسانياتي مسئلا حل ٿي ويندا ۽ مونجهارا ختم ٿي ويندا.

9- هن وقت حڪومتي سطح تي پاڪستان ۽ هندستان جا لاڳاپا سڌري رهيا آهن. ان ڪري سرحد جي ٻنهي پاسي اردو ۽ پنجابي ٻولي ڳالهائيندڙ اديبن جون ڪانفرنسون ٿيون آهن. اهڙي سنڌي ڪانفرنس دهلي ۾ پڻ ٿي آهي جنهن ۾ سنڌي اديب شريڪ ٿي آيا آهن.

ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سنڌ سرڪار جي سطح تي سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جا سرڪاري ادارا هندستان جي سنڌي اسڪالرن، محققن ۽ اديبن کي دعوت ڏئي سنڌ ۾ اهڙي هڪ ڪانفرنس جو بندوبست ڪري. ان سان سنڌي لسانيات جي بين الاقوامي ماهر جناب خوبچنداڻيءَ جهڙا ماهر هندستان، آمريڪا ۽ انگلستان کان سنڌ اچي سگهندا ۽ سنڌي ٻوليءَ تي ٻاهرين دنيا ۾ جيڪا ريسرچ ٿي رهي آهي ان جي جوڳي معلومات ملي سگهندي.

10- سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ کي گهرجي تہ سنڌ جي فني مهارت تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ننڍا وڏا ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪري. مثال اجرڪ، جنڊي، ڪاشي، کهوڙن، اٺن، ڏاندن ۽ ٻين جانورن جا سنج، ڪنڀارڪو هنر، پرت جو هنر، سنڌي سازن ٺاهڻ جو هنر، ٿر جو چوُنرو، ڪڇي جي چن يا چنو، ملهہ جو هنر ۽ نَوَ ٽِڻ ( chess جي ابتدائي شڪل) وغيره جهڙن هنرن کي ان ۾ شامل ڪيو وڃي.

ان سان گڏ نارُ، جنڊ، ڏاند گاڏي، گهاڻو، ٻيڙي، مڇي مارڻ جا ڄار ۽ ڪپڙي اُڻڻ وارن هنرن تي بہ تفصيلي ڪتاب ڇپائڻ گهرجن جن سان نئين سنڌي نسل کي سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻ ڏئي سگهجي.

تاريخ: 28 اپريل 2004ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تاريخ ڳالهائي ٿي

ان وقت اندر مان هڪ سيسراٽي نڪري وئي هئي جڏهن ڪامريڊ سوڀي گيانچندائي سنڌس اخباري ڪالمن جي مجموعي تي مهاڳ لکڻ لاءِ مونکي چيو هو.

ظاهر آهي ته اٿاهه اپياس ۽ مشاهدي واري گُروءَ تي سنڌس چيلو ڪهڙي ٽَي ٽيڪا ٽپڻي ڪري سگهيو!

ڪامريڊ سوڀو شروع کان وٺي منهنجو سياسي گُرو رهيو آهي. هُن منهنجي ان زماني کان وٺي ذهني پرورش ڪئي آهي جڏهن اجا مئٽرڪ به پاس نه ڪئي هئي.

ان وقت ڪامريڊ سوڀو موهن جي دڙي لڳ پنهنجي اباڻي ڳوٺ بنديءَ ۾ ڇئن سالن جي نظربندي ڪاٽي رهيو هو ۽ مون سنڌ جي مهان شاعر شيخ اياز جو نثري مجموعو. "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي". پڙهي پورو ڪيو هو جنهن جي ارپنا هن ڪامريڊ سوڀي کي ڪئي هئي. هي اهو زمانو هو جڏهن مان هڪ جنوني مذهبي مسلمان مان ڦري آزاد خيال صوفي تي رهيو هوس ۽ مهين جي دڙي کان ڏکڻ ۾ سنڌوءَ جي ڪپ تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ رهندو هوس جتي مسجدون گهٽ ۽ صوفين جا اوتارا وڌيڪ هئا ۽ آهن.

جيئن ته اياز جي ڪتاب منهنجي ڪچڙي ذهن کي ڌوڏي وڌو هو. ان ڪري مون ۾ اونهو احساس پيدا ٿيو ته مان ان ماڻهوءَ سان ملان جنهن کي اهڙي ڪتاب جي ليکڪ پنهنجو ڪتاب منسوب ڪيو آهي. ان تي منهنجي ڳوٺ جي ماڻهن مونکي ٻڌايو ته. "سوڀو هڪ خطرناڪ ۽ انوکو ماڻهو آهي. هو هندو ۽ ڪميونسٽ آهي ۽ تَرجي هارين کي چوندو آهي ته اهي سنڌس وڏي ياءُ سميت ڪنهن به زميندار کي پنهجي پتيءَ جو اَن نه ڏين ڇاڪاڻ ته جيڪو کيڙي سو کائي." اهو ئي سبب آهي جو هميشه جيل ۾ هوندو آهي دور جي حڪومت هن کي آزاد ڇڏي پنهنجي لاءِ خطرو محسوس ڪندي آهي. هنن ٻڌايو ته اهو اج به پنهنجي ڳوٺ بنديءَ ۾ نظربند آهي ۽ سنڌس ڳوٺ مان ٻاهر نڪرڻ تي بندش آهي.

انهيءَ معلومات ملڻ ڪانپوءِ مون ۾ وڌيڪ اُڻ تُڻ پيدا ٿي ته اهڙي ماڻهوءَ سان جيترو جلد ٿي سگهي مِلجي. ۽ جيئن ته ڪامريڊ سوڀي جي ڳوٺ ۽ اسان جي ڳوٺ وچ ۾ ديهه لاٽياري جون ڪجهه زرعي زمينون ۽ دادو ڪئنال

هو ان ڪري اسان ويجهڙا پاڙيسري هئاسين جنهن ڪري ترت ئي ملاقات ٿي وئي جنهن ڪانپوءِ منهنجي ذهني زندگيءَ جون ٿيون دور هڪ وڏي ڌماڪي سان شروع ٿيو.

جيئن پاڻ پنهنجي هن ڪتاب جي هڪ ڪالم (نمبر 13) ۾ لکيو اٿس ته. "منهنجي واقفيت بر صغير جي هڪ عظيم ساٿي (ڪامريڊ) پنا لال داس گپتا سان ٿي جنهن مون کي ڪميونزم جي دڳ لاتو". بلڪل اهڙي طرح ڪامريڊ سوڀي جڻ مونکي چيچ کان وٺي عقلي بنياد تي سائنسي انداز سان سوچڻ سيکاريو جنهن ڪري منهنجي اندر مان روايتي سوچ ويچار جو ڪافي گند ڪچرو صاف ٿي ويو ۽ مون کي لڳو جڻ هن منهنجو اندر اجاري ڇڏيو هو.

ان ملاقات کي ٽيهارو کن سال گذري چڪا هئا جنهن دوران ڪامريڊ سوڀي ساڻ نه ڪڏهن ذهني ڳانڍاپو ٽٽو هو ۽ نه ساڻس ذاتي نيازمنديءَ جو انت آيو هو. هينئر ڪامريڊ ستر سالن جي ڄمار کي رسي چڪو هو ۽ سنڌ توڙي ننڍي کنڊ جو مهان دانشور مڃيو پئي ويو. ان وچ ۾ مونکي هڪڙيءَ سنڌي اخبار روزاني عوامي آواز ڪراچيءَ جي ايڊيٽر ٿيڻ جو موقعو مليو. 15 جولاءِ 1990ع تي اخبار سنڀالي مون پنهنجي هڪ نوجوان اديب دوست محمّد علي پناڻ ساڻ مشورو ڪيو ته ڇا اهو ممڪن آهي ته ڪامريڊ سوڀو منهنجي اخبار لاءِ پابنديءَ سان هفتيوار ڪالم لکي! اها منهنجي آس ضرور هئي پر مونکي آسرو گهٽ هو ته ڪو ڪامريڊ هر هفتي اخبار لاءِ ڪالم لکي ڏيندو. ان جو سبب اهو هو ته مونکي چڱي طرح خبر هُئي ته ڪامريڊ پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ ڪيترا اهم انٽرويو رڪارڊ ڪرائيندو رهيو آهي ۽ ڪيترن اهم موقعن تي اڻ وسرندڙ تقريرون ڪندو رهندو آهي جن جون خبرون اخبارن ۾ ڇپبيون رهنديون آهن. پر هو ڪنهن اخبار يا رسالي لاءِ ڪڏهن به لاڳيتو نه لکندو آهي. ان ڪري مان گهٽو پُر اميد نه هوس پر منهنجي نوجوان اديب دوست مونکي همت ڏياري ۽ هن ذمو کنيو ته هو جيئن ته پاڻ به لاڙڪاڻي ۾ رهي ٿو جتي اجڪلهه ڪامريڊ سوڀي جو گهر آهي. ان ڪري هو ڪامريڊ کان تاڪيد سان ڪالم وٺي ڪراچيءَ ڏياري موڪليندو.

اهڙي انتظام ٿيڻ ڪانپوءِ ئي اسان ڪامريڊ سوڀي آڏو پنهنجي آس جو اظهار ڪيو. هو ته هوندئن ئي ڏاڍو ٻاجهارو ۽ گهاٽي وڻ جي ڇانوَ جهڙي دل رکندڙ ماڻهو آهي. سو راضي ٿي ويو ۽ مونکي ان ڏينهن پنهنجين اکين تي اعتبار نه پئي آيو جڏهن 26 جولاءِ 1990ع واري اخبار ۾ سندس پهريون ڪالم پئي ڇاپيم. ڪالم جو مستقل عنوان، "تاريخ جا وسريل ورق". ڪامريڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پنهنجي پسند هئي. بهرحال اڳتي هلي، منهنجي زور پرڻ تي ڪامريڊ ان تي راضي ٿي ويو ته سندس ڪالم جو مستقل عنوان، "تاريخ ڳالهائي ٿي،" رکيو وڃي.

پنهنجي جاء تي اها هڪ حقيقت آهي ته ڪامريڊ سوڀي جي هفتيوار ڪالم سنڌ ۽ هند جي سنڌي صحافتي ۽ ادبي حلقن ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو هو. سنڌ ۽ پاڪستان کان ٻاهر ڪامريڊ جا ڪيترائي دوست، گهڻگهرا توڙي اوپرا ڪوجنا ڪندڙ فرد توڙي ادارا هن ڪالم ۾ دلچسپي وٺڻ لڳا ڇاڪاڻ ته ڪين پليءَ پٽ پروڙ هئي ته ڪامريڊ سوڀو سنڌ جي سياسي نبض تي هٿ رکي لکي رهيو آهي. اهو ئي سبب هو جو روزاني عوامي آواز ڪراچيءَ جو وڪرو پيٽن ڪيترن ئي سببن سان گڏ خاص ڪري ڪامريڊ سوڀي جي ڪالم جي ڪري وڌي ويو هو.

ڪامريڊ سوڀي جي ڪالم جو سنڌ جي سياسي ڪلچر تي جيڪو اثر پوڻو آهي، ان جو اندازو اڳتي هلي ٿيندو.

سنڌ جي خاص ڪري هاڻوڪي سياسي ڪلچر جو هڪ اهو به الميو آهي ته اسان جي سياستدانن ۽ سياسي ڪارڪنن مان ڪيترن کي انهن مسئلن جو اونهو اڀياس ناهي جن کي سياسي رنگ ڏيئي پنهنجي سياست هلائي رهيا آهن.

ان حقيقت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي ته ڏکي تاريخي پس منظر ۾ مسئلن کي پرکڻ ۽ سمجهڻ کانسواءِ انهن کي پنهنجي سياست جو موضوع بڻائڻ مان نه رڳو سياسي مقصد ۾ ڪاميابيءَ جا امڪان گهٽجي سگهن ٿا پر ايئن به ٿي سگهي ٿو ته خود سياست ئي بدنام ٿي وڃي.

سو سياسي تبديلي لاءِ جاکوڙيندڙ ماڻهن لاءِ ڏاڍو ضروري آهي ته اهي دنيا ۾ انهن مڙني سياسي تجربن ۽ تحريڪن جو گهرو اڀياس ڪن جيڪي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ سياسي ۽ سماجي تبديلي جو ڪارڻ بڻيا آهن. جيڪڏهن ايئن نه ٿيو ته پوءِ چئبو ته اسان جو سياسي ڪلچر "انڌي گهوڙي ڪلَ ۾"، آهي.

ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ سنڌ جي سياسي ڪلچر کي اڻجاڻائي جي اونده مان ڪڍڻ لاءِ جس ـ لهڻي جاکوڙ ڪندي پنهنجن اخباري ڪالمن ذريعي دنيا جي سياسي انقلابن ۽ سماجي تحريڪن تي جيڪا روشني وڌي آهي ان جو اثر سنڌ جي مقداري سياست کان وڌيڪ معياري سياست تي اوس پوندو ۽ ان جو احساس گهڻو اڳتي هلي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ محسوس ٿيڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳندو.

سندس پهريون ڪالم "حُر تحريڪ" بابت چند ويچارن تي ٻڌل آهي جيڪو 26 جولاءِ 1990ع واري روزاني عوامي آواز اخبار ۾ ڇپيو هو. ان ڪالم ۾ پاڻ لکيو هئائين ته. "ارادو ڪيو اٿم ته ڪجهه اهڙن واقعن. تاريخي موڙن ۽ شخصيات جو ذڪر ڪجي جنهن مان پڙهندڙن کي تاريخي معلومات کان علاوه موجوده صورتحال کي سمجهڻ. ان مان سبق حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي لاءِ رستو ڪڍڻ ۾ ڪا مدد ملي سگهي."

۽ واقعي ڪامريڊ سوڀي جي ڪوشش ان لحاظ کان ڏاڍي وقتائتي آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو. جن جي پڙهڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي ڪالم لکيا ويا آهن. سي اڄڪلهه انهيءَ سياسي اڻ ـ تڻ ۾ آهن ته عالمي ۽ مقامي واپومنڊل جي روشنيءَ ۾ ڪهڙو سياسي رستو اختيار ڪيو وڃي؟ اهو سوال نظرياتي لحاظ کان بيحد اهم آهي ۽ ان جو جواب به صرف ڪامريڊ سوڀي جي حيثيت وارو ڪو اهڙو ماڻهو ڏئي سگهي ٿو جنهن سنڌ ۾ وهي نندي ڪنڌ جي سياسي سمونڊ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ هڪ لهر پنهنجين اکين سان ڏٺي هجي.

حُر تحريڪ تي لکيل پنهنجي ڪالم ۾ ڪامريڊ هڪ اهڙي ڄاڻ ڏني آهي جنهن جي اسان مان گهڻن کي خبر نه آهي. پير صبغت الله پاڳاري شهيد بابت لکيو اٿس ته. "جيل مان نڪرڻ تي هُن پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪانگريس لاءِ چرخا ۽ آڏاڻا گهرائي هڪ چڱو خاصو مرڪز قائم ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ هن جون ملاقاتون جئرامداس دولت رام (گانڌيءَ جو ساڄو هٿ ۽ ڪانگريس ورڪنگ ڪميٽي جو ميمبر) سان ٿيون. ۽ ٻيا ننڍا وڏا ڪانگريسي سون جي تعداد ۾ پيرڳوٺ جو طرف ڪندا نظر ايندا هئا."

تاريخ جي رڪارڊ کي درست رکڻ هر ايماندار دانشور. اديب. صحافي ۽ پيشور تاريخدان جو فرض آهي پوءِ اهڙي حقيقت بيان ڪرڻ سان ڪنهن کي ڳالهه وڻي يا نه وڻي ته اهو فرد ۽ تاريخ جو ذاتي مامرو آهي. ڪامريڊ پنهنجن ڪالمن ۾ تاريخي حقيقتون جيئن جو تيئن پيش ڪندي هڪ ٻي دلچسپ روايت قائم رکي آهي. هن ڪيترن اهم سياسي ۽ ٻين معاملن تي پنهنجي پاران فتويٰ صادر ڪرڻ بدران پڙهندڙ کي آزاد ڇڏيو آهي ته نتيجو هو پاڻ ڪڍي. ان ڪري حُر فورس بابت پنهنجي ڪالم ۾ ڪامريڊ لکيو آهي ته "اهو فورس عوام جي بهتريءَ. خدمت ۽ نجات لاءِ به ڪم اچي سگهي ٿو ۽ انهن کي غلام رکڻ لاءِ حڪمرانن جو هٿيو ٿي به استعمال ٿي سگهي ٿو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان قسم جي لکڻي مان ليکڪ جي سنجيدگي ۽ بردباريءَ جي بوءِ اچي ٿي. پنهنجن ڪيترن ڪالمن ۾ ڪامريڊ سوڀي بحث هيٺ آيل صورتحال کي بيان ڪري نتيجو هڪ يا ٻن اهم سوالن جي صورت ۾ پڙهندڙ آڏو رکي ڇڏيو آهي. "دهشتگرديءِ واري سياست." جي عنوان هيٺ لکيل ڪالم ۾ هڪ جاءِ تي ڪامريڊ لکيو آهي ته. "سال 1990ع ۾ اهو چوڻ مشڪل آهي ته اڳتي هلي عوامي تحريڪن جو جذبو اڀاريندڙ ۽ سرواڻ شخصيت گانڌي هوندو يا مارڪس؟" آئرلينڊ. هندستان. آمريڪا ۽ سنڌ ۾ دهشتگرديءِ واري سياست جي واقعن جو جائزو وٺندي ۽ فرانس جي نوبل انعام کٽندڙ ليکڪ رومين رولئنڊ جي ڪتاب. "ليني ائنڊ گانڌي" جو ذڪر ڪندي ڪامريڊ ڄاڻايو آهي ته. "بندوق جي ناليءِ مان انقلاب ته اچي سگهي ٿو پر هڪ خوشحال گهر نهي نٿو سگهي".

سياست ۾ تشدد ۽ عدم _تشدد وارن عالمي رجحانن تي بحث ڪندي ۽ سڄي دنيا ۾ آيل انقلابن ۽ سماجي تبديلين جو ذڪر ڪندي ڪامريڊ سوڀي عوامي تحريڪن جا ٽي قسم ڄاڻايا آهن. هڪ هٿياربند جدوجهد. ٻيو پرامن آئيني طريقن واري ويڙهه ۽ ٽين هٿيارن ۽ آئيني طريقن جي ميلاپ واري جدوجهد. ان سلسلي ۾ جتي انقلابي تشدد وارو نسخو ڪامياب ٿيو آهي اتي ان جو حقيقت وچان جائزو ورتو اٿائين ۽ جتي آئيني طريقن ۽ پرامن نموني آزادي حاصل ڪئي وئي آهي اتي ان جو ذڪر ڪيو اٿس. البت پنهنجي ليکي اهو نتيجو ڪڍيو اٿس ته. "دهشتگردي ڪنهن به مسئلي جو حل ناهي. نه قومي مسئلي جو. نه مذهبي مسئلي جو ۽ نه ڪنهن نسل يا ٻوليءِ جي بنياد تي ڪنهن مسئلي جو حل آهي. شخصي تشدد ته ڪڏهن به ڪنهن مسئلي جو حل ڪونهي. پر رووليوشنري وايولينس يعني اجتماعي انقلاب تشدد به اڄ طاقتور هٿيارن آڏو ڪمزور ٿي ويو آهي. ڪالهه (نيلسن) منڊيلا ۽ سندس جماعت آفريڪن نئشنل ڪانگريس في الحال انقلابي تشدد جي پاليسي معطل ڪري ڇڏي آهي جنهن تي هو 27 سالن کان عمل ڪري رهيا آهن."

هوڻن هن ڪتاب ۾ ڪامريڊ سوڀي ماضيءَ جي تاريخ جي حوالي سان مهين جي دڙي واري تهذيب تي به لکيو آهي (ڏسو ڪالم 18). ته ٻن مهاڀاري جنگين جو پس منظر پڻ ڏنو آهي جنهن ۾ اُن وقت جي عالمي سياست جي اٿل پٿل کان وٺي موجوده دور ۾ متحد ٿيل جرمنيءَ واريءَ تبديليءَ تائين وارن بين الاقوامي واقعن جو خوبصورت وچور آيل آهي (ڪالم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

16). پر فلسطين جي سرزمين تي يهودي رياست جي قيام بابت ڪالم 24 ۾ جنهن عالمي انياءَ جو ذڪر ڪيو اٿس ان کي پڙهي محسوس ٿئي ٿو ته ويهين صديءَ ۾ به انسان اجا تهذيب نه سکي آهي: "2 نومبر 1917ع تي برطانوي حڪومت هڪ مختصر پڌرنامو جاري ڪيو جنهن جو نالو بيلفور ڊڪليئريشن هو. ان ۾ چيو ويو هو ته يهودي ماڻهن لاءِ فلسطين (جي علائقي) ۾ قومي وطن ٺاهيو ويندو. هي فيصلو انگريز جنگي ڪابينا ڪيو. ان ۾ چيو ويو ته فلسطين ۾ جنگ جي خاتمي بعد يهودين جو وطن ٺاهيو ويندو. هي فيصلو ان وقت ٿيو جنهن وقت عرب، ترڪي سلطنت خلاف انگريزن سان گڏ وڙهي رهيا هئا ۽ فلسطين اندر عربن جي آدمشماري نوي سيڪڙو هئي ۽ نوانوي سيڪڙو زمين عربن جي ملڪيت هئي. ۽ اهو وطن انهن يهودين لاءِ قائم ڪيو پئي ويو جن اجا فلسطين جي سرزمين تي قدم ئي نه رکيو هو......... 1918ع ۾ 56 هزار يهودي فلسطين ۾ هئا ۽ 1948ع ۾ سندن تعداد ساڍا ڇهه لک تي ويو هو ۽ ساڳي ئي سال انگريزن فلسطين ۾ يهودي دهشتگردن جي دٻاءَ هيٺ فلسطين کي تقسيم ڪري ٻن حصن ۾ ورهائڻ جو فيصلو ڪيو."

ان سان گڏ ايراني نار واري جنگ ۽ عراق جي تاريخ جاگرافي تي لکندي ڪامريڊ پنهنجي سياسي جائزي ۾ 31 ڊسمبر 1990ع تي لکيو هو ته 15 جنوري 1991ع واري حد گذرڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن عراق ڪويت خالي نه ڪيو ته آمريڪا ۽ ان جا اتحادي ڪوشش ڪندا ته عراق کي تباهه ڪن. هن مسئلي تي 25 ۽ 26 ڪالم ۾ پڻ خاصي معلومات ملي ٿي.

ڪامريڊ سوڀي پنهنجن ڪالمن ۾ ڪجهه اهم شخصيتن جو به ذڪر ڪيو آهي جن ۾ سائين جي ايم سيد، حشو ڪيولراماڻي، حسن ناصر شهيد، نظير عباسي شهيد، ڪامريڊ عبدالقادر ۽ پنا لال داس گپتا شامل آهن.

البت سندس اهي ڪالم بيحد اهم آهن جن ۾ هن سوشلزم ۽ ڪميونزم جي حال ۽ آئيندي تي لکيو آهي ۽ جن ۾ هن 1946ع وارن هندو_مسلم فسادن جي روشنيءَ ۾ بهارين جي لڏ پلاڻ ڪان وٺي سنڌ کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ وارين موجوده سازشن ٺائين واري صورتحال جو جائزو ورتو آهي. 1946ع هندو_مسلم فسادن ۽ بهارين جي لڏپلاڻ واري پس منظر ۾ ڪالم نمبر 22 ۽ سنڌي_مهاجر جهيڙي ڪانپوءِ سنڌ جي ورهاست وارين ڳالهين بابت جڏهن سندس ڪالم نمبر 12 پڙهجي ٿو تڏهن صورتحال جي سنگيني محسوس ٿيڻ لڳي ٿي ۽ شديد احساس ٿئي ٿو ته مستقبل ۾ سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ورهاڱي کي روڪڻ لاءِ سنڌين کي هوش حواس کان ڪم وٺي وڏي جدوجهد ڪرڻي پوندي. ان سلسلي ۾ ڪامريڊ لکي ٿو ته. "ظاهر آهي "مهاجرستان"، سنڌ اندر ايئن قائم ٿيندو جيئن فلسطين جي ڌرتيءَ تي اسرائيل جو قيام ". سنڌ اسيمبليءَ جي 1953 ع وارين چونڊن کانپوءِ جي ايم سيد ۽ هاري ڪميٽي جي سهڪار سان قائم ڪيل سنڌ عوامي محاذ کي 41 مان 7 سيٽون ملڻ تي وفاق پاران سنڌ کي اولهه پاڪستان ۾ شامل ڪرڻ يا ورهائڻ جون جيڪي سازشون تيار ڪيون هيون انهن جو ذڪر ڪندي ڪامريڊ لکي ٿو ته. "سنڌين مان اها اميد رکڻ ته هو خودڪشي ڪرڻ قبول ڪندا يا سنڌ جي ڪنهن ورهاڱي واري اسڪيم تي سنڌين کان صحيح ڪرائيندا. پاڳلپڻي جي نشاني آهي ۽ جيڪي سمجهن ٿا ته ڪين سنڌ مٿان راج ڪرڻ جو حق سندن "فتح" جي نتيجي ۾ مليو آهي ته هنن کي تاريخ ورائي پڙهڻ گهرجي. فاتح کي اهو حق مفتوح ڪڏهن به نه ڏنو آهي. "......... "سنڌ فاتحن جي غلامي ڪڏهن به هميشه لاءِ قبول نه ڪئي آهي ۽ هي ته فاتح به ناهن. هنن کي نه اسان دعوت ڏئي سڏ ڏنو هو. هنن جا حق صرف دعوتين جا آهن." بهرحال هن بحث جو نتيجو ڪامريڊ هنن لفظن ۾ ڪڍيو آهي. "مهاجر- سنڌيءَ واري مسئلي جو حل سنڌ ۾ آهي ۽ ان گڏيل سنڌ جي مفاد لاءِ مهاجرن ۽ سنڌين ۽ ٻين هتي وينل قومن کي گڏجي جدوجهد ڪرڻي آهي."

سوشلزم ۽ ڪميونزم جي آئيندي تي پنهنجي 1 نومبر 1990 ع واري ڪالم نمبر 14 ۾ سويت يونين ۾ ايندڙ تبديلين جو جائزو وٺندي انهن مقامي ۽ عالمي سببن جو ذڪر ڪيو اٿس جيڪي انهيءَ اٿل پٿل جو سبب بڻيا آهن. اهي سبب مختصر طور هي آهن: (1) سويت يونين لاءِ آمريڪا ۽ ٻي سرمائيدار دنيا جي هٿيار بنديءَ جي مقابلي ۾ چٽا ڀيٽي نا قابل برداشت حد تائين وڌي چڪي هئي. (2) ٻي مهاڀاري جنگ کانپوءِ سويت يونين پنهنجن اتحادي ملڪن جو جيڪو اقتصادي ۽ ٻيو بار کنيو هو سو سويت يونين جي پورهيتن کي لاڳيتو 45 سالن تائين برداشت ڪرڻو ٿي پيو. ان ڳالهه شايد روسي عوام کي آماده ڪيو ته هو ڪميونزم جي ڀاري بوجهه مان جان ڇڏائڻ ۽ پنهنجي قبضي/اثر هيٺ آيل سمورن ملڪن کي ڊر ڏيڻ ته اهي پنهنجن پيرن تي بيهي سگهن. (3) ان ۾ شڪ ناهي ته سوشلسٽ معيشت ۾ نوڪر شاهيءَ مزدور جي پيش قدميءَ جي ۽ تخليقي صلاحيتن کي دٻائي رکيو هو. گڏيل ملڪيت سبب ترغيب جو عنصر ذري گهٽ ختم ٿي ويو هو. مٿيان خرچ وڌي ويا هئا ۽ پيداوار جي گڏيل فنڊن مان هر شخص کي جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصو پتي پئي پيو اهو ڪيترن حالن ۾ سرمائيدار ملڪن جي مزدورن ڪان بہ گهٽ هو. (4) ٻي جنگ عظيم کانپوءِ اولهہ جرمني. جاپان. فرانس. برطانيا ۽ آمريڪا جون معيشتون پورهتين ۽ ٽيڪنوڪريٽن کي اهو ڪجهہ ڏئي سگهيون آهن جيڪي سوشلسٽ نظام نہ ڏئي سگهيو هو. ان ڪري سوشلسٽ معاشرن ۾ بيچيني ۽ نيٺ بغاوت ڦهلجي وئي. ان بغاوت کي دٻائڻ وڏيڪ ممڪن نہ هو. گورباچوف جي سوچ انهن نہ حل ٿيندڙ مسئلن جو جواب آهي.

ان حقيقت پسند جائزي وٺڻ کانپوءِ ڪامريڊ جيڪو نتيجو ڪڍيو آهي ان مان سوشلزم ۽ ڪميونزم جي آئيندي بابت سندس اٽوٽ ايمان واضح آهي: "گورباچوف رهي يا نہ رهي، سرمائيدار فلاسفرن جون اڳڪٿيون سچيون هجن يا ڪوڙيون ٿين. ۽ اسانجا مايوس ۽ پاڇوڪڙ سوشلسٽ پاڻ کي پل تہ خوش ڪندا رهن تہ سوشلزم ۽ ڪميونزم جو انت اچي چڪو آهي. پر مون کي پورو يقين آهي تہ انسانن جي پنهنجي بهتر مستبقل لاءِ گڏيل جدوجهد ختم ڪو نہ ٿيندي. سوشلزم ۽ ڪميونزم جو آدرش يقيناً ڪامياب ٿيندو ۽ حقيقي صورت وٺندو... اهو خواب مارڪس ۽ لينن ڪو نہ لڌو هو پر صدين کان محنت ڪش. مجبور ۽ مظلوم انسان اهو خواب سرڳ ۽ بهشت جي تصوير ۾ ڏٺو هو. جنهن جي تعبير اٺويهين ۽ ويهين صدي ۾ مارڪس، اينگلس. لينن. اسٽالن ۽ مائو. ناممڪن مان ممڪن ڪري ڏيکاري هئي.

ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي جي ڪالمن جي
ڪتاب "تاريخ جا وساريل ورق "تي لکيل مهاڳ
11 اپريل 1992ع
ڳوٺ ٻلهڙيجي. تعلقو لب دريا (ڏوڪري)
ضلعو چانڊڪو (لاڙڪاڻو)
سنڌ (پاڪستان)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌوءَ جي زندگي ۽ موت جو سوال

هي ڪتابُ بدر ابڙي جي اندر ۾ جڏهن هڪ اُڌمي جي صورت ۾ سرجڻ لڳو هو، مون تڏهن ئي پڙهي ورتو هو. هن ڪتاب جا پهريان لفظ ۽ جملا ان وقت لکيا ويا هئا جڏهن سنڌوءَ جو سفر اڃا شروع ئي مس ٿيو هو. اٽڪ کان وٺي ڪيٽي بندر تائين سنڌو درياءَ جي سيني تي سفر ڪرڻ اڃا هڪ حسين خواب ئي هو ته بدر فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته جيڪڏهن انهيءَ خوابَ واقعي حقيقت جو روپ ورتو ته هُو ان کي علمي ۽ دستاويزي حقيقت بڻائي ڇڏيندو ـ ۽ واقعي هُن ايئن ڪري ڏيکاريو. ان لاءِ هن کي جيڪا محنت ڪرڻي پئي آهي ۽ جنهن ذهني توڙي جسماني پيڙا مان هن کي گذرڻو پيو آهي، ان جي هڪ هڪ لمحي کان مان واقف آهيان. مون کي ايئن لڳي ٿو ڄڻ هُن سنڌوءَ جي هڪ هڪ لهر کي ويهي ڳڻيو آهي جنهن ڪانپوءِ ئي ههڙو ڪتاب تخليق ڪرڻ ممڪن ٿي سگهيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل سيئي ڪتاب ته مون ڪو نه پڙهيا آهن، پر مونکي پڪ آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ هي پهريون ڪتاب آهي جيڪو هن موضوع تي لکي پورو ڪيو ويو آهي ۽ جيڪڏهن واقعي ايئن آهي ته پوءِ هي ڪتاب لکي بدر سڄي سنڌ تي احسان ڪيو آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ توڙي سنڌي قوم جي وڏي خدمت ڪئي اٿس.

هي ڪتاب ظاهر ۾ ته هڪ سفرنامو آهي پر بدر ان کي تحقيق جو هڪ ڳٽڪو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ جيئن ته ان جو موضوع سنڌو درياءَ آهي، ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هي ڪتاب سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي ثقافتي وجود جي تاريخ آهي.

سنڌو درياءَ جو اپياس صدين کان وٺي دنيا جا مُهم ـ جُو ماڻهو ڪندا رهيا آهن پر اهڙي ڪاوش جو مقصد هميشه سنڌ کي فتح ڪرڻ پئي رهيو آهي. يونان جي سڪندر اعظم کان وٺي انگلستان جي انگريزن تائين ۽ ايران جي حاڪمن کان وٺي چين ۽ هندستان جي حڪمرانن تائين مڙني حملي آورن لاءِ هي شينهن درياءَ هڪ فطري ڍال بڻيو رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌو ماٿريءَ تي قبضي ڪرڻ لاءِ سڀ کان اڳ ۾ هن درياءَ جو جائزو وٺڻ ڌارين حملي آورن لاءِ ضروري پئي ٿيو آهي. اهو ئي سبب هو جو اسڪائي لئڪس ۽ نرڪس سنڌو درياءَ جي ايڪسپڊيشن ڪئي ۽ اليگزنڊر برنس سنڌوءَ جو سفر

ڪيو. اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن قديم سفرنامن اسان جي تاريخي ۽ جاگرافيائي وجود بابت دستاويز مهيا ڪري اسان تي احسان ڪيو آهي.

پر بدر ابڙي سنڌوءَ بابت جيڪو دستاويزي مواد ڏنو آهي سو انوکي نوعيت جو آهي. هن پنهنجي قلم واريءَ تلوار سان سنڌو درياءَ ڏانهن ڪجهنڊڙ دشمن جي هٿ کي وڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ سنڌو ماتريءَ جي تهذيب توڙي انهيءَ جاگرافيائي حدن اندر رهندڙ عوام جي پيدائشي حڪمرانيءَ واري حق جي حفاظت ڪئي آهي. اهڙي طرح هُن مزاحمتي جنگ وڙهي آهي ۽ هي ڪتاب ان جنگ ۾ سوڀ حاصل ڪرڻ جو وڏي ۾ وڏو دليل آهي.

اصولي طور تي اسان جو قومي مفاد ان ۾ آهي ته هر سال نه ته توري توري وقت ڪانپوءِ سنڌو درياءَ جو نئين سر اڀياس ڪيو وڃي ۽ هر دفعي اهڙو دستاويزي رڪارڊ قائم ڪجي جنهن مان پتو پئجي سگهي ته سنڌ جي جياپي جي جَڙ جهڙي هن درياءَ ۾ پاڻيءَ جو مقدار ڇا وڃي بچيو آهي. ان جا تازا وهڪرا ڪهڙا آهن. ڪهڙين جاين تان سنڌو پنهنجو رخ مٽائي رهيو آهي. ان جي آبپاشيءَ جي نظام جي تازه ترين صورتحال ڪهڙي آهي. ان جي ڪنارن تي اڄ ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو آباد ٿي رهيا آهن. سنڌوءَ ۾ ماحولياتي گندگي ته نه ٿي پيدا ٿئي. پلي مڇي، بُلهڻ ۽ لڌڙن جي تباهيءَ ڪانپوءِ ٻي ڪهڙي حيواني جيوت آهي جنهن جي وجود کي خطرو پيش آهي. ڇا ايئن ته ناهي ته ڪا برفاني ڇپ ڪرڻ ڪري هن درياءَ ۾ ڪا خوفناڪ ٻوڏ اچڻ واري آهي؟ ڇا سنڌوءَ ۾ لَٽ جو وهڪرو گهٽجي ته نه رهيو آهي؟ هن درياءَ جي پيچاڙ ۾ ڪو هاجو ته نه ٿي رهيو آهي. ڊيلٽائي علائقي جي ڪهڙي صورتحال آهي. تِمر جي وڻن جو ڪهڙو حشر ٿيو آهي، مهاڻن ۽ ٻيڙياتن جو گذران ڪيئن ٿي رهيو آهي وغيره وغيره. اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ضروري آهي ڇاڪاڻ ته اسان جو پاڻيءَ ۾ پساهه آهي. جي سنڌو درياءَ نه هجي ها ته سنڌ جي ڌرتي وجود ۾ ئي نه اچي ها. ماڻڪ پٽاوالا بلڪل صحيح چيو آهي ته سنڌ پرڳٽي جو انج انج سنڌو درياءَ لٽ وجهي ٺاهيو آهي. سو سنڌ برابر لٽ بستي آهي. دريا آباد آهي. ان ڪري سنڌو درياءَ جي حفاظت سنڌ کي بچائڻ لاءِ بيحد آهي.

سنڌوءَ جو سفر جيڪو پارنهن ماڻهن جي هڪ ٽيم سال 1989 ع جي نومبر مهيني ۾ ٽين تاريخ کان چوويهين تاريخ تائين ٻاويهن ڏينهن ۾ اٽڪ کان وٺي ڪراچيءَ تائين مڪمل ڪيو سا پڻ اهڙي قسم جي هڪ ڪوشش هئي. پر اهو خيال اڳ ۾ ڪنهن کي آيو. ڪنهن اهڙي رٿ رٿي ۽ ان جو خرچ ڪنهن برداشت ڪيو. ان جا سمورا تفصيل نه بدر ابڙي کي معلوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن ۽ نہ مون کي اهڙي مڪمل ڄاڻ آهي. ظاهر ۾ اهو پروگرام سنڌ حڪومت جي ثقافت واري کاتي جوڙيو هو جنهن وقت ان جي سيڪريٽري محترمہ مهتاب اڪبر راشدي هئي ۽ ڊپٽي سيڪريٽري ڪليم لاشاري هو. ان مهم جو خرچ سنڌ ثقافت کاتي سان گڏ ڪجهہ خانگي ڪمپنين ۽ ڪجهہ فردن پڻ برداشت ڪيو هو. انهيءَ مهم جو ظاهري طور باني ڪليم لاشاري هو جنهن اڳ ۾ بہ ڪيترين ايڪسپيڊيشنون ڪيون آهن. پر سندس ساٿين ۾ اشتياق انصاري ۽ ڪجهہ پنجابي دوستن جو ڪردار پڻ ڏاڍو اهم آهي. سو ضرورت ان ڳالهہ جي بہ آهي تہ سنڌوءَ جي انهيءَ سفر واري اصل ڪهاڻي ۽ ان جي حقيقي ڪردارن بابت پڻ کوجنا ڪئي وڃي ۽ اهڙي ڪوشش پيهر ورجائڻ جو پڻ ٻلو ڪيو وڃي.

باقي جيستائين سنڌ حڪومت جي ثقافت واري کاتي جو تعلق آهي تہ 1989ع ۾ سنڌو درياءَ جو اپياس ڪرائڻ وارو پروگرام جيڪڏهن واقعي انهيءَ کاتي رٿيو هو تہ پوءِ ايئن چئبو تہ پاڪستان جي چائيتاليهن سالن واري جمار ۾ هن کاتي اهو سڀ کان عظيم ڪارنامو سرانجام ڏنو هو. پر جيئن تہ انهيءَ پروگرام جي نتيجي ۾ تيل کوجنا تي ٻڌل ڪو بہ ڪتاب انهيءَ کاتي اڃا تائين نہ ڇاپيو آهي. ان ڪري ايئن بہ چئبو تہ هن کاتي پاڪستان جي تاريخ ۾ سنڌ سان وڏي ۾ وڏي ويساهہ گهاتي ڪئي آهي ۽ انهيءَ ويساهہ گهاتي جو ڪفارو ادا ڪرڻ جو هڪڙو ئي طريقو آهي تہ سنڌ حڪومت جو ثقافت وارو کاتو جنهن 1989ع ۾ سنڌوءَ جو سفر منظم ڪيو هو. سو ان موضوع تي انگريزيءَ ۾ هڪ مڪمل ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪري. اهو ڪم گهٽ ۾ گهٽ هاڻي تہ ممڪن ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ 1989ع جيان هڪ دفعو وري محترما بينظير ڀٽي جي حڪومت وجود ۾ آئي آهي ۽ ٻيو تہ سنڌوءَ واري مهم دوران 45 وڊيو ڪئسٽيون تيار ڪيون ويون هيون. 200 ڪئميرا جا رول ۽ 40 ڪلاڪن جا انٽرويو رڪارڊ ڪيا ويا هئا جنهن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ حڪومت وٽ ان حوالي سان جهجهو مواد موجود بہ آهي جنهن جي مدد سان سِنڌوءَ بابت هڪ اعليٰ قسم جي دستاويزي فلم بہ تيار ڪرائي سگهجي ٿي ۽ خاص ڪري انگريزي ٻولي ۾ هڪ بين الاقوامي معيار جو تصويرن سان ڀرپور ڪتاب پڻ ڇپائي سگهجي ٿو.

بهرحال هن وقت سنڌ جو اهو قرض هڪ تہ بدر ابڙي لاٿو آهي جنهن "سنڌوءَ جو سفر". ڪتاب لکيو آهي ۽ ٻيو سنڌيڪا اڪيڊميءَ اهو قومي فَرض پورو ڪيو آهي جنهن هن ڪتاب تي خاص بجيٽ خرچ ڪري ان کي ڇپائي

پڌرو ڪيو آهي. سنڌيڪا اڪيڊميءَ ڪي برابر اهو اعزاز حاصل آهي تہ اُن پنهنجي ٻن سالن جي مختصر ڄمار ۾ ٻين ڪتابن کان علاوه سنڌو درياءَ بابت هڪ اهڙو ڪتاب ڇاپيو آهي جيڪو سنڌي ادب جي تاريخ ۾ اڳي ڪڏهن بہ پڌرو ٿي نہ سگهيو آهي.

سنڌو مهم جا ٻاويهہ ڏينهن ۽ ٻاويهہ راتيون ڪيئن گذريون اها ڪهاڻي هڪ خوبصورت ڪتا آهي جنهن جو گهڻو تڻو ذڪر هن ڪتاب جو موضوع آهي. انهيءَ ڪهاڻيءَ جا ڪردار مهم دوران ڪيئن نظر آيا. سنڌوءَ جي ڏورانهن ڪنارن تي رات ڪيئن ٿيندي هئي. چنڊ ڪيئن ڪڙندو هو. آسمان ۽ تارا ماني پاڻيءَ ۾ ڪيئن تجلا ڏيندا هئا ۽ انهيءَ سانت ۾ ڪهڙي سنگيت اوتيل هوندي هئي جيڪا درياءَ جي سُنسان ڪنارن تي لڳل ٽَنبن جي چوڏاري چوڪي ڏيندي هئي. ان جا تفصيل هن ڪتاب جي صفحن ڪي اورانگهي سنڌو مهم بابت اجا وڌيڪ ڪتابن ڇپائڻ واري ضرورت جو احساس ڏياري رهيا آهن. سنڌوءَ جي حُسن ڪي ٽيم جي هر هڪ ميمبر پنهنجي پنهنجي اک سان ڏٺو هو. پر ڪريم ميمڻ وڊيو ڪئميرا جي اک سان ان ڪي ڪيئن ڏٺو هو. محمّد علي قادريءَ ڪئميرا جا 200 رول ڪيئن ناهيا ۽ ٻڙن جهڏو غار جو هو ماڻهو ڪيئن هيرو ٿيو. طوطِي خان ناڪئو ڪيڏي وڏيءَ حد تائين ناخدا ثابت ٿيو. ڪليم لاشاري ۾ مهم واري ٽيم جي ليڊر واري حيثيت ۾ ڪهڙيون شاندار خوبيون هيون. ميجر اعظم ڪالا باغ ڊيم واري جاءِ تي ان اختلافي رٿا بابت ڪيڏي حقيقت پسند سوچ جو مظاهرو ڪيو. اشتياق انصاريءَ هڪ واپڊا جي انجنيئر طور سنڌوءَ جي وجود ڪي درپيش خطري ڪي ڪيئن محسوس ڪيو. زبير، ارشد، انتخاب، اشفاق ۽ نديم جهڙن نوجوانن ٻيڙين ۾ هوا ڀرڻ لاءِ ڪيئن پمپ هلايا ۽ ڪيڏي جاکوڙ ڪئي. خشڪيءَ تي هلندڙ ٻن گاڏين جي ڊرائيورن لياريءَ جي خالد سمي ۽ پنجاب جي ارشد ڪي سنڌوءَ جا ڪنارا ڪيئن لڳا. انهن احساسن ڪي سموئڻ جي اجا گنجائش موجود آهي. ٽيم جي ٻارنهن ميمبرن ۽ ٻن ڊرائيورن سنڌو مهم دوران بہ يا ٽي دفعا موت ڪي ويجهڙائيءَ کان ڪيئن ڏٺو. اها ڪهاڻي بہ ڏاڍي دلچسپ آهي. "گهوڙا تڙپ". وارو سوڙهو لنگهہ جتان جبلن مان اُباسين (سنڌو درياءَ واقعي شينهن وانگي گنجندو وهي ٿو اتان رهڙ جون بہ ڪمزور رانديڪي جهڙيون ٻيڙيون ڪيئن گذريون ۽ انهن تي وينل ماڻهن جي حالت ڇا هئي. منٽ ڪوٽ وٽ هڪ ٻيڙي جو ڪنٽرول مان نڪري وڃڻ ۽ ان تي وينل همراهن جو معجزانا طور بچي وڃڻ. لاڙڪاڻي لڳ هڪڙي ٻيڙيءَ تي

اوهان جي هٿن ۾ آهي.

سنڌوءَ جي هن اڀياس ۾ جيڪي خاص نتيجا اخذ ڪيا ويا انهن مان سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته هماليا کان وٺي ڊيلٽا تائين سنڌوءَ جي ڪنارن تي جيڪي به ماڻهو رهن ٿا انهن جي ٻولي معمولي ڦيرڦار ڪانسواءِ بلڪل سنڌي آهي. ٻروشسڪو، هندڪو، سرائيڪي، کيتراڻي ۽ سنڌي سنڌو ماٿريءَ جون ملندڙ جلندڙ خاص ٻوليون آهن ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ رهندڙ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ ڪلچر ۾ پڻ هڪجهڙائي آهي. ٻيو، ته سنڌو درياءَ تي ڊيمن ٻڌڻ واري عمل سان هن تاريخي درياءَ جي وجود کي خطرو آهي. اسان کي ٻڌايو ويو ته ڊسمبر جي مهيني ۾ اٽڪ وٽ اباسين بلڪل سُڪي ٺوٺ ٿي ويندي آهي. ۽ ٽيون، ته جيڪڏهن ڪالا باغ ڊيم نهڻ ڏنو ويو ته نه رڳو سرحد ۽ سنڌ صوبي جي آبپاشي کي ڪاپاري ڌڪ رسندو پر سنڌوءَ جي اترين علائقن جو فطري حسن پڻ تباهه ٿي ويندو جيڪو هن وقت دنيا جي حسين ترين علائقن مان هڪ آهي ۽ ان سان گڏ سنڌوءَ مان سون ملڻ بند ٿي ويندو جيڪو هن وقت ڪالا باغ شهر کان مٿي جهجهي انداز ۾ موجود آهي.

ٿـــيُ سُــڪــو ســالَ ٿـــيــا،
هـــنـــجـِــهـــن هَـــريـــو ئـــي پـــيـــرُ،
هـــي ڪـــنـــگ ويـــچـــارو ڪـــيـــرُ،
جـــو رَســـي اِن رَمـــزَ کـــي. (پـــٽـــائـــي)

بدر ابڙي جي ڪتاب
”سنڌ جو سفر“ تي لکيل
27 نومبر 1993ع ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏور تنائين ڏِس، اکر جئان ٿي جڙيا

گهر جي چوديواريءَ اندر سَتَرِ ۾ ويٺل هڪ سنڌي ليکڪا جنهن جي جينز ۾ جڻ سمورو جبل ساما ٽل هجي ۽ مطالعي ۾ سڄي سنڌ. پر جنهن گهر کان ٻاهر جي دنيا نہ ڏٺي هجي، سا سنڌ جي ناليوارن محققن ۽ ڀٽائيءَ جي شارحن کان، جن سڄي دنيا گهمي ڦري ڏٺي هجي، رسالي جي ڪيترن لفظن جي معنائن مان ڇڪون ڪڍي! ڇا تہ سنڌ جو شان آهي! ۽ ڇا تہ سنڌي عورت جو حوصلو!

ج۔ع۔منگهاڻي سَترِ جي ڍاڪي ۾ نئين ٿهيءَ جي هڪ سنڌي ليکڪا طور اُڀري ۽ ٻرک سنڌي ادبي رسالن ۾ تخليقي لکڻين، نثر توڙي نظم ذريعي پاڻ مڃرايو. هينئر هوءَ هڪ سينيئر سنڌي ليکڪا آهي ۽ ڀٽائي سنڌس مطالعي جو مرڪز آهي.

هوءَ ڀٽائي جي رسالي جي اهڙي تڪميل چاهي ٿي جنهن ۾ اهي سڀ بيت ۽ وايون هجن جيڪي ڀٽائي پاڻ ڳايون هيون. هن جي منشا آهي تہ ڀٽائيءَ جي ٻولي ۽ هن جي لفظن جا پس منظر صحيح پيرائي سان ڏنل هجن ۽ رسالي ۾ ڪنهن بہ پَل چوڪ جي ڪا بہ گنجائش نہ هئڻ گهرجي.

منگهاڻيءَ جي اها منشا ۽ مام سَڀُئي جي ڪشالي کان گهٽ ڪانهي. هڪ سمونڊ شاعر جنهن جي تخليق جي هڪ هڪ لهر سنڌ جي سونهن جي هڪ هڪ تروري کي ڊاڪيومينٽ ڪندي هجي. جنهن جي هڪ هڪ لفظ جي اُتاهين آسمان ۾ سنڌي قوم جي اندر واري اندلٺ اڀرندي اينـدي هجي ۽ جنهن جي فڪر واري اونهي عميق ۾ ڪائنات جا ڪُن ڪڙڪا ڪندا هجن. ان جي ذات کي پروڙڻ جڻ تہ سهڻي جو سير گهڙڻ آهي.

”ڇو اسان اڃا تائين ڀٽائيءَ جو مڪمل رسالو ترتيب نہ ڏنو آهي؟“، هوءَ سوال ڪري ٿي ۽ پوءِ اسان سڀني جي حال تي ارمان ڪرڻ بنا ۽ هين تي ميار ڏيڻ بدران، اهو بار پاڻ کڻڻ جو پهہ ڪري ويهي ٿي رهي.

محبت پائي من ۾ منگهاڻيءَ جيڪي رندا روڙيا آهن سي سنڌ جي موجوده دور ۾ هڪ عظيم ادبي ڪاوش جي ابتدا تي پيا آهن. هن ڪم جي ابتدا تہ تڏهن ٿي هئي جڏهن رسالي جو پهريون قلمي نسخو ميدان ۾ آيو هو. جڏهن ارنيسٽ ٽرمپ وارو پهريون ڇاپي رسالو پڌرو ٿيو هو ۽ جڏهن سنڌي ماڻهن جي سيني ۾ سانديل سنڌن ٻوليءَ جي عظيم شاعر جو ڪلام پهريون

دفعو پنهنجي تي ڪنهن رسم الخط ۾ لکيو ويو هو.

• پر ان ڪم جي انتها اجا نہ ٿي آهي. ٿئي بہ ڪيئن؟ ڀٽائيءَ جو مڪمل رسالو تيار ڪرڻ ايئن آهي جيئن ڪو سنڌ تي اينسائيڪلوپيڊيا تيار ڪيو وڃي يا ڪنهن عالمي فڪر جي ڪا فلاسافيڪل ڊڪشنري ترتيب ڏني وڃي.

هن وقت تائين تہ سنڌ جا محقق رسالي جي ڏکين لفظن جي معنائن مان نڪري نہ سگهيا آهن. اجا تہ ماڻهن جي سيني ۾ ساڻيل ڀٽائيءَ جا بيت پني تي اچڻا آهن ۽ پوءِ رسالي جي ٻولي. ان جو گرامر. محاورا. چوڻيون. موضوع. ڪردار. فڪر جون گهرايون سنڌي شاعريءَ جون نزاڪتون ۽ پيچيدگيون. شاعر جي زندگي. زندگيءَ جو مشاهدو. سنڌ ۽ دنيا جو اپياس. سنڌ جا دائمي درد. انسانذات جي شعوري سفر جو ڏگ پيچرو ۽ ڀٽائيءَ جي ان شاعراڻي خواب جو اپياس ڪرڻو آهي جيڪو هن سنڌ ۽ پوري ڪائنات لاءِ لڌو هو.

ان ڏکي سفر جي پهرين وک طور اسان جا عالم ۽ ماهر ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ استعمال ٿيل سنڌي ٻولي کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. پر اجا تائين سنڌ ۽ هند ۾ ڪو اهڙو اڪيلو عالم پيدا نہ ٿيو آهي جيڪو دعويٰ ڪري سگهي تہ ڪيس رسالي ۾ استعمال ٿيل سيني سنڌي لفظن جي معنيٰ اچي ٿي.

منهنجو ذاتي خيال آهي تہ ايئن ٿي ئي نہ ٿو سگهي. ان ڪري اسان کي اهڙي ڪنهن ازغيبي انسان جي پيدا ٿيڻ واري انتظار ۾ وقت وڃائڻ بدران سنڌ جي مختلف علائقن جي ٻوليءَ جي مهارت رکندڙ ماڻهن جي ٽيم کان اهڙو ڪم وٺڻ جي اڻ تڻ ڪرڻ گهرجي. ٿر. لاڙ. ڪوهستان. ڪڇ ۽ ڪاڇو. ڪارو ۽ منو ڪيترا انوکا لفظ ڳالهائين ٿا جيڪي بين علائقن لاءِ اوپرا آهن. رڳو ڀٽائي آهي جنهن جي شاعريءَ ۾ نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ جا مختلف لهجا. محاورا. اصطلاح ۽ علامتون موجود آهن پر نندي ڪنڌ ۽ ايشيا جي بين ٻولين جا لفظ پڻ استعمال ڪيل آهن. سنڌ جي هن عظيم شاعر پنهنجي مختصر طبعي زندگيءَ ۾ جيڪو سفر ڪيو آهي. سو بہ اڄ جو محقق نٿو ڪري سگهي تہ پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ ڪو اڪيلو ماهر هوندو جيڪو رسالي جي مڪمل معنيٰ سمجهائي سگهندو.

هائي تہ ان حقيقت تان پردو ڪجهي چڪو آهي تہ ارنيسٽ ٽرمپ کان وٺي اڄ جي ڪنهن مرتب تائين. رسالي جي ٻوليءَ کي ڪو بہ محقق مڪمل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي بہ جبل آهن، لڪ آهن، لڪيون، پوٺا ۽ ٻنيون آهن انهن کي الڳ الڳ نالا ڏنل آهن. اندس ڊيلٽا ۾ ڏيڍ سو کن هيٺ آهن جن جا نالا جدا جدا آهن. ڪاڇي جي وسيع پٽين ۾ برساتين ڪانپوءِ فصلن پوکڻ لاءِ جيڪي بنا ٻڌا ويندا آهن. انهن جا نالا الڳ الڳ آهن ـ ۽ ساڳي صورتحال درياهي ڪڇي جي آهي جتي هر ڍنڍ ۽ ڍوريءَ جو جدا نالو آهي ـ اهڙي وسيع سنڌ جي ذري ذري تي مهارت رکندڙ ڪو هڪڙو ماهر هجي، ايئن ٿي نٿو سگهي.

سنڌ کي ٿورو گهڻو گهمي ڦري ڏسڻ ڪانپوءِ مونکي پڪو ويساهہ ٿي ويو آهي تہ سنڌ جو ماهر يا تہ ٻڪرار آهي يا ميربحر يا وري هاري ناري ـ اسان پڙهيا لکيا ماڻهو جن کي فارسي، عربي، هندي يا انگريزي جي با ضابطہ تعليم ڏني وئي آهي ۽ جيڪي ٻهراڙين کان پري رهيا آهن. انهن لاءِ ڀٽائيءَ جي سنڌي اجا بہ مشڪل علم ٿي پيو آهي ـ حقيقت اها آهي تہ سنڌ جي ٻهراڙين جو "اڻ پڙهيل" ڳوٺاڻو شهري تعليم يافتہ ماڻهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻ رکي ٿو ـ ۽ سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ تہ اجا تائين ڪي اهڙا ماڻهو بہ رهن ٿا جيڪي زالين مڙسين ڀٽائيءَ جا حافظ آهن. هنن کي سمورو رسالو برزبان ياد آهي. ڇا انهن عام سنڌي ڳوٺاڻن ماڻهن کي اسان جي اهڙن تعليم يافتہ محققن کان ڪا رهنمائي ملي سگهي ٿي جيڪي "سوئيرو" جي معنيٰ "سُئي" يا "سرائي" لکندا هجن؟

ان ڪري اسان لکيل پڙهيل شهري سنڌي ليکڪن کي ڪنهن خيالي دنيا ۾ رهڻ بدران ان حقيقت کي تسليم ڪرڻ گهرجي تہ ڀٽائيءَ جي سنڌيءَ کي سمجهڻ لاءِ سنڌ کي سمجهڻو پوندو جنهن لاءِ سنڌ ۾ سفر ڪرڻ ضروري آهي. ڀٽائيءَ جي رسالي کي سمجهڻ لاءِ اسان کي فيلڊ ۾ وڃي ڪوجنا جو ڪم ڪرڻ گهرجي. ٿورو علم ڪتابن ۾ ۽ گهڻو فيلڊ ۾ موجود آهي. ڊرائنگ روم جو دانشور ۽ کوھ جو ڏيڏر ذري گهٽ ساڳي ڳالهہ آهي. "چپر ڪين ڏٺي، سو ڪڙيون سُتن ڪي."

سو، مونکي جڏهن هن ڪتاب تي مهاڳ لکڻ لاءِ چيو ويو ۽ مون ڪتاب جا ورق اٿلائي ڏٺا تہ مون سوچيو تہ هي پنهنجي وس جي ڳالهہ ناهي. خود منگهاڻيءَ ڪيترن لفظن جون جيڪي معنائون ڏنيون آهن تن بابت مون کي اڳي ڪا بہ ڄاڻ ڪا نہ هئي ـ تہ پوءِ مان سندس ڪتاب تي ۽ ڀٽائيءَ جي سنڌي ٻوليءَ تي ڪيئن ٿو ٽيڪا ٽپڻي ڪري سگهان. مان جيڪو مهين جي دڙي لڳ درياءَ جي ڪناري تي هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو ۽ وڏو ٿيو آهيان سو ڪيئن ٿو دعويٰ ڪري سگهان تہ مونکي ٿر، جبل، ڊيلٽا ۽ ڪاڇي جي ٻوليءَ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دسترس آهي. ڇا اهو ان ڪري ممڪن آهي جو مون ٻه ٽي دفعا ٿر ڏٺو آهي، جبل گهمي ڏٺو آهي، ڪاڇي بہ ويو آهيان ۽ ڊيلٽا بہ ڏٺو آهي. ”وڻ“ ڏٺو تہ شهر ڏٺو“. هڪڙي ڳالهہ آهي ۽ جاگرافيائي لسانيات يا لساني جاگرافي ڪي سنڌ جي پس منظر ۾ پُرجهڻ ٻي ڳالهہ آهي. ڀٽائي تہ اڃا پراهون پنڌ آهي.

جبل جي ٻولي سسئي جي پنجن سُرن ۾ قلمبند ٿيل آهي، ٿر جي ٻولي مارئي، سارنگ ۽ ڍهر ۾ ملندي. سُر ڪنيات ۾ ڪاڇو نظر اچي ٿو. درياهي ڪڇي جي ٻولي سُر سهڻي ۾ . سامونڊي سريراڳ يا سُر راڳ ۾ ڊيلٽا جو لهجو نظر اچي ٿو. سو مون سوچيو تہ درياهي ماڻهو طور وڌ ۾ وڌ مونکي سُر سهڻي جا ڪجهہ لفظ سمجهہ ۾ اچي سگهن ٿا. رسالي جي ٻين سرن جي مطالعي لاءِ مونکي ڪوهستان، ٿر، ڪاڇي ۽ انڊس ڊيلٽا ۾ رلڻو پوندو- تڏهن وڃي ڪو ڏهو پوندو.

ان صورتحال جي روشنيءَ ۾ مان صرف ايترو چئي سگهان ٿو تہ ج-ع-منگهاڻيءَ ڪي جَس هجي جنهن حال سارو، پنهنجن وڏڙن ڪان پڇا ڳاڇا ڪري ۽ پاڻ سوچي سمجهي، وڌو وس ڪري ڪافي لفظن جون صحيح معنائون لکيون آهن جڏهن تہ سندس ڪيترين معنائون اختلافي پڻ آهن. منهنجي ذاتي خيال ۾ اها صورتحال ارنيسٽ ٽرمپ کان وٺي ٻانهي خان شيخ تائين گهٽو ڪري ساڳي آهي. منهنجو اهو بہ خيال آهي تہ ان سلسلي ۾ ڪنهن بہ هڪ شارح يا محقق جو ڏوهہ ڪونهي ۽ نہ سڀ عالم قصوروار آهن. هي وسيع ڪوجنا ۽ ريسرچ جو ڪم آهي. ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ جو ڪم ناهي. سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ڀٽائي جو علم اهو ٽڪنڊو آهي جنهن جي هڪڙي ڪُنڊ جو اڀياس هڪ جنم گهري ٿو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ”ناممڪن“ نالي دنيا ۾ ڪا بہ شئي ڪانهي. جيڪڏهن ج-ع-منگهاڻي جهڙن ڪجهہ عالمن کي سنڌ جي مختلف علائقن ۾ لساني اڀياس لاءِ سهولتون ڏجن ۽ سندن مشاهدي کي يڪجا ڪجي تہ رسالي جي معنيٰ مهيا ڪري سگهجي ٿي.

رسالي جي سيني شارحن اڄ تائين لفظن جون رڳو سڌيون معنائون لکيون آهن، انهن معنائن وارن لفظن کي اهڙن جملن ۾ استعمال ڪري نہ ڏيکاريو آهي جيڪي ديسي ماڻهو پنهنجي روزمره واري زندگيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن. ج-ع-منگهاڻيءَ اهو اعزاز بہ حاصل ڪيو آهي جو هن ڏکين لفظن کي جملن ۾ استعمال ڪري انهن جي معنيٰ سمجهائي آهي.

لفظن جي معنيٰ انهن جي جملن ۾ استعمال سان وڌيڪ چٽي ٿئي ٿي. سنڌ ۾ سفر ڪرڻ دوران ان قسم جي تجربن ان احساس کي پختو ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. هڪ دفعي اڏ رات ڌاري ننڍي ضلعي جي هڪ ڳوٺ ۾ پهتاسون. ميزبان زميندار ماڻهو هو تنهن رڙ ڪئي. "اڙي...... (فلاڻو ڪٿي آهي؟" "سائين ننڊ پيو آهي" _ "اڙي اٿاري اچوس". "سائين، چوتا هن غريب کي ننڊ مان اٿاريو؟ کهڙو ڪم اٿس! هو مونکي پيڙا (زور) ڏيندو. سائين! اسان تا اوهان کي پيڙا ڏيون. نه بابا. هو مونکي چاڳ سان پيڙا ڏيندو، اوهان نه ميار لاهيندؤ".

اهو گفتگو ٻڌي تڏهن وچي پتائي جي ان سٽ ۾ لفظ "چاڳ" جي معنيٰ سمجهه ۾ آئي نه "چنيسر سين چاڳ، متان ڪا مَنڌَ ڪري!" -

سو رسالي جي لفظن جا پس منظر انهيءَ علائقي جي ڳالهائجندڙ ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيڻ ڪانپوءِ ئي چڱي طرح سمجهه ۾ اچي سگهن ٿا. ج_ع_منگهاڻي ان حوالي سان سٺي ڪوشش ڪئي آهي، اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪيترن لفظن کي جن جملن ۾ استعمال ڪيو ويو آهي سي روايتي، ڪلاسيڪل ۽ فطري نه پر جديد زماني جا ناهيل جوڙيل نوان جملا آهن جيڪي گهربل مقصد پورو ڪري نه ٿا سگهن. منگهاڻيءَ ڪيترن لفظن جون اهي ئي معنائون ڏنيون آهن جيڪي هن کان اڳ مختلف محققن ڄاڻايون آهن پر هن انهن سان اختلاف ڪيو آهي. هن 200 کن لفظن جون معنائون ڏنيون آهن جيڪي مختلف سرن مان کنيا ويا آهن ۽ معنوي لحاظ کان انهن جا پس منظر صحيح نه ڏنا ويا آهن.

ڪراچي يونيورسٽي جي شاهه لطيف چيئر هي ڪتاب ڇپرائي پنهنجو فرض پورو ڪيو آهي، هاڻي سنڌ جي ڄاڻو ماڻهن ۽ ماهرن جو فرض آهي ته اهي هن ڪتاب جو اڀياس ڪري منگهاڻيءَ جي ان منشا کي، پورو ڪرڻ ۾ هٿ ونڊائين ته جيئن ڀٽائيءَ جو رسالو مڪمل ٿي سگهي.

ڪوهه ٿو ڪاڳر ڪورئين، وينو وڄائين مس،
ڏور ٽٽائين ڏس، اکر جئان ئي جڙيا _

ج. ع. منگهاڻي جي ڪتاب
"چيڙ ڪين ڏي..." جو مهاڳ
25 اپريل 2002
گلشن حديد ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مکڙيون، ماڪ ڦڙا

عام پڙهندڙ جڏهن ڏسندو ته شاعر مير محمد پيرزادو، ڇپائيندڙ اداري ۾ فيض پيرزادو ۽ مهاڳ لکندڙ انور پيرزادو آهي ته هن کي ضرور محسوس ٿيندو ته هي هڪڙي ئي گهر جي ڳالهه آهي. بس 'انجمن تحسين باهمي' جيان هڪ ٻئي جي تعريف ڪانسواءِ. خاص ڪري مهاڳ ۾ ته، ڪجهه نه هوندو. مهاڳ لکندي اهو انديشو مون بار بار پيش ياد ڪيو آهي ۽ ڪوشش ڪئي اٿم ته هڪ پڙهندڙ جي حيثيت ۾ شاعر سان انصاف ڪريان. اصولي طور تي ڪنهن شاعر کي مهاڳ يا عام پڙهندڙ جي ڪورٽ ۾ اهڙو جوابدار سمجهڻ نه گهرجي. جيڪو انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ هر هڪ ماڻهوءَ کي ٻاڏائيندو رهي. پر ان جي اها معني' نه آهي ته شاعر ڪنهن جي آڏو جوابدار نه آهي. فن تيستائين بلڪل هڪ شخصي معاملو آهي، جيستائين اهو فنڪار جي ذهن ۾ ماند ڪائي وڇان ڦٽڪي رهيو آهي يا ڪنهن ماني ساگر وانگيان وڇايو پيو آهي. پر جڏهن به فن کي ڪو اٿڃاڻ اڏمو اڇلون ڏيئي، ٻاهر ٿو ڪڍي ته پوءِ اهو فن قومي ملڪيت ٿيو پوي. پلي ته اهو اجان اکرن جي صورت نه به وٺي ۽ رڳو آوازن جي آڌار تي بي انت فضا ۾ ڪجهه لهرون جاڳائي گم ٿي وڃي. ان حالت ۾ فن جو زباني اظهار پڻ پروپئگنڊا جي شڪل ٿو وٺي ۽ پروپئگنڊا ڪو نه ڪو اثر تي ڇڏي، ۽ اهو اثر عوام جي دلبن ۽ ذهن کي ڪنهن نه ڪنهن ريت، متاثر ٿو ڪري. وري جڏهن فن جو اظهار اکرن جو روپ ٿو ڌاري ته پوءِ اها لکت هڪ مادي حقيقت ٿيو پوي اهڙي لکٽي کي الائي ڪيترا انسان، الائي ڪيترا دفعا پڙهن. تنهن جو دارومدار ان تي آهي ته عوام پنهنجي علمي ۽ ادبي ورثي کي بچائڻ، سهيڙڻ ۽ سانڍي رکڻ لاءِ، ڪيتريءَ حد تائين عملي طور تي تيار آهي. پر اهو سچ آهي ته فن جي اکري صورت، فن جي لفظي صورت کان وڌيڪ عمر ماڻي ٿي. ان ڪري عام طور چيو ويندو آهي ته فنڪار سوچڻ جي حد تائين بلڪل آزاد آهي. البت جڏهن هو ڪجهه لکي ٿو ته پوءِ هن کي سمجهڻ گهرجي ته اها شئي هاڻي هڪ قومي امانت ٿي چڪي آهي ۽ فنڪار پلي ته اهڙي جوابداري کڻڻ لاءِ تيار هجي يا نه هجي. پر هن جي حق ۾ اهو فيصلو ضرور ٿيندو ته هن پنهنجي عوام کي فن ذريعي چرس يا آفيم جو روڙو ڏنو آهي يا بندوق جي گولي؟ پنگ ڇڪو اچيو آهي يا سوچ جي امرت رس؟ اهڙيءَ طرح دنيا جو هر فنڪار پنهنجي عوام آڏو جوابدار آهي. انفرادي توڙي اجتماعي ٻنهي صورتن ۾ . ساڳيءَ طرح مير محمد پڻ پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضمير، پنهنجي ۽ ٻين جي اندر جي اُدمي، فن جي سچائيءَ، حقيقت نگاريءَ، عوام، عام ۽ خاص پڙهندڙن، نقادن ۽ هر ان انسان آڏو جوابدار آهي. جيڪو هن جي شعر کي پڙهي يا ٻڌي ٿو. ان ادبي ۽ فني وٽ پڪڙ کان شاعر يا ليکڪ کي ڪو بہ بچائي نٿو سگهي. باقي جيستائين ڪنهن فنڪار انصاف ڪرڻ جو تعلق آهي. تہ ان لاءِ تخليقي فنڪار کي پڙهندڙ آڏو انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ ڳيجهو ٿيڻ جي قطعي ضرورت ڪانهي. چاڪاڻ تہ فنڪار سان انصاف پنهنجو پاڻ سان انصاف ڪرڻ جي برابر آهي. جيڪڏهن فنڪار سان انصاف نٿو ڪيو وڃي تہ اها بي انصافي، قومي ڏيوالو سڏبو. جنهن تي فنڪار وري بہ پنهنجي فن جا ڪجهہ ڳوڙها هاري سگهي ٿو. اسان وٽ اهڙيون روايتون موجود آهن. جن مطابق ڀٽائي کان وٺي اياز تائين ۽ اياز کان وٺي اڄ جي نئين نڪور ترقي پسند فنڪار تائين، بي شمار تخليقڪارن تي الائي ڪيترا پيرا باهوڙون ۽ جلهون ڪيون ويون آهن. پر عوام جي ارتقائي امنگن ۽ انهن ترقي پسند امنگن کي خوبصورت ۽ سُريلن لفظن جو روپ ڏاريندڙ فنڪار ۽ دانشور اڳي کان اڳرا رهيا آهن. ان ادبي بي انصافي لاءِ صرف ايئن ئي چئي سگهجي ٿو تہ. 'نہ ڪي اسين ڇهڙا، نہ ڪي اسين چور'
هنگاما ۽ هور، ڪنا ڪرين ڪن تي.

مير محمد سان هڪڙي ادبي بي انصافي تہ اها ٿي آهي جو هن (سندس چوڻ مطابق) 1967ع کان معياري، شعر لکڻ شروع ڪيو آهي، پر سندس شاعري جو ڪو مجموعو 1982ع کان اڳ ۾ اچڻ جي گهٽ ۾ گهٽ مونکي پڪ ڪانهي، البت هن ڪتاب ڇپائيندڙ دوستن جو خيال آهي تہ ڊسمبر 1981ع جي پوري ٿيڻ کان اڳ ڪتاب تيار ٿي ويندو ۽ اهو ئي سبب آهي جو دوست منهنجي جائز ناجائز ڪاهلي کي بلڪل برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهن ۽ گن پوائنٽ تي مهاڳ لکرائڻ جي موڊ ۾ آهن. گذريل 14 سالن ۾ مير محمد جيڪو شعر لکيو آهي، ان کي ڇاپجي تہ ههڙا گهٽ ۾ گهٽ بہ اڍائي ڪتاب ٿي ويندا. اها حقيقت آهي تہ مير محمد پنهنجي همعصر شاعرن جي ڀيٽ ۾ تعداد جي لحاظ کان تمام گهٽو لکيو آهي ۽ اڃان تائين هن جي جذباتي زندگي جوان آهي، جنهن ڪري هو برابر لکي رهيو آهي باوجود ان جي تہ هن جا ٻارڙا وڏا ٿي رهيا آهن ۽ ڀارت جي هڪ شاعر ايرڪمل هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "خواهشون ننڍڙيون ٿي ويون، ٻارڙا هاڻ وڏا ٿي ويا آهن."

مير محمد جو چوڻ آهي تہ هن معياري شعر 1967ع کان لکڻ شروع ڪيو آهي، پر مون کي ياد آهي تہ مان ڪافي ننڍو هوس ۽ ان زماني ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري ۽ ادب اجان تائين منهنجي سمجهہ ۾ ڪو نہ ايندا هئا. الائي ڪهڙو سال هو. هڪ دفعي ڳوٺ (ٻلهڙيجي) ۾ جنهن ۾ اسان ٻئي پيدا ٿيا آهيون ۽ بعد ۾ جتي جون گهٽيون، چارا ونڻ راهہ ۽ اتي جو قتل ۽ ويران حسن، جيڪو هر سنڌ جي پنتي پيل ڳوٺ ڪي حاصل هوندو آهي، اسان ٻنهي جي شاعريءَ جو پسمنظر ڪئنواس ٿيڻ لڳو هو. تنهن ۾ ڪنهن هنڌ مير محمد مون کي چيو هو تہ اڄ تہ ڪي (فلاڻي) شاعر جا ڪجهہ بيت پڙهي ٻڌايان۔ انهيءَ زماني ۾ اهو شاعر ڏاڍو ناميارو هو. مون اهي بيت هڪ هڪ ڪري ٻڌا. مون کي ڏاڍا وڻيا ۽ پنهنجي سمجهہ آهر، تعريف بہ ڪيم. بعد ۾ مير محمد مون کي ٻڌايو تہ اهي شعر هن پاڻ لکيا آهن. جنهن تي مان دنگ رهجي ويو هوس. ، ان وقت پهريون دفعو مون لاءِ اهو انڪشاف ٿيو هو تہ مير محمد شاعر آهي، مون کي ياد آهي تہ مون ان وقت اهو ئي محسوس ڪيو هو تہ جنهن شاعر جي نالي ۾ هن پنهنجا شعر پڙهي ٻڌايا هئا. سندس شعر ان جي بيتن کان بہ بهتر هئا (مان ان شاعر جو نالو لکڻ نٿو چاهيان. ڇاڪاڻ تہ هو هاڻي وڏيڪ پبلسٽي جو لائق ناهي). سو مير محمد 1967 ع کان گهڻو وقت اڳ ۾ شاعري ڪندو رهيو آهي. جنهن جي تاريخ يا سال هو ڪنهن خصوصي انٽرويو ۾ ڪنهن وقت ظاهر ڪري سگهي ٿو۔ مون کي اها بہ خبر آهي تہ مير محمد جو والد صاحب پڻ هڪ اهڙو شاعر هو. جنهن جو پسگردائي ۾ ڪافي نالو هوندو هو. مير محمد سان اها بي انصافي ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي اڪثر اديبن ۽ شاعرن سان ايئن پئي ٿيو آهي. ان جو هڪڙو مثال اهو بہ آهي تہ سنڌي ٻولي جي علي بابا جهڙي ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نويس جو اجان ڪو بہ مجموعو نہ ڇپيو آهي. علي بابا لاءِ بہ اها ئي راهہ ڪليل آهي تہ هو مير محمد وانگي چندي چاڙيءَ سان پئسا گڏ ڪري وجي ڪو ڪتاب ڇپائي. البت ان راهہ تي علي باب جو هلڻ ڏاڍو مشڪل آهي، جنهن جي مون کي پڪ آهي، مير محمد سان بي ادبي بي انصافي اها آهي تہ اڄ تائين هن جي هڪ بہ وائي، غزل يا گيت. ريڊيو پاڪستان يا پاڪستان ٽيليويزن تي ڪمپوز نہ ٿيو آهي، جڏهن تہ هن جي لکڻ جي رفتار اها آهي تہ. صرف هن مجموعي ۾ هن جون 16 وايون. 15 گيت ۽ 20 غزل شامل آهن. ان تعداد کان وڌيڪ هن جون رس ڀريون وايون، گيت يا غزل اجان پوئتي آهن جن کي هو اڳتي هلي ڇپائڻ جو سوچي رهيو آهي. ريڊيي ۽ ٽي-ويءَ تي اڄ تائين مير محمد جي همعصر شاعرن مان ڪيترن جا شعر ڪمپوز ٿيا آهن ۽ ڪهڙا شاعر ڳايا ويا آهن.

انهن ۾ ريڊيي ۽ ٽي-وي تي ڳايل شعر کي ڳائڻ واري تخليقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توٽيون ٽنيا، لڏي پون،
سارا جذبا ٻڏي پون،
چٽا آهن رڪ_چٽا،
موتي، موتي ان ڪٽا.

هن ’ڇهه تاري‘ ۾ ان ڪڻن کي آسون، موتي ۽ اڏما ڪوٺڻ ۽ جيوت لاءِ انهن کي توٽيون ۽ ٽنيا ڪوٺڻ، وري مهانگائي جي پسمنظر ۾ ان ڪڻن کي رڪ_چٽا ڪوٺڻ، خوبصورت شاعري ٿي ٿي سگهي ٿي.

مير محمد نئين ٿهيءَ جو، سنڌي ترقي پسند شاعر آهي. سنڌ ۾ اهڙي قسم جي شاعر لاءِ ضروري آهي ته هو سنڌي شاعريءَ جي سُنن، فنائتين، سريلين ۽ ترقي پسند روپن کي پنهنجو ڪري ۽ مدي خارج، غير حقيقت پسند، فن کان وانجهيل ۽ رجعتي روايتن کان بغاوت ڪري، اهڙي طرح نہ رڳو هو سنڌي شاعريءَ جي پراڻين ۽ نين روايتن مان بهتريءَ جي چونڊ ڪري، پر عالمي شاعريءَ جي ڪئنواس تان پڻ اهڙا رنگ کڻي سنڌي ٻوليءَ جي رنگ ۾ ٻوڙي پيش ڪري. اسان وٽ ڪي ماڻهو زندگي توڙي شاعريءَ جو مٿاڇرو اڀياس ڪندي قديم شاعريءَ کان نفرت ۽ جديد شاعريءَ سان الفت پيدا ڪرڻ جي غير سائنسي ڪاوش ڪندا آهن. انهن ماڻهن لاءِ هر پراڻي شئي غلط ۽ هر نئين شئي بهتر ليکي ويندي آهي. پر انساني تجربن اها ڳالهہ چٽي طرح ثابت ڪئي آهي تہ نہ سڀئي پراڻيون روايتون غلط آهن ۽ نہ سڀيئي نيون روايتون قبول ڪرڻ جهڙيون آهن.

مثال طور: ڀٽائي سنڌ جي ڪلاسيڪل دور جو شاعر آهي، جيڪو 17 صدي عيسوي ۾ موجود رهيو. پر ڀٽائي جي مطالعي ڪانسواءِ ۽ ڀٽائيءَ جيڪو سنڌي شاعريءَ کي ڏنو آهي ان کي نظر انداز ڪري ڪو بہ اڄ جو سنڌي شاعر پنهنجي شاعري ۾ رس پري نٿو سگهي. هوڏانهن جديد شاعرن مان ڪيترن دوستن جي شاعري اهڙي آهي جنهن ۾ رڳو اکر لکيل آهن. شاعري اکرن جي بہ ٿيندي آهي. اکرن جي آوازن ۾ بہ شاعري هوندي آهي ۽ خيال جي شاعري بہ خاص ڪري اڄ جي دور جي مقبول ادبي روايت بڻجي رهي آهي. پر انهن دوستن جي لکڻين ۾ ڪنهن بہ قسم جي شاعري ڪا نہ هوندي آهي. ان ڪري جديد دور جي سٺي شاعر لاءِ ضروري آهي تہ هو پنهنجي شاعريءَ جي ڪئنواس تي ماضي، حال ۽ آئيندي جي خوبصورت رنگن مان چونڊ ڪري ۽ پنهنجي ڪئنواس تي اهي رنگ پربندي تخليق وارو برش استعمال ڪري. مير محمد کي هن ڪسوٽيءَ تي بہ پرکڻو پوندو. پر ان کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ٻي ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکڻي پوندي تہ مٿي ذڪر ڪيل ادبي اصول جي پوئيواري ڪرڻ جي باوجود ڪن شاعرن جي شاعري متاثر نہ ڪندي آهي. ان جو سبب وري هڪ ٻيو آهي. شاعر جو من هڪ آئيني مثل هوندو آهي. جنهن تي جڏهن ظاهري حالتن ۽ ٻاهرين ڏيکن جو اولڙو پوندو آهي تہ پوءِ ان اولڙي جي موٽ ملندي آهي. شاعر جي من واري آئيني تان ظاهري حالتن جي اولڙي واري موٽ کي هن جي شاعري چئبو آهي. ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي تہ ظاهري حالتن جو عڪس شاعر جي داخليت تي پوندو تہ شعر جي روپ ۾ موٽ ڪائيندو. سڄو دارومدار ان موٽ تي آهي تہ اها ڪيترو متاثر ڪندڙ يا ڦِڪي. ٻُسي، ڄِسي آهي، ايئن بہ ٿيندو تہ هڪ ئي قسم جو پلاٽ مختلف فنڪارن کي متاثر ڪري، پر انهن جي ڪيل تخليق يا انهن جو داخلي رد عمل ساڳيو بہ هوندو آهي ۽ انوکو پڻ. ساڳيو ان ڪري تہ ڪنهن ظلم کي ڏسي بہ فنڪار موٽ ۾ ظلم جي خلاف ساڳي ادبي تخليق کي جنم ڏين ٿا. اهڙيءَ طرح بڻيل تخليقون ظلم خلاف هجڻ ڪري ساڳيون تہ آهن پر مختلف انڪري هونديون آهن جو پڙهندڙن تي پنهنجو ڌار ڌار اثر ڇڏينديون آهن. ٻنهي تخليقن ۾ مواد يا مقصد جي لحاظ کان هڪجهڙائي هئڻ جي باوجود نواڻ جو دارومدار ان تي آهي تہ شاعر جي داخلي جذباتي ڪيفيت ڪيتري حد تائين بالغ، وسيع، پختي لچڪيدار يا هلڪڙي آهي. ڌرتي تي حقيقي ڪردار زندگي جي ڪيل ۾ جيڪو پارٽ ادا ٿو ڪري ان جو تاثر شاعر جي داخلي جذباتي ڪيفيت واري ٺڻيءَ ۾ پچي جنهن صورت ۾ نڪرندو آهي اها شاعري آهي. ان شاعري ۾ گرمي جو دارومدار ان ٺڻيءَ جي ٽيمپريچر تي آهي. اها ٺڻي درحقيقت فنڪار جي ذهني دنيا آهن جنهن جي جوڙجڪ فنڪار جي جملي مطالعي، مشاهدي ۽ عملي جدوجهد مان ٿئي ٿي. جيڪا هو هن دنيا ۾ سونهن کي بچائڻ لاءِ، حق جي حمايت ۾ ۽ ڪوڙ خلاف جاري رکي ٿو. جمال ابڙي جي چواڻي تہ فنڪار تڏهن ئي بهتر ۽ ترقي پسند لکڻيون لکي سگهي ٿو جڏهن عوام جي ارتقائي جدوجهد ۾ قدم قدم سان ملائي هلندو هجي. فنڪار ذهني جذباتي يا عملي طور عوامي هلچل کان ڪنجي صرف اکرئي لکي سگهي ٿو جنهن جو فن سان تمام گهٽ تعلق هوندو آهي سو مير محمد جي شاعري خود هڪ ٺوس شاهدي آهي تہ هن جو ذهن عوامي انگن جي تاريخي ۽ ارتقائي هلچل کي ڪيتري حد تائين قبول ڪري ٿو. هن جي واقعن ۽ حالتن ڏانهن جذباتي موٽ ڪيتري سنجده، جذباتي يا گهري آهي ۽ هن جي فن ۾ ڪو مقصد بہ آهي يا رڳو اکر ۽ جملا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متيان ماپا ۽ اصول پڙهندڙن جي آڏو آهن. منهنجي خواهش آهي تہ اسان جو سنڌي پڙهندڙ تخليقي طريقي سان شاعرن کي پڙهي. ڇاڪاڻ تہ تنقيد خود تخليق کان گهٽ فن ڪونهي. هر پڙهندڙ وانگي مير محمد جو شعر پڙهي مان بہ ڪجهہ نتيجن تي پهتو آهيان جيڪا منهنجي ذاتي راءِ هوندي. البت مهاڳ ۾ مان اها ئي ڪوشش ڪندس تہ هڪ تہ پڙهندڙن آڏو ڪجهہ ڪسوٽيون رکان جن تي هو مير محمد کي پرکين ۽ ٻيو مير محمد جي شاعريءَ ۾ جن نقطن يا خصوصيتن کي اجاگر ڪرڻ گهرجي ان جو حوالن سان ذڪر ڪيان.

منهنجي خيال ۾ مير محمد انهن ٿورن شاعرن مان هڪ آهي جن جهڙي عروضي شاعري پختگي سان ڪئي آهي، اهڙي ئي آزاد شاعري ڪئي اٿس. سنڌي شاعرن جي اڪثريت هوندئن تہ آزاد شاعري مختلف عروضي بحرن ۾ ڪئي آهي. انهن ۾ شيخ اياز، تنوير عباسي، تاج بلوچ ۽ شمشير الحيدري پڻ شامل آهن. امداد حسيني جا پڻ ڪجهہ نظم بحرن تي لکيل آهن. پر پوءِ بہ آزاد نظم کي چند وديا يا ڇوٽي بحر ۾ خوبصورتيءَ سان لکندڙن ۾ امداد حسيني جو نالو اول ايندو. عروضي اثر کان آجو ڪري نظم لکندڙن ۾ خاص ڪري ليکڪائن مان سلطانا وقاصي ۽ ميران خوبصورت تجربا ڪيا آهن. مير محمد جا نظم پڙهي مون کي نقاش ياد ايندو آهي جنهن جي آزاد نظمن تي سنڌي ادبي سنگت ڪراچي ۾ بحث ڪندا هئاسون. هي ٻئي يار عروضي توڙي آزاد شاعري ڪندي ذري گهٽ هڪ جهڙو توازن برقرار رکي سگهندا آهن. آزاد نظم جئين تہ شاعريءَ جي ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ تخليقڪار کي سوچ جي اڏام لاءِ اڻ کٽ ميدان مهيا ڪري ڏئي ٿو. انڪري آزاد شاعري سوچ فهم ۽ مقصد جي لحاظ کان شاعريءَ جو سڀ کان ڪامياب قالب آهي بشرطيڪ ان لاءِ ٻيون ضروري گهرجون پوريون ڪيون وڃن. جن ۾ ردم، وزن، خيال جي رواني، لفظن جي اندر واري موسيقي ۽ اظهار جون ٻيون انيڪ ڏارائون شامل آهن. مير محمد پڻ نظم ۾ عروضي بحر استعمال ڪيو آهي. هن مجموعي ۾ هن جا 24 نظم شامل آهن جن کي پڙهي محسوس ٿئي ٿو تہ هن يار آزاد نظم يا پابند نظم (جنهن کي منهنجي خيال ۾ صرف نظم ڪوٺڻ بهتر ٿيندو) کي عروضي شاعريءَ جي مقابلي ۾ جيترو وقت ڏنو آهي ۽ ان ۾ جيڪا مشق ڪئي اٿس، اوتري ئي ڪاميابي حاصل ڪئي اٿس. مير محمد جو نظم "ان جو داڻو" خيال ۽ فن جو هڪ خوبصورت سنگم آهي ۽ انسان ذات وچان هاريءَ جهڙي پيڙهيل طبقي جي شاندار تصوير آهي. مير محمد چند تي

پوءِ به پيچرو، پيچرو آ
متان هنج ڪينجهر متائي چڙين،
هتي تو پجاڻا رڳو ڪنگ تي.
آڏي ويتي پونڪ ڪتن جي،
ڳوٺ سڄي ۾ سونچو پئي تو.
سوچون وڪريل توهر بر ۾.
گهتيلَ دانهون پتر پتر ۾.
رومان، سڪ ۽ سور جي سوز جا ڪجهه مثال:
رات ڪتي وئي، ڪين ڪتو پنڌ.
ڪيڏو تنهنجو شهر پري.
منهنجي من جي اڏمي وانگر،
چولي ۽ هر هر چال ڏنو.
ڪکرن ۾ چنڊ ڪنهن جي ڪارڻ،
سهڻي ۽ وانگي ٻڏي تري.
نه ڪا اک ئي ڦڙڪي، نه هڏڪي ٿئي،
وساري ڇڏيو آهه ڇا تو پرين.
قلف ڪڙي ۾ اُبتو آهي،
شايد اڄ هو آيا هئا.
مير محمد جي وائي، غزل، گيت ۽ نظم خاصيتن جو نچوڙ آهن. وائن ۾ عڪس، عڪسن جا ترورا ۽ سونهن جا سو رنگ. تن سيني شين جو اندازو صرف پڙهڻ سان تعلق رکي ٿو.
سڄ به ٽپڪي انب جيئن آهي، ڇڄي ڪري پيو پٽ.
رند رسي ويو آهه پرين ۽ جيئن.
ڪينر چوري آخر ٽڪبا، هڏ ڏاهيٽا هيٺا.
واءَ ۾ سڏڪي وٺيا.
رات سڄي ۽ جي رئندن ڪي، پرهه ڦٽي پريائيندي آ.
سانت به ڪڏهين ڳائيندي آ.
توکي ماري موت، انهي ۽ کان موت اڳيئي مار،
جو ته سياڻي تون به نه هوندين.
رات انڌاري، ڪينجهر ڪپ تي، ڪڙڳيتا ڇٽڪي ڏبا.
منهنجا گهايل گهايل اڏما

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏرتيءَ، منهن تي ماتا داڻ.
اپ شفق ۾ مياٽي وانگر.
ريتي ريتي رتوچاڻ.
ڪيئي جڻ تہ ڪتاب ڪليل.
ابهم، ابهم بار ٽتل.

موت وهيءَ جو جڻ تہ پرين.
گيت اڌورو رهجي ويو.
رات ڪراڙي ڄڀ هور مرڻ تي.
چنڊ ڪٽيو آ. ڪڙڪي ڪول.
لڙڪ اکين ۾ ايئن تي بيٺيو.
ٻوليءَ ۾ جڻ جڙيل مٽيو.
يا تہ منديءَ تي اڇو ٻڙو آ.
موتئي تي جڻ ماڪ ڦڙو آ.
گهگهہ ۾ ڪڙ ڪبيتو چمڪي.
جڻ ڪو شاعر شعر چوي ٿو.

هن ڪڙ ڪبيتي جهڙي شاعر جو ذهني پورهيو پڙهندڙن جي آڏو آهي. منهنجي خواهش آهي تہ سندس پورهيو سنڌي ٻولي، شاعري ادب جي دنيا ۾ اَمر ٿي وڃي.

12 نومبر 1981ع لاڙڪاڻو
مير محمد پيرزاد جي شعري مجموعي
”مڪڙيون، ماڪ ڦڙا“ لاءِ لکيل مهاڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايڪويهين صديءَ جو سنڌباد سيلاني

الطاف شيخ، شايد واقعي ڪو انوکو انسانُ آهي.

هو سامونڊي جهازن تي ڪم ڪري ٿو، دنيا جي بيشمار ملڪن ۾ گهمي ڦري ٿو، پر نہ شراب پئي، نہ سگريٽ ڇڪي ۽ نہ اهي ڪم ڪري جيڪي اسان جا وڏيرا فصل ڪٽي، پيسا جمع ڪري، يورپ ۾ پرڏيهہ گهمڻ دوران ڪندا آهن.

هو انهيءَ "سامونڊيءَ" جهڙو بہ ناهي جيڪو پٺائيءَ جو ڪردار آهي ۽ جنهن لاءِ هن چيو هو:

ٻيڙيءَ جي ٻٺن، نيڻهن نہ ڪجي تن سين،
اپيون ڏنب ڏسن، جُهہ سڙهہ ڪٽي سير وٺا.

يا

وڻجاري جي ماءُ، وڻجارو نہ پلڻين،
اڇي ٻارهين ماهہ، پڻ تو سفر سنبهي.

مونکي الطاف شيخ جي نجي زندگيءَ جي ڄاڻ ناهي، پر ايئن لڳندو آهي جڻ هو فرمانبردار مڙس، ذميوار پيءُ ۽ پُرسڪون گهريلو زندگي گهارڻ وارو ماڻهو آهي.

هو عام سنڌي اديبن جيان بہ ناهي جيڪي لکندا مَٽَ ۾ وڃهندا ويندا آهن پر انهن جا ڪتاب ڇپجي نہ سگهندا آهن نہ وري هُو، هنن جيان پنهنجي مزاج ۾ ڪاوڙيل، ڪروڌي، محرومين جو ماريل يا ڏکن جو ستايل آهي. هو نہ پولارن ۾ گهوري لکندو آهي ۽ نہ شعور جي وهڪري ۾ لکندي لکندي لڙهي ويندو آهي.

واقعي، الطاف شيخ هڪ انوکو انسان آهي.

هُو سنڌي ادب جو اياز، امر جليل، نورالهدا شاهہ ۽ علي بابا جيان Best Seller آهي. يعني هن جا ڪتاب جيترا ڇپجن ٿا اوترا کپيو وڃن. ڪيترن سنڌي اديبن ۽ شاعرن کان انهن جا پٽ ۽ ڌيئرون تقاضا ڪندا آهن تہ ڪين الطاف شيخ جا ڪتاب ڏنا وڃن جو هو پڙهڻ گهرن ٿا. اهڙي هڪ اديب چيو: مون پنهنجي ٻارن کي چيو تہ پهريائين منهنجا ڪتاب تہ پڙهي پورا ڪريو..... پر هنن چيو تہ اسان کي اڳ ۾ الطاف شيخ جا ڪتاب وٺي ڏيو....

سنڌ ۾ سياسي ادب پڙهڻ جو ڪلچر ڏاڍو وڌيو آهي پر اهڙا پڙهندڙ بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الطاف شيخ جي لکڻين کي پسند ڪن ٿا. شايد ان ڪري جو هن جي ڪتابن ۾ سماجي حقيقتون جيئن جو تيئن ڏنل آهن. ٻيو تہ هو جيڪي لکي ٿو سو سنڌي پڙهندڙ لاءِ نئون نڪور آهي. ملڪ جهان جون اچرج ۾ وجهندڙ ڳالهيون. عجيب خبرون چارون. سامونڊي زندگيءَ جا سماچار ۽ دنيا جي پاڻيءَ جي ماڻهن جا ماجرا.

ها. الطاف شيخ جي لکڻين تي سنڌ جي ڪجهہ ادبي حلقن ۾ تنقيدون بہ ٿينديون آهن. هن تي خاص تنقيد اها آهي تہ هو سياست تي گهٽ لکي ٿو. ظاهر آهي تہ پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ هن جو سياست سان ڪو واسطو ڪونهي ۽ نہ وري هن جو اهڙو مزاج ئي آهي. هو سياست ڪري ها تہ نہ جهاز راني واري شعبي ۾ چيف انجنيئر واري اعليٰ عهدي کي رسي ها. نہ ايترا ملڪ ڏسي سگهي ها ۽ نہ لکي سگهي ها.

وري ڪي ماڻهو چوندا آهن تہ الطاف شيخ جنهن موضوع تي لکي ٿو ان جي گهرائيءَ ۾ نہ ٿو وڃي ۽ مٿاڇري نموني ان موضوع کي ڇهائي وڃي ٿو. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ اها بہ هن جي مجبوري آهي. مونکي گهڻي خبر ناهي تہ الطاف شيخ جي لکڻ جو ماحول ڪهڙو آهي. پر هڪ احساس ضرور اٿم تہ هو بيحد مصروف ماڻهو آهي جيڪو پنهنجي ملڪ کان ست سمنڊ پري رهي جهاز جي انجڻ کي بہ هلائيندو رهي ۽ نوان نوان ڪورس بہ ڪندو رهي ۽ ان سان گڏوگڏ لکندو بہ رهي ٿو.

الطاف شيخ جو ڪمال اهو آهي تہ هو پنهنجي بيحد مصروف زندگيءَ مان ايترو وقت ڪيئن ڪڍي سگهي ٿو جنهن ۾ ڪتاب لکي پورا ٿو ڪري. پلي ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ ٿيندو هجي. پر پوءِ بہ هن جي روزاني زندگي عام سنڌي اديب جي پيٽ ۾ ڏهوڻي مصروف آهي. هن جي مصروف زندگيءَ جو هڪ اولڙو سندس هن ئي ڪتاب مان اچو تہ ڏسون:

"يورپ پاسي دوستي رکڻ لاءِ ماڻهن کي ڪلبن ۾ وڃڻو پوندو آهي. جنهن ۾ رونق اڌ رات ڪانپوءِ ٿئي ٿي. پر پاڻ يونيورسٽي وارا سڄو ڏينهن تہ يونيورسٽيءَ ۾ گذاريون ٿا. پر شام جو بہ ڪمري ۾ ويٺا نيول آرڪيٽيڪچر ۽ Strength of materials جهڙا حسابي سبجيڪٽ پڙهون. ڪلبن جو رخ رکن بدران هر ڪو سويرئي سمهيو پوي. جو پئي ڏينهن وري يونيورسٽي وڃڻو آهي. ان کان علاوه ڌارين ملڪن کان آيلن جي هتي جي ماڻهن سان دوستي ياري ڏينهن جو آفيسن ۽ ڪارخانن ۾ ٿئي ٿي. اسان جو جيڪو ڪارخانو يا آفيس آهي سا يونيورسٽي آهي. جنهن ۾ سئيڊن جي سونهن

بدران ڪينيا جي ڪاري "فيلِي" آهي يا "عبدالله". سعودي عرب جو اهو جُبي وارو صالح آهي يا ٻچي ڏاڙهي وارو ايراني غلام رضا. پنهنجو وڏي مٿي وارو بنگالي "مظهر" آهي يا سريلنڪا جو سنهڙو "پريرا". گهنڊين وارن وارو سوڊاني عبدالهادي آهي يا نائيجيريا جو وڏين مڇين وارو "جان ائمزي"، پوءِ سڄو ڏينهن ان سان ملبو تہ ظاهر آهي دوستي ياري بہ انهن سان ٿي ويندي."

ان مان ظاهر آهي تہ الطاف شيخ اهڙو پيشيور سياح ناهي جنهن جي زندگيءَ جو مقصد دنيا جي مختلف ملڪن، ماڻهن ۽ جاين کي گهمي ڦري ڏسڻ ۽ پوءِ ويهي ان تي تفصيلي طرح لکڻ آهي. اهڙي ليکڪ کي تہ اجا بہ واڌارو وقت گهرجي جنهن ۾ هو ملڪن، ماڻهن ۽ جاين بابت ٻين مصنفن جا لکيل ڪتاب ويهي پڙهي، حوالا جمع ڪري، نقشا ناهي، تصويرون جمع ڪري ۽ پوءِ پنهنجي راءِ قائم ڪرڻ لاءِ ان موضوع تي ٻين ماهرن سان ذاتي ڪچهريون ڪري يا انهن کان انٽربو ڪري.

اينترو وقت الطاف شيخ وٽ آهي ئي ڪونہ. هو جڏهن جهاز تي آهي تڏهن چوويهہ ئي ڪلاڪ هن جي ذهن تي اها ڳالهہ آهي تہ جهاز جي انجڻ هن لمحي صحيح ڪم ڪري ٿي يا نہ. انجڻ جي ڪم ۾ ڪنهن وقت بہ مقصد پيدا ٿئي تہ هن کي جهاز جي تري ۾ رهڻو پوندو. جيڪڏهن جهاز سامونڊي طوفان ۾ ڦاسي پوي تہ پوءِ تہ الائي ڪيترا ڏينهن ۽ راتيون ستي جون سڀيون هن کي جاڳي گذارڻيون پون.

پر اهڙي زندگيءَ ۾ بہ جيڪڏهن هن کي ٿورو وقت ملندو هوندو تہ ان ۾ هو آرام ڪندو هوندو، ڪائيندو پيئندو هوندو ۽ ڪٿي ڪجهہ لکندو هوندو. هن جا ڪي پڙهندڙ هن کان جيڪا توقع رکن ٿا تہ هو جنهن بہ ملڪن يا معاشري تي لکي، ان جي ڊگهي تاريخي پسمنظر ۾ هليو وڃي، مختلف طبقن جي ماڻهن کان انٽرويو ڪري، ان ملڪ جي سياست، ادب، ڪلچر، سماجي اوڻائين ۽ خاصيتن تي لکي، اتي جي ٻوليءَ ۾ ڪيل شاعري جي تصوير ڇٽي وغيره وغيره. سو في الحال الطاف شيخ ڪرڻ بہ چاهي تہ ناممڪن نہ سهي پر مشڪل ضرور آهي، اهڙو تحقيقي ڪم ڪل-وقتي سياح ۽ ڪل-وقتي ليکڪ ئي ڪري سگهي ٿو.

ان جي باوجود هو جيڪي ڪجهہ لکي رهيو آهي، ان مان سنڌي پڙهندڙ لاڀ پرائي ٿو. هن جي معلومات ۾ اضافو ٿئي ٿو. هن کي دنيا جي مختلف ملڪن بابت متاچري ئي سهي ڄاڻ ملي ٿي ۽ سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ يڪسانيت واري ادب جي پيٽ ۾ رنگيني بہ ملي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ ڪافي وقت کان وٺي جيڪو ادب پيدا ٿي رهيو آهي، ان ۾ يڪسانيت وڌيڪ ۽ رنگيني يا Variety گهٽ آهي. ان جو وڏو ڪارڻ اهو آهي ته اسان جا ليکڪ گهڻو تڻو "ڊرائنگ روم جا دانشور" ٿي رهيا آهن. جن جو ماحول ۽ وايومنڊل سالن کان وٺي ساڳيو آهي. جنهن ڪري انهن جي ڪردارن، ٻوليءَ ۽ تصور ۾ هڪجهڙائي ورجائجي ٿي.

اها حقيقت آهي ته نئون نڪور علم گهر کان ٻاهر نڪرڻ سان ملي ٿو. هڪ هنڌ رهڻ سان ليکڪ جي تصوراتي اڏام ڪي ٻه ڪَٽَ لڳيو وڃي. اسان جو اديب گهڻو ڇُر پُر ۾ ناهي. ان ڪري هن جي ڪهاڻين ۽ شعرن جا موضوع گهڻو ڪري ساڳيا ۽ ٻولي ڳنل پينل ٿئي ٿي. آءٌ ته ايئن چوندس ته ليکڪ ٿيڻ پڻ هڪ ڪُل_وقتي ڪم آهي. پر اسان وٽ گهڻو ڪري سڀ جا سڀ ليکڪ پنهنجي روزاني زندگي جو جزوي وقت لکڻ کي ڏئي سگهن ٿا. چاڪاڻ ته ڪين پنهنجي ۽ ڪٽنب جي پيٽ واري دوزخ کي ٻه پرٽو پوي ٿو.

اهو به هڪ سبب آهي جو الطاف شيخ جيڪو مختصر يا متاچرو جائزو وٺي پنهنجي پڙهندڙ کي دنيا گهمائي ٿو. سا پڙهندڙ لاءِ نئين آهي جنهن ڪري هو اُن ۾ گهَري دلچسپي وٺي ٿو.

پر بهرحال، ان جي باوجود الطاف شيخ هن وقت جيڪي لکي رهيو آهي، ان ۾ مواد آهي. مونکي لڳي ٿو ته وقت گذرڻ سان هن ۾ مشاهدي ۾ گهرائي اچي رهي آهي ۽ هو روزاني زندگيءَ جي متاچرين ڳالهين سان گڏ سنجيده سماجي، اقتصادي، فني ۽ سياسي معاملن تي به ٽيڪا ٽپڻي ڪري ٿو.

هن ڪتاب ۾ ڏسو هڪ هنڌ هن ڇا لکيو آهي:

"آءٌ چوان ٿو ته هتي جا ماڻهو ڪي امير ناهن". ستنام چيو. "اسان جي ملڪن جي ڪنهن فقط هڪڙي شهر جي ماڻهن جو گهر ۾ رکيل سون گڏ ڪري سڄي سوئيڊن جي ماڻهن جو سون پيٽجي ته هنن وٽ ايترو نه ٿيندو جيترو اسان وٽ آهي. پر چاهي جو هنن وٽ زندگي آهي. جيڪا اسان وٽ ناهي. هتي جا ماڻهو ڪو امير نه آهن پر چاهي جو هنن وٽ سسٽم آهي. هڪ قاعدو قانون آهي جيڪو غريب توڙي امير لاءِ ساڳيو آهي. اسان جي فئملي امرتسر جي وڏن زميندارن مان آهي. اتي جي مون واري بنگلي اڳيان هي ٻن ڪمرن وارو فليٽ ڪجهه ناهي. نوڪر چاڪر ۽ هاري ناري اٿم. پر ته به اتي دل نه ٿي لڳي جو ڪا گهڙي نه ڪنهن جهڙي اجايو سجايو ڪُوڙن ڪيسن ۾ پوليس جهلي وڃي ته ڪو داد فرياد ٻڌڻ وارو نه ٿو ٿئي. هتي اهي ڳالهيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهن. توهان حق تي آهيو ته دنيا پلي اٿلي پوي، توهان جو ڪو حق ماري نه سگهندو. آفيس ۾ پهچي آفيسر کي منٿون يا رشوتون آڇڻ بدران فون تي پنهنجي تڪليف بيان ڪري سگهو ٿا ۽ توهان جو ڪم گهر ويٺي ٿي ويندو. اها ڳالهه هنن وٽ آهي پر اسان وٽ نه ٿي سگهي آهي. ان ڪري ته آءٌ چوان ٿو ته India or Pakistan is not poor, but their system is poor.

(هندستان يا پاڪستان غريب ناهن، انهن جو نظام غريب آهي)

هونئن الطاف شيخ جڏهن پرڏيهه تي لکي ٿو ته هو ڪيترين جاين کي پنهنجي ملڪ ساڻ پڻ ڀيٽي ٿو. نيويارڪ جي ڪنهن علائقي کي خانواهڻ ساڻ ڀيٽڻ يا مالموجي شاندار لئبرري تي لکندي ان شهر کي سنڌ جي ٽنڊي آدم سان ڀيٽڻ سبب هن جي لکڻين ۾ جان پيدا ٿئي ٿي، يورپ ۾ شادي ڪرڻ وارن شوقينن جي معلومات ۾ اضافو ٿيندو جيڪڏهن هو سندس ڪتاب ۾ انهن ذهني بيمار عورتن (Problem women) بابت پڙهندا. اهڙي طرح الطاف شيخ جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ پرڏيهه جا ”سونهان“ ٿين ٿا.

سو اسان کي ضرور اهڙي آس رکڻ گهرجي ته الطاف شيخ جڏهن رٽائر ٿيندو تڏهن پنهنجي سموري زندگي جي سفرنامي کي سهيڙي، تحقيق ۽ کوجنا ڪري، سنڌي ادب کي اهڙو ڪتاب ڏيندو جنهن سان هو، ”ايڪويهين صديءَ جو سنڌ باد سيلاني“. ٿي مچتا ماڻيندو.

الطاف شيخ جي سفرنامي
”جت برف پئي ٿي جام“ ”بي لکيل مهاڳ“
26 آڪٽوبر 1994ع
گلشن حديد، ملير، ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن صنف ۾ هن لکڻ شروع ڪيو سا هئي آزاد شاعري. هن سلسلي ۾ نثري نظم تي اڳيئي سنڌي ادبي حلقن ۾ بحث هلي رهيو آهي. ڪي ليکڪ چون ٿا. ته نثري نظم ۽ بي آزاد شاعري "لفظن" کان وڌيڪ "خيال" جي شاعري آهي. جڏهن ته ڪن ٻين ادبي حلقن جو خيال آهي ته نثري نظم شاعريءَ جي وصف جي دائري کان ٻاهر جي ڪا شيءِ آهي.

اهو سرندو ئي ساڙي ڇڏ،
جنهن مان ڪو به سر،
آبشارن وانگر،
پهاڙن جو سينو چيري،
دڙ چڙهيل ڏٻاري ڌرتيءَ تي،
مستيءَ مان گجگوڙون ڪندڙ،
نهرن وهائي،
سونهن جا رنگ وڏائي نٿو سگهي."

سماجي ڪارج سان گڏ اهڙي رواني ڏسي ايئن پئي لڳو جڻ ان ڳالهه ۾ سچ آهي ته هر ادمو پاڻ سان گڏ هڪ نئون گهاڙيٽو به کڻي ايندو آهي ۽ اهڙي طرح سينو چيري نڪرندڙ آهه ۾، فطري سنگيت جا انگ توڙي ٻيون شاعرائيون صفتون برابر موجود هونديون آهن.

البت شاعريءَ جي علمي ارٿ ميٽڪ مطابق جنهن کي علم عروض جي دنيا ۾ تقطيع چوندا آهن. نظم يا شاعري غير منظم لفظن کي چئي نه سگھبو. ان ڪري شعر کنهن Discipline کنهن ماڻ ۽ ماپي ۾ لکيو ويندو. هي بحث هينئر تائين هلي رهيو آهي.

پر محمد علي پناڻ جي نثري نظمن ۾ مواد ايڏو طاقتور ۽ لفظ اهڙا فنائتي نموني پوئيل هوندا آهن. جو في الحال گهاڙيٽي ڏانهن ڌيان ئي نه ويندو آهي ۽ پڙهندڙ شاعريءَ جي پالوت محسوس ڪندو آهي.

"هڪ هڪ ڪري،
سچ جي سورج جا سيئي ڪرڻا،
پنهنجي ڪاري ڪوٽ جي پيلي استر اندران،
چور کيسي ۾ چپائي ڇڏيا اٿئي.
پر تون اهو وساري ويٺو آهين،
ته هن ڌرتيءَ جي هر ننڍي وڏي حصي ۾،
هزارين ۽ لکين ڪنير آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي اونده جي راڪاس کي،
ڪروڙين ڏيئا ناهي،
پوري ڌرتيءَ جي انچ انچ تي،
ڇمي ويل ڪارنهن جي تهن کي،
روشنيءَ جي رانپوڙن مان رهڙي،
صاف ڪرڻ جي،
جستجوءَ ۾ رڌل آهن."

يا وري هي نظم ڏسو. لڳي ٿو هڪ ساهه ۾ ڪيل ڪنهن ڪيهه جا ڪي لفظ آهن:

"ڇا سربنهن اهو ڳل،
ان لاءِ پيدا ڪيا هئا،
ته انهن جي مڌ — ماتي خوشبوءِ،
سهائي رات جي سيني ۾،
هوا جي بي قياس هٿن سان،
پنهنجي تارين مان ٿڻي،
روڊ جي هڪ طرف کان،
ٻئي طرف تائين،
ايئن سر عام،
بي معنيٰ ٻڌجي،
ڪارين، موٽرين،
رڪشائن، ٽانگن،
۽ انساني قدمن هيٺان ڪچلجي،
ڏامر جي ڪارائڻ ۾،
پيهجي وڃي—؟!"

بهرحال اهو بحث پنهنجي جاءِ تي ته نثري نظم شاعري آهي يا ناهي. تيستائين شاعري جي ڪلاسيڪل وصف جي تلوار ان تخليقي اڌمي جو برابر سر قلم ڪندي رهي ٿي، جنهن وقت به اهو جذبو اندر جي ڪوري ۾ پچي ۽ پڄري مزاحمت ڪرڻ لاءِ ڪنڌ مٿي ٿو ڪري.

هن وقت محمد علي پٺاڻ پابند شاعريءَ ۾ مشق شروع ڪئي آهي ۽ ڏاڍا خوبصورت غزل ۽ سريليون وايون لکيون اٿس. پر مونکي سندس آزاد شاعري وڻندي آهي، باوجود ان جي ته ڪٿي ڪٿي سندس سٽن جي رواني ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تري ڦري، ٻڏي، تري رهيا هجن.....
..... ۽ هڪ ڏکهي سوچ ڪانپوءِ،
مون اهو ويچاري ورتو آهي،
تہ اڄ پنهنجي دائمي خاموشيءَ جي چادر کي،
ليڙ ليڙ ڪري ڇڏڻ ڪانپوءِ،
وهاڻي تي سر رکڻ ڏکيو آهي..... "

هن جي شاعريءَ جي ڪئنواس تي، اهڙن غريب ٻارڙن جا رنگبرنگي ڪپڙا نظر اچن ٿا، جيڪي سنڌن ماءُ پراون وڳن سبندي. ٻچايل ڪپڙي مان سبي ناهيا هئا ۽ جڏهن اهي ڪپڙا پائي ٻار ٻاهر نڪتا هئا تہ ڪنهن چوڪر پئي چيو تہ "هي منهنجي قميص جو ڪپڙو آهي." تہ ٻئي پئي چيو تہ "هي ٽڪرو منهنجي شلوار جو آهي."

"ڪالهہ رات چنڊ جڏهن،
عيد جي خوشيءَ جو پيغام ڪٿي اپريو هو،
تڏهن ڇڳل ڇترن،
اڪڙيل ٿوڻن،
ڇتن ڇجرن ۽ جهميل شهتير واري ڇت جي،
هڪ ڪنڊ تي،
هڪ وڏوا ماءُ اپئين پيرين،
اکين مان ميري ۽ پراڻي پوتيءَ سان،
وهي آيل لڙڪ اگهي،
هيٺ لهي آئي هئي،
ڇدي واڻ واري کٽ جي وچ تي رکيل،
هڪ تختي تي،
اوائلي دور جي سلائي مشين جو،
زنگيل ٻابينو،
نئو سئو نوانوي جي ڏاڳي سان پيري،
پاڙي اوڙي جي ٻارن جا نوان ڪپڙا،
سبڻ ۾ مشغول ٿي وئي هئي،
مشين جي ڪڙڪي تي آڳر تي ڪيڏندڙ،
هن جا پنهنجا ڪک ڇٽيا،
ويڃهو سري آيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"امان! هي قميص منهنجي آهي_!؟"
"نہ ......." ڪروڌي چڙب_
"امان! هيءَ سٿڻ منهنجي آهي_!؟"
"نہ ......." ڪرڙيون اکيون_
"امان سڀاڻي عيد آهي_؟"
"نہ – "اکين ۾ لڙڪ سمنڊ جي چولين جيان ڇلڪي ويا هئا_
ٻارڙا پنهنجين ننڍڙين خوف ڀريل،
۽ حيرت ۾ ٻڏل سوالي اکين سان.
ماءُ ڏانهن ايئن گهوري رهيا هئا.
جيئن پڃري جا بند پکي،
صاف ۽ ڪليل فضا کي.
آس وندين اکين سان،
گهوربندا رهندا آهن_
گهڻو تائين سوچي سوچي.
هڪبئي سان سڙٻاٽن ۾ ڳالهائي،
ٻارڙا پنهنجن پنهجن کٽن تي.
آ هلي پيا هئا_

---

صبح جو گهٽين ۾ شور،
ٻارڙن جي اک کلي،
ٿهڪڙا ئي ٿهڪڙا_
"اڄ عيد آهي_"
پتڪڙن هٽڙن سان.
تاڙيون وڄي رهيون آهن_
ماءُ مشين واري کٽ تان اٿي اچي.
گلڙن کي پاڪيون پاڻي چوي پئي.
"اجر ـ اچو – جلدي ڪيو.
سڀئي نلڪي ۾ گهري وهنجي ونو_
هي اهن اوهانجي عيد جا نوان لٽا_؟"
ڪجهہ گهڙين ڪانپوءِ،
مختلف رنگن جي ٽڪرن سان ڳنڍيل ڪپڙا.

بارڙن کي پارائي،
ماءُ چپن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ مرڪ،
۽ اکين جي آئيني ۾ لڙڪ،
لڪائي نہ سگهي آهي۔
وڏو بار ٻاهر گهٽيءَ ۾،
هلڪا هلڪا ٽپا ۽ ٺهڪ ڏئي نڪري ويو آهي۔
۽ ننڍڙا پاڙي مان آيل ڪاڏن تي،
مکين جيان مڇي تي وينا آهن۔

گهٽيءَ ۾ گهمندڙ وڏو بار،
اوچتو پاڙي جي ٻين،
چمڪندڙ ڪپڙن وارن ٻارن جي گهيري ۾،
ويڙهجي ويو آهي۔
"هي تہ منهنجي قميص جو ڪپڙو آهي!"
"هي تہ منهنجي سٿڻ جو ڪپڙو آهي۔"
ڪل۔
ٺوڪ۔
ٺول۔
رنگبرنگي ڪپڙا پهريل ٻارڙو،
اوچنگارن ۾ ٻتجي،
ماءُ وٽ موٽي آيو آهي۔
ماءُ جون اکيون ابتيون،
ڏڙڪا ۽ چڙ ٻيون،
سڀئي ٻار هراسل،
سوچ جا ڏاڪا منجهيل۔
ماءُ جي تواڻيءَ ۾ سيني جي حسمن تان،
زوريءَ نوان ڪپڙا لهندا۔
پٽ تي ڪرندا ڏيگ ٿيندا تا وجن۔
روج راڙو۔
پٽ تي ليٽڙن۔
۽ اهو ڏسندو رهڻ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ماءُ ڪپڙن جي ڍير ڪي.
پرندڙ چلهہ ۾
ساڙيندي رک ڪندي ٿي وڃي۔!!"

سرڪاري اسپتال. بيمار ٻار. ان جي پريشان ماءُ. ڊاڪٽرن جي بي توجهي ۽ سور جي لمحن جي درد جي درياءَ ۾ تبديل ٿي وڃڻ۔ ايٿوپيا جي ڏڪار. ترجو ڪارو ڏڪار. سنڌي عورت جي مظلوميت. عشق جي راهہ ۾ ڪنهن جاگيردارانا ثقافتي قدر جي آڏو اچڻ تي احتجاج. ائٽمي جنگ ۽ ٻين 20 ۽ 21 صديءَ جي مسئلن تي شاعرڻي نموني خيالن جو اظهار ڪيل آهي.

"هوءَ جا شاديءَ رات.
نند جي گورين جو اوور ڊوز.
سيج تي سمهڻ بجاءِ.
اسپتال ۾ پلنگ تي ڪريل هئي۔
سا يوءَ بہ نڪاح جي نوڙ ۾ ،
جڪڙجي وئي هئي۔
۽ بيهوشيءَ جي حالت ۾ بہ هن ڪان.
ڪنڌ لوڏرائي.
"ها" ڪرائي وئي هئي .....
۔ شادي ڪنهنجي؟
۔ ٻن لاشن جي۔
۔ ڏپ ۔ ڊونڊ
۔ هاڻ تہ ڊبل بيڊ وچ ۾ .
۔ وحشت جا آئينا بہ.
ڏنڏلجي ڪاراتجي چڪا آهن۔!!"

ڪاريءَ تي لکيل هڪ نظم جو هي شعر ڏسو:

اوچتو ڪمزور ۽ پوڙهي ڌرتيءَ جي،
سيني ڪي.
ربتن ۽ رسمن جو لاٽو.
تيزيءَ سان ڦاڙي،
باهر نڪري آيو۔
ويهين صديءَ جي هن آخري حصي ۾ .
ٽيپهريءَ جي پيلي سورج سامهون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ـ ڪباڙيءَ وٽ هلي وئي هئي ـ
ـ انهن ڏينهن ۾ تون جيل ۾ هئين،
ـ ۽ اسانکي گهر ۾ ڪائڻ لاءِ.
ـ ٻه ڪٽا ان جا پيي ڪونه هئا ـ "
هن درد کي سهيڙي "تاءُ" جي عنوان سان لکي ٿو تہ:
"رک جي ڍير مان،
چڻنگون ۽ ٽاندا.
اجان بہ ٻرندا نظر اچي رهيا آهن ـ
توني جو،
گهنگهور گهٽائون،
هر پاسي ڪوهيڙو،
۽ الاڻ،
پکيڙي رهيون آهن ـ! "
هڪ هنڌ پنهنجي "آدرش" جو ذڪر ڪندي لکيو اٿس تہ:
"اندر جي اندلني رنگن مان،
چاهيان ٿو،
اهڙي ڪا تصوير ناهيان،
جيڪا هن اونداهي ڪائنات جي،
پاتارن تائين پکڙيل،
بدصورت تصويرن ۾ ،
ائين چمڪندي رهي،
جو انڌيهيءَ جي اونده ۾ بہ،
چوڏهينءَ جو چنڊ لڳي ـ
۽ ان آڏو،
هي آسماني روشنيون بہ،
شرمنديون ٿي،
اونداهي پولار ۾ ٻڏي وڃن ـ! "

---

"اهو سچ تہ اياڻپ جو جيئڻ آهي ـ
۽ سياڻپ جو جيئڻ اهو آهي تہ،
ماڻهو پنهنجي ڳچيءَ جون،
سيئي ڳانيون ٽوڙي،
بيسا ڪ هوائن جيان،

# صحافت جي سائنسي تخليق

موکي! متارن جا ننڍا ڪيَمِ نهار.
جُهڙ ساماڻا سَرِي ڏٺي نه اچا اگهڻ ڏار.
ناڻي ڪيمَ نهارِ. سِرَ به ڏيندا ست ۾. (ڀٽائي)

الائي چو مون کي ايئن محسوس ٿيندو آهي ته جيڪڏهن ڀٽائي جيئرو هجي ها ۽ هن کي ڪنهن طرح قائل ڪيو وڃي ها ته هو انور ابڙي جي انٽرويو واري ڪتاب تي مهاڳ لکي ڏئي. ته شايد هو مهاڳ جي مهاڳ ۾ پنهنجو اهو ئي بيت لکي ها جيڪو مون متي لکيو آهي.

پر ان مان اهڙو ڪو به تاثر وٺڻ نه گهرجي ته ڪو مان پاڻ کي ڪنهن به صورت ۾ ڀٽائي جو ثاني ٿو سمجهان يا منهنجي اندر ۾ ڪنهن جاءِ تي ڪا اهڙي گستاخ سوچ به موجود آهي ته هن وقت جيڪو مان محسوس ڪري رهيو آهيان. ڀٽائي به سترهين صدي عيسوي جي پوئين ڏهاڪي ۽ ارڙهين صدي جي پهرين اڌ ۾ ايئن سوچيندو هو. توبهه_توبهه_ مان ايئن سوچي به نه ٿو سگهان. ڀٽائي منهنجو مهاڳرو آهي. چيلو ويچارو گُروء بابت ايئن ڪيئن سوچي سگهندو؟؟

پر مونکي پڪ آهي ته ڀٽائيء هي بيت سنڌ جي نئين ٽهيءَ تي لکيو هو. جنهن ۾ هن سنڌ جي ڳڀرو نوجوانن جو پروفائيل ڏنو آهي. هن خبردار ڪيو آهي ته سنڌ جي نوجوانن کي "ننڍا" سمجهي نظر انداز نه ڪريو. هو سر ڏيڻ وارا سرويچ آهن. متارن جا پونئير آهن جن بابت پاڻ چيو اٿس ته. "متو ڪَنِ نه مُلَ. پڪَ برابر پنهنجي". يعني جيئن ٽُڪ اجلائي چڙبي آهي تيئن هو پنهنجو سر وڍائي جاڻن ٿا. ايڏا بهادر آهن.

سو ٿي سگهي ٿو ته انور ابڙو به ڪنهن پيڙهيء ۾ . ڪنهن جنم ۾ متارن جو جائو هجي!! اڄڪلهه سنڌ ۾ عام طور "متارن" کي "سيد" ڪوٺيو وڃي ٿو. اهو ايئن آهي جيئن هڪ ويڙهاڪ ڪل_وقتي سياستدان ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسي اچڻ يا سياسي شهادت ملڻ ڪانپوءِ ڳڙهي خدا بخش واري قبرستان ۾ پِيرُ ڪري پوڄيو وڃي ۽ ڳوناٽيون زائفون سندس قبر تي پٽ وٺڻ اينديون هجن.

متارن جون مزارون به اڄڪلهه سڄي سنڌ ۾ ايئن مذهبي درگاهون ٿي پيون آهن ۽ کين "سيد" ڪري ڄاڻايو پيو وڃي جڏهن ته لوڪ سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن ليکڪ جي اندر وارو آئينو لينگها لينگها هوندو، صاف ۽ شفاف نہ هوندو، ڇٽو نہ هوندو ۽ ڌنڌلو هوندو تہ عڪسن واري تصوير بہ ڌنڌلي هوندي ۽ سچ بہ ايئن لڳندو جهڙو پت تي ٽپيل ڇيٽو. پر جي ليکڪ جي اندر وارو آئينو صاف ۽ ڇٽو هوندو تہ ان مان نڪتل تصوير جي اکين مان اها آس بہ نظر ايندي جنهن کي اگهاڙيون اکيون ڏسي بہ نہ سگهنديون آهن.

تنهن جي معنيٰ تہ تاريخ قلمبند ڪرڻ واري ماڻهو لاءِ بہ ڳالهيون اهم آهن: هڪ اها سماج جي تصوير جيڪا تخليقي فنڪار يا ليکڪ جوڙي ٿو ۽ ٻيو اهو آئينو جنهن جي ڇِٽائي يا ڌنڌلاڻپ سماج جي انهيءَ تصوير جي مقدر جو فيصلو ڪري ٿي.

انور ابڙي صحافت جي ميدان ۾ تاريخدان ٿيندي هڪ سائنسدان وارو ڪم ڪيو آهي. سائنسدان پاڻيءَ کي پاڻي نہ چوندو پر آڪسيجن (Oxygen) ۽ هائڊروجن (Hydrogen) چوندو. اهو ان ڪري چاڪاڻ تہ سائنسدان جي سوچ عام مفڪر جي سوچ کان گَهري ٿئي ٿي. هو نتيجن کان وڌيڪ انهن جي سببن تي سوچي ٿو. تخليق کان وڌيڪ هن لاءِ تخم اهم آهي.

انور ابڙي بہ ”انٽرويوز“ ۾ سنڌ جي ليکڪن ۽ دانشورن جي تخليق ۽ سوچن کان وڌيڪ هنن جي اندر ۾ جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. عڪس جي ترورن تان اکيون هٽائي آئيني تي رکيون اٿس. جڻ وٽائي وارو اڳ ورتو اٿس. اهو ئي سبب آهي جو انور جي صحافت ٻين همعصر نوجوانن کان انوکي آهي.

هونئن بہ ماڻهوءَ کي سمجهڻ لاءِ هن جي اندر کي سمجهڻ ضروري آهي_ يا ايئن چئجي تہ ڪنهن جي اندر کي سمجهڻ ڪانسواءِ ڪنهن کي سمجهي ئي نہ ٿو سگهجي. ٻيو تہ دنيا جي تصوير جيڪا اسان کي اديب، شاعر ۽ فلسفي ڏيکارن ٿا سا حقيقي آهي يا جڙتو، اجاتري آهي يا گَهري، ان جو اندازو تڏهن ٿيندو جڏهن اسان هنن جي اندر کان واقف هونداسون. تاريخ جا تعصب در حقيقت ماڻهن جا تعصب ٿيندا آهن جيڪي تاريخ لکندا آهن. ان ڪري ضروري آهي تہ دنيا کي سمجهڻ لاءِ دنيا جي تصوير ٺاهيندڙ چترڪار جي چِتَ کي سمجهيو وڃي.

انور ابڙي پنهنجي بايوگرافي واري ڪئريئر جي ابتدا ۾ ئي پاڻ هڪڙي هنڌ لکيو آهي تہ ”مان سنڌ جي ڪيترن ئي نامور شاعرن، اديبن، دانشورن ۽ صحافين سان مليو آهيان. ڪيترن سان گڏجي ڪم ڪيو اٿم، جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ِمان ڪيترائي حد درجي جا غرضي، چالاڪ، منافق ۽ وڏن نالن هئڻ جي باوجود بہ مون کي ڏاڍا ننڍا محسوس ٿيا آهن. مان هاڻي جڏهن بہ انهن سان ملندو آهيان تڏهن انهن جي ٻهروپيءَ تي اندر ئي اندر ۾ کِلي ڏيندو آهيان...."

منهنجي خيال ۾ هن ننڍڙي عمر ۾ انور جو اهڙو تجربو اڳتي هلي هن کي احساس جي نهائينءَ ۾ پچائي پڪو رَچُ ڪري وجهندو. انور جي صحافت صحافت اوريانا فلاسيءَ واري صحافت آهي. جنهن دنيا جي ڪيترن سربراهن (اندرا گانڌي، ڀٽو وغيره) جا انٽرويوز ڪري پاڻ ملهايو آهي. مونکيُ انتظار رهندو تہ انور ابڙو، مائي اوريانا فلاسيءَ جي انهن ٻن ڪتابن جهڙا ڪتاب ڪڏهن ٿو ڏئي جن مان پهريون ڪتاب (A Man) هن پنهنجي عاشق جي بايوگرافي تي ٻڌل لکيو ۽ ثابت ڪيو تہ ماڻهو پهاڙ بہ ٿي سگهي ٿو. ۽ ٻيو ڪتاب (A letter to a child never born)، ان ٻار جي بايوگرافي آهي جيڪو سندس عاشق مان ڪيس پيٽ ٿيو ۽ پيٽَ ۾ ئي مري ويو.

صحافت ۾ انور ابڙي هي ڪتاب لکي هڪ بايوگرافر وارو ڪيرئيرِ شروع ڪيو آهي. صلاحيتن سان سينگاريل هن نوجوان مان سندس سنڌ ماتا کي ان آس رکڻ جو هميشہ حق آهي تہ هو سندس تَج واهہ جي ملهائيندو!!

هن مهاڳ جو اهو ائنٽي ڪلائيمئڪس ٿيندو جيڪڏهن مان اهو پس منظر بيان ڪرڻ شروع ڪريان تہ انور ابڙو جيڪو ميٽالرجي جو انجنيئر آهي سو صحافت ۾ ڪيئن آيو؟............ منهنجو خيال آهي تہ جڏهن انور جي بايوگرافي مون پاڻ لکي تڏهن اهڙي موهيندڙ موضوع سان هٿ اٽڪائيندس.

تيستائين آءٌ هن ڪتاب جي پڙهندڙن کان هڪ ڳالهہ جي معافي وٺندس تہ مون ۽ انور هڪٻئي جي تعريف لکي ڪين جيڪو ڏوهہ ڪيو آهي. ان جو اسان کي ڪو بہ حق ناهي. اها بہ ڳالهہ آهي تہ زماني کي بہ ڪو حق ناهي جيڪڏهن ڪي بہ جڻا هڪٻئي کي پسند ڪن ٿا. اسان ماڻهو انهن کي "پاڻ ۾ ڪربل" چوندا آهيون جيڪي دراصل "پاڻ ۾ نهيل" هوندا آهن.

انور ابڙي جي ان چيل
ڪتاب "انٽرويوز" جو مهاڳ
7 مارچ 1999ع ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسٽوپيا، سنڌو ۽ چنڊ

شاعريءَ جي هن تمورتيءَ ۾ اسٽوپيا ڪير آهي، سنڌو ڪير آهي ۽ چنڊ ڪير آهي؟

ان سوال جو جواب تہ مونکي نہ ٿو اچي. پر مون کي ايترو ضرور ياد آهي تہ جنرل ضياءَ جي ڏينهن ۾ (مارچ 1986ع) پاڪستان جي سيني صوبن ۽ ٻولين جي ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن جي جيڪا ٽن ڏينهن واري ڪانفرنس ڪراچي پريس ڪلب ۾ ٿي هئي ان جي پڄاڻيءَ تي هندستان جي هڪ ترڪ اديب ڊاڪٽر قمر رئيس ڪانفرنس بابت پنهنجا تاثرات رڪارڊ ڪرائيندي چيو هو تہ. "مون کي سڀ کان وڌيڪ اهو نظم پسند آهي جيڪو هڪ سنڌي شاعره پڙهيو هو ۽ جنهن ۾ موهن جي دڙي واري ڊانڊ گاڏيءَ جو ذڪر هو."

اها سنڌي شاعره ملڪ پيرزادي هئي جنهن کي ٻانهن کان وٺي پنجاب جي مشهور شاعره ڪشور ناهيد اچي چيو هو تہ. "هن ڪانفرنس ۾ هيءَ سنڌي شاعره منهنجي دريافت آهي."

سو اسٽوپيا وارو اهڃاڻ ملڪ جي شاعري تي سگهي ٿي چاڪاڻ تہ ان ۾. مشهور ڏند ڪٿا موجب. مهين جي دڙي واري اسٽوپيا ۾ رهندڙ موهن بادشاهہ جي راڻيءَ جي اندر جو درد محسوس ٿئي ٿو جنهن کي پرديس مان آيل هڪ وڻجاري طعنو ڏنو هو تہ. "تون وقت جي بادشاهزادي آهين. حسن جي ديوي آهين. پر...... بند آهين. آزاد ناهين.... تون جي ماڙيءَ مان نڪري اچين تہ مان توکي پوتر سنڌوءَ جي سيني تي سير ڪرايان تہ جيئن تون سمجهي سگهين تہ آزادي ڇا ٿيندي آهي."

ملڪ جي شاعري درحقيقت سنڌي عورت جي اندر واريءَ انهيءَ پيچ ڏاهہ جو نالو آهي جيڪا. "آزاديءَ". واري لفظ جي معنيٰ سمجهڻ دوران هوءَ محسوس ڪري ٿي.

فيض. ٻلهڙيجي ڳوٺ جي شاعرن (پيرزادن) جو نڪ آهي. مهين جي دڙي لڳ هن جي ڳوٺ ۾ شاعري، پٽائي ۽ يڪتارو اهڙا اهڃاڻ آهن جيڪي "ڪنڌ. ڪتارو ۽ تنڊ". جيان ملي هڪ ٿي ويا آهن. فيض جو گهر سنڌو درياءَ جي سِير کان هڪ فرلانگ بہ پري ناهي. شايد ان ڪري سنڌوءَ جون چوهيون چوليون. ڪُنن جا ڪڙڪا. پائيندڙ واري گجگوڙ ۽. "ڪِي جو ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرين. پنيءَ پنَ جُهڻ پانَ ۾ ". وارا سپ آواز فيض جي شاعريءَ ۾ جن ڪاهي پيا آهن.

۽ جڏهن چوڏهينءَ جو چنڊ سنڌو درياءَ ۽ مهين جي دڙي مٿان ڪڙندو آهي تڏهن ڪير جهڙي اچي چاندوڪي ۽ سانت گڏجي وجي شاهه محمّد ڪي ننڊ مان اٿاريندي آهن ته. اٿي! شاعري ڪر.

شاعريءَ جي هن تمورتيءَ پنهنجي ڪتاب جي عنوان جو پهريون اکر پنهنجي ڳوٺ جي اتر مان ڪنيو آهي. ٻيو اکر اوپر مان ۽ ٽيون آسمان مان ڪنيو آهي. بس ويچارو شاعر چا ڪري. جيڪو ڏسندو سو ئي لکندو.

هن دور ۾ جڏهن ماڻهن ڪتاب پڙهڻ ڇڏي ڏنا آهن ۽ اخبارون به ڪمپيوٽر تي ٿا پڙهن. تڏهن شاعري لکي. پنهنجن وسيلن مان ڇپائي ڪتابي صورت ڏيڻ پنهنجي جاءِ تي وڏو ڪم آهي جيڪو صرف شاعر ئي ڪري سگهن ٿا ڇاڪاڻ ته شاعر عاشق ٿيندا آهن ۽ عشق کي مارڪيٽ ايڪانومي سمجهه ۾ اچي ئي نه ٿي سگهي.

ملڪ فيض ۽ شاهه محمّد جي شاعريءَ
واري گڏيل ڪتاب تي لکيل مهمهر نوٽ
3 مئي 1995ع ملير جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪير جهڙي ڪاري

فن ۽ سماجي ڪارج جو خوبصرت سنگم ئي ادب کي عظيم بڻائي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪا تخليق فنائتي نموني سان ۽ موهيندڙ اسٽائيل ۾ لکيل نہ آهي تہ پڙهندڙ جو ڌيان ڇڪائي نہ سگهندي ۽ جيڪڏهن ماڻهو اها لکڻي نہ پڙهن تہ سماج ۾ ان جو ڪو بہ ڪارج ڄڙي نہ سگهندو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪا لکڻي خوبصورت ۽ موهيندڙ لفظن سان ٺمٺار آهي پر پڙهڻ کانپوءِ بي مقصد لڳي ٿي تہ اها تخليق سهڻن ٿوهن وانگي آهي. جيڪي کوڙ پٽ تي وڇايا پيا هوندا آهن.

اڄ جي سنڌي ادب ۾ ان خوبصورت سنگم جي ئي کوٽ آهي. سواءِ ٿورڙن ليکڪن جي باقي اديب پنهنجين لکڻين ۾ يا تہ فن اوتي ٿا سگهن يا وري شعور جي وهڪري ۾ بي وس ٿي ۽ لفاظي جي جادوگريءَ واري نشي ۾ ادب جو مقصد ئي وساري ٿا ويهن. جيڪي ليکڪ فن کي نظر انداز ٿا ڪن انهن جي ادب ۾ ڇسي نعربازي رهجيو وڃي. ۽ جن وٽ فن آهي: اهي زندگي کي مٺي زهر ڏيڻ وارين ادبي لکڻين کي فن جي خوبصورت ڪئپسول ۾ بند ڪري پيش ڪن ٿا. ٻنهي قسمن جا اديب ڄڻ تہ انڌا اونڌا ويڄ آهن جن وٽ اسان جي بيمار معاشري جو ڪو بہ علاج ڪونهي. اهڙو ادب پيدا ڪرڻ وارا اديب اڳتي هلي جڏهن ڏسندا آهن تہ عوام هن کي نٿو پڙهي ۽ هنن جا ڪتاب وڪرو نٿا ٿين تہ پوءِ قوم ۽ عوام کي برو ڀلو چوڻ لڳندا آهن ۽ بعد ۾ مايوس ٿي ويهي رهندا آهن. سرور سيف جيڪو نہ رڳو ادبي محاذ تي وڙهي رهيو آهي پر سماجي تبديلين لاءِ عملي جدوجهد پڻ سندس آدرش رهي آهي. سو ظاهر آهي تہ ادب ۾ سماجي ڪارج. عظيم مقصد ۽ ترقي پسند ادبي قدرن جو گهڻو "قائل" ٿو ڏسجي. هاڻي هن کي ڪهاڻي جي فن ڏانهن بہ اوترو ئي زور ڏيڻو پوندو. تڏهن ئي وڃي هو سنڌي ڪهاڻي جو ماسٽر ليکڪ ٿي سگهندو.

سرور سيف ۽ ٻين سڀني نون ڪهاڻيڪارن لاءِ اهو مسئلو ضرور آهي تہ سندن ڪهاڻيون انهيءَ دور ۾ پڙهيون وڃن ٿيون جنهن دور تي جمال ابڙي ۽ ٻين اهڙن مهان ڪهاڻيڪارن جي ڇاپ لڳل آهي. ساڳيو ئي مسئلو نون سنڌي شاعرن لاءِ بہ آهي. ڇاڪاڻ تہ هنن جا پڙهندڙ پياڻي ۽ ٻين وڏن شاعرن کي اڳيئي پڙهي چڪا آهن. ان حقيقت جي باوجود نئين ٿهيءَ جي ليکڪن، سنڌي ڪهاڻي ۽ شاعري ۾ نواڻ آندي آهي اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪٿي ڪٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جذبات جي وهڪري ۾ لڙهي ڪردارن جي فطري رد عمل تي پنهنجو رد عمل مڙهي ويو آهي.

خاص ڪري "اسان جاڳيا آهيون" ڪهاڻي ۾ رهزن مولوءَ ۽ هن جي جاڙيجن ساٿين جو وڏيري خلاف ٿي وڃڻ هڪ ڇلانگ لڳي ٿي. جڻ ليکڪ جي خواهشن جي تڪميل هجي. پر ڪو رهزن ڏاڙيل جيڪڏهن شخصي تضادن وچان پنهنجي بندوق جي نالي يا ڪهاڙيءَ جو منهن ڪنهن غريب ڪان ڦيرائي وڏيري ڏانهن ڪري ٿو ان سان ڪنهن سماجي سجاڳي جي اميد نه ٿي ڪري سگهجي ۽ نه وڏيرڪي سرشتي خلاف ان کي عوامي حملو تصور ڪري سگهجي ٿو. ٻي ڳالهه اها آهي ته ڪنهن ڪردار جي ذهن ۾ اهڙي ڪا حيرتناڪ تبديلي اچي ان لاءِ ضروري آهي ته هن جي سماجي ۽ اقتصادي حالتن ۾ ڪو نوس ڦيرو اچي. مولوءَ جي زندگي وڏيرڪي اثر جي دائري ۾ گذري رهي آهي ۽ ان دائري ۾ رهي هو ان دائري جي ديوارن کي پوڄيندو رهندو. انهن ديوارن کي ڪيرائڻ لاءِ هن جو ڪنهن ٻئي دائري ۾ اچڻ ضروري آهي.

سنڌ ۾ سنڌي ادبي سنگت پنهنجو تاريخي ترقي پسند ڪردار ادا ڪندي شيخ اياز کان اڄ به نئين شاعر يا ڪهاڻيڪار تائين سيني جي ادبي پرورش ڪئي آهي. سرور سيف کي پڻ ادب جي سکيا سنگت جي پليٽفارم تان ملي آهي: ان ڪري هن ۾ تنقيد جي سهپ جو مادو، ادبي نظرين بابت وسيع نظري ۽ مطالعو گهرو ٿيو آهي. تنظيمون فرد به ناهينديون آهن ۽ فرد وري تنظيمن کي وجود پڻ بخشيندا آهن. سرور سيف هڪ ادبي ڪارڪن طور سنڌي ادبي سنگت جي پڻ ڪافي خدمت ڪئي اهي جنهن سان هن جي تخليقي صلاحيتن ۾ اضافو ٿيو آهي.

سرور سيف جون ڪهاڻيون پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهن. ادب ۽ تخليقڪارن بنهي جو منصف عوام آهي. سنڌي پڙهندڙ ٻين قومن جي پڙهندڙن ۽ ادب دوست ماڻهن جي مقابلي ۾ اجا پوئتي آهي. اسان کي مطالعي ڪرڻ ۽ ڪتابن پڙهڻ کان زوريءَ پاسي رکيو ويو آهي. 1975ع ۾ جن سنڌي ڪتابن، رسالن ۽ پريس تي بندش پئي آهي اها 1983ع تائين نه جاري آ ۽ ويجهڙائي ۾ ان ڪوليءَ جي ڪلف کلڻ جا آثار نظر نٿا اچن. مونکي هڪ ڏاهي جا هي لفظ ياد ٿا پون. هن چيو هو ته: سنڌي نوجوان گهڻو نه پڙهي. ان جو هڪ سبب اهو آهي ته سنڌي هٿن جي نالي سان اوهان کي ٻڌايو ويو آهي ته توهان جي ٻوليءَ جو عظيم شاعر ڀٽائي "امي" هو اڻ پڙهيل هو. ۽ سنڌي مسلمان هئڻ جي ناتي به توهانکي يقين آهي ته توهان جو پيغمبر "امي" هو.

# عورت ۽ احساس جي شاعري

اسان جي گھرن ۾ جڏهن ڪا ن ڌيءُ ڄمندي آهي تہ ماءُ پيءُ تہ پري رهيا پر پاڙي وارن جو بہ منهن لهي ويندو آهي. ماءُ ۽ پيءُ بار جي سرجڻ ڪان وٺي پيرن تي پڙ وجهندا آهن، سکائون باسيندا آهن. دعا گهرندا آهن. ڏارا ۽ ڦارون وجهرائيندا آهن تہ من پٽ ڄمي. عورت ۽ مرد ۽ انهن جا مائٽ ۽ ڄاڻو سڄاڻو، سنگتي ساٿي ۽ جيڏيون سرتيون ڪين اها ئي دعا ڪنديون. دلداريون ڏينديون ۽ هنن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪوڙا ئي سهي اهڙا ئي دلاسا ڏينديون تہ هنن کي پڪ پٽ ڄمندو. چوندا ڳورهاريءَ جي هلڻ مان ئي پڌرو آهي تہ هن کي پٽ ڄمندو ـ جي واقعي پٽ ڄمندو تہ هن جي ڇٺيءَ تي سهرا ڳاتا ويندا. قرض پکو ڪٽي سڀني دعوت ڪئي ويندي. سنگتي ساٿي ۽ جيڏيون سرتيون سوڪڙيون پاڪڙيون کڻي اينديون ۽ هڪ ننڍڙو وهاڻ تي ويندو پر جي ڌيءُ ڄمندي تہ هن جو ڪا بہ زائفان سهرو نہ ڳائيندي. ماءُ سمجهندي تہ ڌيءُ جو پيءُ جيئن تہ خوش ناهي ٿيو، ان ڪري جڻ تہ هن سور ئي اجايا ڪاڍا. پيءُ سمجهندو ڌيءُ جي ماءُ ڀاڳ واري هجي ها تہ پٽ ڄڻي ڏئي ها. ٿي سگهي ٿو تہ هن مان هميشہ يا گهڻيون ڌيئرون ڄمنديون. ان ڪري ٻي شادي ڪجي تہ بهتر ٿيندو.

مرد جو ٻي شادي ڏانهن اڻ لکو لاڙو ڏسي زال پنهنجي ڌيءُ کي دل تان لاهي ڇڏيندي ۽ هن کي پنهنجي زوال جي علامت سمجهي نہ رڳو نظرانداز ڪرڻ لڳندي پر دل ڪوسي ٿيڻ ڪري هن کي نياڳي، چندي ۽ اجائي ڄائينءَ ڇٽي مهڻا ڏيڻ لڳندي. البت ڌيءُ جي ڄمڻ تي اسان سنڌين ۾ ڪي ڪي ماڻهو ضرور خوش ٿيندا آهن ۽ اهي ماڻهو ان ڪري خوش ٿيندا آهن ڇاڪاڻ تہ اهي سمجهندا آهن تہ ڌيءُ ڄائي، يعني چار پنج هزار رپيا ڪرا ٿيا. ڇاڪاڻ تہ اسان سنڌين ۾ ـ باوجود ان جي تہ اسان پاڻ کي مهين جي دڙي جا وارث ۽ ڇهہ هزار ورهيہ قديم ۽ عظيم تهذيب جا وارث سمجهندا آهيون، پر اڄ تائين ڌيئرون وڪرو ڪندا آهيون. سگ ڏيندا وٺندا آهيون. بلڪل اهڙي طرح جيئن ڪا رڍ ٻڪري خريد ۽ وڪرو ڪئي وڃي. اهو ڇو آهي؟ ايئن ڇو ٿو ٿئي؟ ان جو جواب جمال ابڙي پنهنجي هڪ نئين ڪهاڻيءَ سينڌ ۾ ڏنو آهي ۽ لکيو اٿس تہ. "جتي ٻنين ۽ رنين تي سر ڏنا ويندا آهن. اتي نياڻيون بہ نيلام ڪيون ويندڀون آهن." ـ جمال ابڙي جي هنن ادبي لفظن جو سياسي مقصد اهو آهي تہ جتي جاگيرداري سرشتو قائم هوندو. وڏيون زميندارين موجود هونديون ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃڻ جي ڳالهه
نه ڪر.

اهو احساس ۽ احساسن جي شاعري ڪنهن سنڌي عورت، شاعره يا ليکڪا کي ورثي ۾ ڪا نه ملي آهي. اهو ورثو نئين، جديد ۽ ترقي پسند ليکڪائن کي پاڻ ئي ناهڻو آهي. پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن ايندڙ نسلن لاءِ. ان جي بدلي ۾ هن کي گهڻو ڪجهه سهڻو پوندو، پوڳڻو پوندو، ڏک ڏسڻا پوندا، ڏونگر ڪاٽڻا پوندا پر ظاهر آهي ته ڪنهن به نئين روايت ناهڻ لاءِ اهي سڀ ڳالهيون ۽ حالتون ضروري آهن.

سلطانه وقاصيءَ سنڌي شاعريءَ ۾ ڪيتريون ئي نيون روايتون قائم ڪيون آهن ۽ نوان تجربا ڪيا آهن. فڪري طور تي هن اهڙن ڪيترن احساسن جو اظهار ڪيو آهي جيڪي اڃ تائين سنڌي عورت جي وس کان ٻاهر هئا. ۽ فني طور تي پڻ هن هٿرادو لفظيءَ، عروضي تڪلف ۽ رسمي لفظيءَ جڙاءَ ۽ مصنوعيت کان پاسو ڪندي، پنهنجن اڌمن، آسن، امنگن، نفرت ۽ پيار جي احساسن کي اهڙن لفظن جو ويس ڍڪايو آهي جيڪي اسان ۽ هر ماڻهو عام طور ڳالهائيندا آهيون. انڪري سلطانه وقاصيءَ جي شاعري لفظن جي شاعري ۽ اچارن جي سوٽي سنگم ناهي پر احساسن، اڌمن ۽ آسن جي شاعري آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيل شاعريءَ ۾ صرف ٿي اهڙا نالا ملن ٿا جن سڀني سان ڦاٽي نڪرندڙ احساسن کي سوچيل سمجهيل لفظن جو ويس ڍڪائڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي. اهي نالا آهن. سحر امداد، سلطانه وقاصي ۽ ميران، جيڪا اڳي رحمت جي نالي سان شاعري ڪندي هئي. هنن جي شاعري ازرا پائونڊ جي انهن لفظن پٺاندڙ آهي ته اٺ ڪتابن لکڻ کان بهتر آهي ته زندگيءَ ۾ هڪڙو شاعراڻو عڪس تخليق ڪيو وڃي. سلطانا وقاصيءَ جي شاعريءَ ۾ عورتپڻي جي خود داريءَ وارو احساس به اوترو ئي پختو آهي جيترو ڪمزور ـ چوي ٿي.

تون سامهون اچ
يا نه اچ
هريل آهيون اسان
تنهائي تي.

سلطانه وقاصيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪيترن ئي سببن ڪري گهرو سماجي احساس به شامل آهي. هن جون محروميون هڪ عام انسان واريون محروميون آهن. جيڪي عورت هئڻ ڪري وڌيڪ گهٽيون ٿي ويون آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڪاڻ ته عورتون هتي ٻٽي غلاميءَ ۾ پيڙجي رهيون آهن. ۽ هڪ حساس ۽ شاعراڻي طبيعت واري عورتپڻي. هن جي شاعريءَ کي اوترو ئي گهرو ۽ چيندڙ ڪري ڇڏيو آهي جيترو هيءَ ڌرتي آهي. چوي ٿي:

هيءَ ڌرتي
تاڪ منجهند جو
ٽامڻيءَ وانگر جلي
پنهنجي اندر جي
باهه ڪڍي ٿي.

---

عبادتن جون ڳالهيون
مون سان نه ڪر
مان آهيان مانوس
هن ڌرتي جي
انسان سان...

سلطانه وِقاصي جي شعري مجموعي
"دونهاتيل درشن" جو مهاڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سڪون ڪٿي آهي

رزاق مهر لاڙڪاڻي لڳ هڪ ننڍڙي شهر مراد واهڻ جو رهندڙ آهي. هن پنهنجي مختصر زندگيءَ ۾ جاڪوڙ ۽ تخليقي عمل سان لاڙڪاڻي جي ادبي زندگيءَ کي ڪافي متاثر پئي ڪيو آهي.

رزاق مهر ترقي پسند سنڌي ڪهاڻيءَ جو نوجوان ليکڪ آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ ستايل ڪردارن ۽ غريبن سان نه رڳو همدرديءَ ۾ جو اظهار ڪيل آهي. پر انهن کي "هيرو" ڪري پڻ پيش ڪيو ويو آهي. رزاق پنهنجي ڪهاڻين ۾ غير جانبدار نه آهي. ڦورو ۽ پر ماري ڪردارن کان نفرت هن جي ڪهاڻين ۾ برابر موجود آهي.

رزاق سنڌي هيٺين وچولي طبقي جو هڪ اهڙو فرد آهي. جنهن پنهنجي زندگي ۾ ڏکن ڏوجهرن. محرومين ۽ خواهشن جي قتلام جهڙن ڪيترن ئي ظلمن جو تقابلو ڪيو آهي. ذهني دٻاءَ. قديم سنڌي وڏيرڪي قدرن سان جڙيل فيملي، ان جون پراڻيون روايتون ۽ هن نئين ٿهيءَ جي نوجوان جون نيون حرڪتون_ ٽڪراءُ لازمي هو. سيڪس ۽ مذهب به اهڙا عنصر آهن، جيڪي اڄ جي نوجوان کي ڏونڌاڙي، هن کي مصيبتن ۾ وجهي، هن جي روحاني قوت جي آزمائش ڪندا آهن. نارمل سنڌي نوجوان مذهب يا سيڪس تان ڪاوڙبو ۽ باغي ٿي ويندو. سو رزاق به مذهبي ڪٽرپڻي ۽ پابندين واري سماجي ۽ جنسي زندگي کان بيزار ٿي ڪجهه سوچڻ لڳو ۽ پوءِ سوچن کي لفظن جو روپ ڏارڻ واري علم يعني ادب جي تلاش ۾ لڳي ويو.

رزاق جي لکڻين جي سونهن تڏهن چڱيءَ طرح محسوس ٿي سگهي ٿي. جڏهن لاڙڪاڻي مان نڪرندڙ "نئين دنيا" رسالي ۾ لکيل هن جا ايڊيٽوريل پڙهيا ويندا. ائيسٽرئڪٽ. فيلسوفيانا. اتساهه ڏيندڙ حقيقتون. اگهاڙيون ۽ علامتي انداز سان جارحانا حملا ۽ سماجي تنقيد. بي ڊپائي، باغي ۽ جوشيلي اسٽائيل.

رزاق. سريش (محمد علي پنان) ۽ واجد جن وارو سبنڌ لاڙڪاڻي جي ادبي حلقن ۾ چڱيءَ طرح جاتل سڃاتل آهي، هي ۽ ڪجهه ٻيا دوست جهڙوڪ ڪيهر شوڪت. ملڪ آگاڻي. زيب سنڌي. ممتاز ابڙو ۽ امان شيخ انٽليڪچوئل ماحول ۾ جوشيلين ۽ انتها پسند (ڪڏهن ڪڏهن) لهرون اڀاريندا رهيا آهن. رزاق پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻين با شعور سنڌي نوجوانن وانگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شهيد جي بيوهه

"پيڙا جو سفر". حميده گهانگهرو جي سياسي آتم ڪهاڻي آهي جنهن کي پڙهي محسوس ٿئي ٿو. تہ شهيد نظير عباسي جي حوالي سان سندس تعارف پنهنجي جاءِ تي پر هوءَ پاڻ اهڙو انقلابي ڪردار رهي آهي جنهن جي پنهنجي حيثيت آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اسان وٽ سنڌ ۾ ايلسا قاضيءَ کي ان لحاظ کان سڃاتو وڃي ٿو تہ هوءَ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي گهرواري آهي. جڏهن تہ هن شاهہ لطيف جي رسالي جو انگريزي ٻوليءَ ۾ جيڪو ترجمو ڪيو آهي ان طرز جو ڪم پنائي تي نہ ڊاڪٽر سورلي ڪيو آهي. نہ ائنميري شمل ۽ نہ علامہ آءِ آءِ قاضي.

سو حميده گهانگهرو جي سياسي جدوجهد پڻ هڪ انوکي حيثيت رکي ٿي. نظير عباسي ۽ حميده جي اڪيلي ڌيءَ زرقا جي لفظن ۾ تہ "منهنجي ماءُ هني مون جا ڏينهن مچ جيل ۾ گذاريا ۽ پيءُ قلي ڪئمپ ۾ "هي لفظ ٻڌائين ٿا تہ زرقا جا ماءُ ۽ پيءُ ٻيئي انقلابي هئا.

بس ٻنهي ۾ هڪڙو فرق آهي. هُو "شهيد" آهي ۽ هيءَ "زنده شهيد"۔ هن "زندهہ شهيد" پنهنجي هن ڪتاب ۾ هڪ هنڌ نظير عباسيءَ بابت لکيو آهي تہ هُن (نظير) وٽ لفظ "ڪامريڊ" جو وڏو تقدس هو. ايتري قدر جو هڪ هڪ سينيئر ڪامريڊ کي ان ڪري "چاچو" چوندو هو ڇاڪاڻ تہ اُن وقت هو ڪميونسٽ پارٽي لاءِ ڪم نہ ڪندو هو.

سو ان حوالي سان حميده گهانگهرو هن وقت پاڪستان اندر پهلي تہ ڪنهن ڪميونسٽ جدوجهد ۾ ملوث نہ هجي پر ماضيءَ ۾ هن جو ڪردار جديد سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ انوکي حيثيت رکي ٿو.

1970ع ۾ اختر بلوچ ۽ نسيم ٿيٻو گرفتاري ڏني. "قيدياڻيءَ جي ڊائري" ڪتاب ۾ سندن سياسي جدوجهد جو پروفائيل سنڌ ۾ مڙني مرد ڪردارن کان گوءِ کڻي وڃي ٿو. 1975ع ۾ حميده ۽ زبيده گهانگهرو وارا ڪردار بہ بلڪل اهڙا آهن. حميده جي ڪردار جي خاص ڳالهہ اها هئي تہ هوءَ ننڍي ۾ ننڍي عمر جي ان وقت واحد سياسي قيدياڻي هئي جيڪا سنڌ پوليس جي جاهل ۽ اڻ سڌريل سپاهين جي نظرداري هيٺ مچ جيل کان نارا جيل ۽ سکر جيل کان محراب پور ۽ ڪنڊياري لاڪ اپ تائين حراست ۾ رهي ۽ ان حالت ۾ بہ سندس حوصلو بلند ۽ ڪردار بي داغ رهيو. ان لحاظ کان هي انقلاب جو سفر آهي.

پوءِ تہ سندس "انقلاب جو سفر" ٻرندڙ تاندن ۽ ٻاٻرن ڪنڊن تان گذرندي جاري رهيو جنهن جي تفصيلن ۾ وڃڻ سان پنائي جو اهو بيت ياد اچي ٿو جنهن ۾ چئي ٿو تہ "پٽيندي سائي. جنهن سُور ٻڌايو سندرو۔ ٻي هر ڪا ٻِي هٿندي هٿ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميارجا"_

جيل مان ريل ۾، ريل مان جيل ۾. ڪٿي پنڌ. ڪٿي ٽانگي ۾ تہ ڪٿي رڪشا ۾. ڪٿي عام ماڻهن جي نظرن ۾ "بدڪردار". تہ ڪٿي لاوارث ۽ سياسي يتيم. ڪٿي ڪچي آبادي جي اهڙي گهر ۾ رهندڙ هجي جتي ساهہ کڻڻ سان مڇر نڪ ۽ وات ۾ هليا وڃن. تہ ڪٿي عشق مان شادي ڪيل سنڌ جي شاندار انقلابي نوجوان مڙس جي فوجي ٽارچر ۾ شهادت جي خبر ٻڌندڙ هي عورت اڃا زندهہ آهي!! اهو بہ هڪ سياسي معجزو آهي.

هي ڪتاب سنڌس "پيڙا جي سفر" جي پهرين وڪ آهي. جڏهن تہ سنڌس پوڄنا جي سفر جو ٻيو حصو ۽ آخري وڪ ايتري اذيتناڪ آهي جنهن لاءِ "پيڙا" اسم پورو مفهوم بيان ڪري نٿو سگهي. حميده گهانگهرو جي سياسي زندگي جو اهو "اڻ_لکيل آئين" پڙهي مونکي ايلزبٿ ڪئنيڊي اسٽئنٽن جو اهو قول ياد ٿو اچي جنهن ۾ هن چيو هو تہ. "انسانذات جي تاريخ مرد هٿان عورت کي ڏنل بار بار زخمن جو لاڳيو ورجاءُ ۽ سندس حقن جي تلافيءَ جي تاريخ آهي."

نظير عباسي جي شهادت. پارٽيءَ جو ٽٽڻ ۽ حميده جو هميشہ لاءِ ڏهاڳ وٺڻ هڪ عورت جي اندر کي ڳيا ڳيا ڪرڻ لاءِ ڪافي هو. ان ڪانپوءِ بہ هوءَ زنده آهي. ان جو راز زرقا آهي جنهن پنهنجي ماءُ جي پوڄنا کي پيليءَ پَٽِ محسوس ڪيو ۽ لکيو تہ "هوءَ هرپل مرندي ۽ جيئندي هئي". زرقا هن لاءِ نظير جي نشاني آهي. زرقا هن جو پنهنجو اولاد آهي، زرقا هن جي جائي آهي. ماڻهو ڪڏهن ٻين لاءِ بہ جيئڻ ضروري سمجهندو آهي، جڏهن هو پنهنجي لاءِ جيئڻ واري جنگ هارائي وهندو آهي ۽ پنهنجي اولاد لاءِ جيئڻ شايد ماءُ پيءُ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي لاءِ جيئڻ کان بہ وڌيڪ ضروري ٿيو پوي.

حميده جي جياپي واري جنگ کي شهيد نذير عباسيءَ جي ياد جو بہ وڏو سهارو آهي. نظير عباسي جيڪو ايندڙ ڪيترن نسلن کي جيئري رهڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ لاءِ اتساهڻ جو ذريعو آهي، ان جي ايڏي رفاقت جيڪا حميده جي نصيب ۾ هئي سا هن جي ٿڪندڙ ساهن کي ڳنڍڻ لاءِ ڪوڙ آهي. هي پيڙا جو سفر هوءَ جنهن سهاري سان جاري رکي سگهي آهي. سو نظير عباسي جو شخصي وجود هو جنهن سان جيون ٻنڌڻ سبب هن کي "شهيد جي بيوهہ" جو اعزاز حاصل ٿيو آهي.

"منهن مٿانهان جن جا، سي پٽيو ڪڍن پارَ.
جيڏيون هن جهونجهار. اُجاري سَيُ آچا ڪيا. (پٽائي)

حميده گهانگهرو جي ڪتاب
"پيڙا جو سفر" جو تعارف
24-7-2006

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ادبي ۽ شخصي
# خاڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جو سويو

سنڌ جو سويو بين الاقوامي دنيا جو اهو عالم ۽ دانشور آهي جنهن جو فڪر مشرق ۽ مغرب جي فيلسوفياڻي سنگم مان نِسري نندي ڪندِ جي سرزمين ۾ پيوست ٿي ويو آهي.

سندس فڪرجي سَلي جي آبياري جيئن ته سنڌوءَ جي ڄَرَ ڪئي آهي. ان ڪري سنڌ. سويي جي فڪري خوابن ۽ حقيقتن جي پهرين اوليت آهي.

سويو مون کي جڏهن ته ڀٽائيءَ جو هي بيت لڳندو آهي:

سائيم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

فرق اهو آهي ته سنڌ جي سڪار لاءِ ڀٽائي الله کي باڏائي ٿو ۽ سويو انسان کي ـ پر هي فرق به تڏهن مٽجو وڃي جڏهن ڀٽائيءَ جو هي بيت پڙهجي ٿو:

سو هِي، سو هُو، سو اجل. سو الله.
سو پرين، سو پساهُه، سو ويري، سو واهُرو.

ڪامريڊ سويي گيانچنداڻيءَ سان چاليهن سالن جي رفاقت جي باوجود هن جي فڪرجي وسعتن کي گهٽ ۾ گهٽ مان ته ڇهي نه سگهيو آهيان. ان ڪري اهڙي ڪا به دعويٰ ڪري نه ٿو سگهان ته مونکي ان موضوع تي ڪا مهارت حاصل آهي. جنهن جو نالو "سويو" هجي.

سويو علم جو اهو پندار آهي جنهن جو مطالعو عالمن جي ڪا ٽيم ئي ڪري سگهي ٿي ۽ ان لاءِ سنڌ ۽ هند جي يونيورسٽين کي "سويو چيئر" قائم ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۾ اهو ڪم سنڌ جي گورنر ۽ يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن کي ڪرڻ گهرجي. سنڌ سرڪار جي ادبي ۽ ثقافتي ادارن توڙي نجي ادبي تنظيمن کي پڻ ان سلسلي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. سويي جي Sindh Dream ۽ World Dream جو مطالعو سنڌ جي فڪري تاريخ جو اهم باب آهي جنهن کي رڪارڊ ڪيو وڃي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سويي کي ڊاڪيومينٽ ڪيو وڃي. هن جو آڊيو وڊيو، لائيف پروفائيل ناهڻ لاءِ هن سان طويل انٽرويو ڪجن ۽ هن جي پيدائش کان وٺي ٽياسي ورهين جي عمر تائين هن جي زندگيءَ کي پرنٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ محفوظ ڪري ڇڏڻ گهرجي. هي علم جي اها ممي فڪيشن Mummification تيندي جنهن ڪي سنڌ جا ايندڙ نسل صدين تائين پڙهي ۽ پُرجهي سگهندا.

سوڀي اڄ تائين جيڪو لکيو آهي سو چپچي نہ سگهيو آهي. هن جي آتم ڪهاڻي جون ويهارو ڪن سندس آواز ۾ انگريزي ۾ رڪارڊ ٿيل ڪئسٽون آهن جيڪي اڃا پني تي لاٿيون نہ ويون آهن. سوڀي جي بالشيوزم، هن جي سنڌي مزاج ۾ اوتيل ويدانت ۽ صوفي مت. هن جي دهريت، سنڌي هندو ثقافت، سنڌي ڪميونسٽ ڪلچر، سنڌي قومپرستي، سنڌ جي پورهيت سياست، سنڌ جي پاڻيءَ جو اشو، مهين جو دڙو، سنڌو ماتريءَ جي تهذيب، سنڌي وڏيرڪو ڪلچر، ننڍي کنڊ ۾ هندو، مسلم ڇڪتاڻ جي تاريخ، ننڍي کنڊ جو ورهاڱو، هندستان ۽ پاڪستان جي پيدائش ۽ سنڌ جي اڌ صدي واري پوڻيا ڪجهہ اهڙا موضوع آهن جن تي سوڀي جو موقف انوکو، تخيل ۽ عبرت ۾ وجهندڙ آهي.

سوڀي جو سياسي ۽ سماجي تجزيو پنهنجن همعصرن ڪان ان ڪري بہ مختلف ۽ تخليقي هوندو آهي ڇاڪاڻ تہ هو مظلوم انسانيت جو وڪيل آهي ۽ ماڻهوءَ جي درد کي دل ۾ محسوس ڪندو آهي، وري خوددار ۽ اڏول ڇڻ گئليلو هجي جيڪو چوندو هجي تہ ”پلي تہ انجيل پاڪ ۾ ڄاڻايل نہ هجي، پر مون حساب لڳائي ڏٺو آهي تہ ڌرتي گول آهي.“

ڪميونسٽ پارٽيءَ جهڙي سخت گير تنظيم ۾ ڪم ڪندي سوڀو انهن بهادر انقلابين وانگي هو، جن سڀني کان اڳ ۾ اسٽالن جي ظلمن جي مخالفت ڪئي هئي. ياد رهي تہ اسٽالن ان وقت ڪميونسٽ دنيا جو طاقتور بادشاهہ هو، سوويت پارٽي جو سيڪريٽري جنرل هئڻ ڪري جڻ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي طريقت جو مرشد. ان ڪري پاڻ کي ڪميونسٽ سڏائيندڙ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي همت نہ ٿيندي هئي تہ هن جي مخالفت ڪري.

سوڀي جو ڪميونسٽ ڊريم (Communist Dream Of Sobho) اڃا پورو نہ ٿيو آهي پر ان لاءِ جاکوڙ بہ اڃا انت کي ناهي پهتي. هن حساب لڳائي ڏٺو آهي تہ انساني سماج جو آڇپو ڪميونزم ۾ آهي. هو ان تي اڏول ٿي بيٺو آهي ۽ شاهي قلعي جي ٽارچر ڪان وٺي اقتدار جي لالچن تائين وارا جملي حربا هن کي پنهنجي سوچ کان هٽائي نٽا سگهن. سندس خواب واري نظرئي جي عملي نفاذ جون صورتون تبديل ٿي سگهن ٿيون، پر سوڀي جيڪو وتائي وارو اڳ هنيو آهي، وقت ان کي شايد غلط ثابت ڪري نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو وڏو زميندار رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مصروفيت سبب هو سوڀي کي چوندو هو تہ وڃي اَنَ جي بٽئي ڪري اچ. سوڀو بنيءَ مان حاصل ٿيل اَنَ جي زميندار ۽ هاريءَ وچ ۾ اهڙي ورهاست ڪري ايندو هو جنهن تي سندس وڏو ڀاءُ ناراض بہ ٿي پوندو هو ۽ وري پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي اهڙو ڪم نہ چوندو هو. هو ڪيترن مامرن ۾ پنهنجي زميندار ڀاءُ کي صلاح مشوا بہ ڏيندو هو ۽ اهو ئي سبب آهي جو سندس زميندار ڀاءُ سنڌ جي روايتي وڏيري جيان ڪڏهن بہ ظالم ۽ ڏاڍ کان ڪم نہ ورتو ۽ اجا بہ پنهنجن ڪيترن هاري خاندانن جي مدد ڪئي ۽ انهن جي زندگيءَ ۾ مثبت تبديلي آڻڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو.

پر جڏهن ڪامريڊ سوڀي عملي طور ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو تڏهن ڪي ڪي ماڻهو ڪامريڊ کي "وڏيرو" چئي طعنو ڏيندا هئا. منهنجي دل ڪامريڊ امام علي نازش کان ان ڏينهن کٽي ٿي هئي جنهن ڏينهن هن مون کان پڇيو هو تہ. "همارا بديرا ڪامريڊ ڪيسا تا؟" _ مان جڏهن بہ ڪراچيءَ کان ڳوٺ ويندو هوس ۽ موٽي ڪراچي ايندو هوس تہ ڪامريڊ نازش مون کان اهو سوال (طنزيہ) پڇندو هو ۽ اندر ۾ اها ڳالهہ مون کان برداشت نہ ٿيندي هئي ڇاڪاڻ تہ ڪميونزم جو ڏس سڀ کان پهرئين مون کي ڪامريڊ سوڀي کان مليو هو. ان ڪري مان سوچيندو هوس تہ:

مِنهن جنهين جي مون. ڏنو مُنهن ميهار جو.
اُتم ساهہ سنئون، سو ڪيئن گهڙو گهوريان. (ڀٽائي)

سوڀي ڪانپوءِ جام ساقي هو جنهن ڪميونزم لاءِ عملي جدوجهد جو درس ڏنو هو. جڏهن هي ٻئي ڄڻا ٻاهر ٿيا تہ پوءِ ڪميونسٽ اتهاس جي ٻوٽي جي جڙ آبياري بند ٿي وئي.

بهرحال، مون سوڀي جي واتان پنهنجي ڪنهن بہ ڪامريڊ لاءِ اهڙو ڪو بہ ريمارڪ ڪڏهن بہ ڪين ٻڌو. جڏهن بہ ڳالهہ نڪرندي هئي تہ سوڀو گهڻو ڪري نظرياتي نقطن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندو هو. ڪن پنهنجن پراڻن ساٿين سان اختلاف بہ رکندو هو پر ڪنهن تي ڇُلهہ ڪڏهن بہ نہ ڪندو هو.

هن وقت سوڀي جا سياسي مخالف بہ ان ڳالهہ تي اتفاق ڪندا. ننڍي کنڊ جي ڪميونسٽ حلقن ۾ ورلي ڪو ڪامريڊ ايترو پڙهيل ڪڙهيل هوندو جيترو ڪامريڊ سوڀو آهي.

سندس 83 جنم ڏينهن تي آشا آهي تہ ٿل اسان جون حياتيون بہ ڪيس ملن تہ جيئن هو پنهنجي علم جي پالوٽ سان انسانن جي اندر کي اُجاريندو رهي.

ڪامريڊ سوڀي گيانچندائي جي 83 هين
سالگرهہ جي موقعي تي لکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سوڀو: جاگيردان جي اک ۾ ڪنڊو!

لاڙڪاڻي شهر ۾ هڪ دفعي ترجو هڪ دبدبي وارو ڪاٺڪو زميندار جنهن کي انگريزن جي زماني ۾ ڪيترا دفعا جيل جي سزا ڏني وئي هئي. سو پنهنجي اوطاق تي ويٺو هو ته اتي ڪامريڊ سوڀي جو ذڪر نڪتو.

جيئن ته سوڀي جو وجود وڏيرن جي هانءَ ۾ ٻرڇي بڻيو رهيو آهي. ڇاڪاڻ جو هو هارين جو هميشه حمايتي رهيو آهي. ان ڪري وڏيري جي ڪچهري ۾ سوڀي بابت جڏهن ڇوپول وڌيو ته ڪاٺڪو وڏيري نوٽيس ورتو ۽ چيو "اڙي! هن ڀيري ڪچهريءَ ۾ ڪو هڪڙو به اهڙو مڙس ماڻهو ڪونهي جيڪو انهيءَ واڻئي کي پٽڙ ٻڌي درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏي!"

چوڻ وارا چون ٿا ته ڪچهري مان هڪ ٻن همراهن اهڙي هام هڻي، وڏيرو خوش ٿيو ۽ ڪچهريءَ جو موضوع بدلجي ويو.

پوءِ ڇا ٿيو؟

"سِرَ ۾ پڪي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاهه.
سندي آس الله، لُڏي لهرُن وچ ۾".

سو انيڪ ويرين جي وات ۾ اينديءَ اينديءَ بچي ويندڙ هي هنجڙو وڏيرڪي سماج جي لهرن ۾ نه لڙهيو پر سالم ۽ بالم رهيو. ڪنهن جي آسري .....؟ جنهن جي آس لڳايو، سوڀو اڃا تائين جيئرو آهي.

هي اسٽوري مونکي هڪ اعتبار جوڳي جهوني مڙس ٻڌائي جيڪو ان ڪاٺڪو زميندار جي ڪچهري ۾ ويٺو هو.

ٻئي دفعي اسان ٻلهڙيجيءَ جي پيرزادن درياهي ڪچي ۾ پنهنجين زمينن تي ڪامريڊ سوڀي جي دعوت ڪئي. هي زمانو تازو ختم ٿي ويل ڏاڙيوالي‌ءَ واري دور کان اڳ جو آهي. انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي اپرندي واري ڪچي ۾ خاص ڪري ٻن رهزن وڏيرن جي بادشاهي هوندي هئي. دعوت گلاب پيرزادي جي ٻنيءَ تي هئي، جنهن ۾ ڪيترائي اوري پري جا نوجوان سياسي دوست ساٿي شريڪ ٿيا. شايد ان دعوت ۾ مرحوم هدايت منگي به هو ۽ زاهد مخدوم به جيڪو هينئر ڪئناڊا ۾ جج آهي.

اسان سڄي رات رهي. ڪچهريون ڪري، ٻئي ڏينهن درياءَ ٽپي پنهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ آياسين جتان ڪامريڊ پنهنجي ڳوٺ ٻنديءَ هليو ويو ۽ اتان پوءِ لاڙڪاڻي روانو ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڳالھ کي ورهيہ گذري ويا. ٿورو وقت اڳ، ساڳي درياهي ڪچي ۾ مونکي ممڻاڻي ذات جي هڪ همراھ ٻڌايو تہ جنهن رات اوهان ڪامريڊ سوڀي کي ڪچي دعوت تي آندو هو. ان رات اسان ترجي فلاڻي زميندار جي اوطاق تي وينا هئاسون. ڪچهري هلندي ڳالھ نڪتي تہ پيرزادن جا ڇوڪرا سوڀي کي هتي وٺي آيا آهن. رات جو هي ماڻهو صلاح ڪري هارين جي وڏيرن خلاف ڪا بغاوت ڪرائيندا.

اهو ٻڌي وڏيري گجگوڙ ڪئي:

"اڙي اتوا هنن سيني کي، سوڀي سميت، ٻڌي هتي منهنجي اوطاق تي ڪٺي اچو."

"سائين! ايئن نہ ڪريو. پيرزادن سان اسان جي وڏن کان وٺي اٺ ويهہ آهي...."، هڪ همراھ چيو.

"اڙي ياڙيا. تون ڪٺي نہ وڃ. اڙي توهان اتو، پيڻان مڙس ماڻهو ٿيو. وڃو هنن سيني کي ڪنيي ڪٺي اچو." وڏيري للڪار ڪئي. ڪافي ماڻهو اٿي پيا.

پوءِ ڇا ٿيو؟

انهيءَ ممڻاڻي ذات جي ماڻهوءَ مونکي وڌيڪ ٻڌايو تہ "پوءِ اسان رات جي وڳڙي ۾ اوهان ڏانهن پنڌ پياسين ۽ وات تي جهنگ ۾ ويهي صلاح ڪئي سين تہ اسان جو وڏيرو تہ آهي بادشاھ ماڻهو. اسان هن تر ۾ رهون ٿا. پيرزادن سان ياڻرن جيان لڳ لاڳاپا آهن. اهڙو ڪُڌو ڪم نہ ڪرڻ گهرجي. پوءِ اسان ويهي ويهي، رات جو دير سان واپس وڃي وڏيري کي ڪوڙ هڻي چيو تہ پوتار اسان وياسون پر لانڍي خالي پئي هئي. هو سڀ رات وڃي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ رهيا هئا. اسان کي اتي جي ماڻهن اهو ٻڌايو. ان تي وڏيري چيو. نيڪ آ. وري ٻئي دفعي ڏسنداسين!"

هن اسٽوريءَ جي هينئر تائين ڪامريڊ کي بہ خبر ڪانهي. ڪيس اهڙو اطلاع هاڻي پهرين پيرو "سوجهرو" مئگزين ذريعي ملندو. بهرحال. اهي ٻئي وڏيرا هينئر مري ويا آهن. جڏهن تہ سوڀو اڃا تائين پنهنجي عقل ۽ فهم جي زور تي سوچيندڙ سنڌين تي بادشاهي ڪري رهيو آهي.

ڪامريڊ سوڀي گيانچندائي جي 83 هين
سالگرھ جي موقعي تي ماهوار "سوجهرو" لاءِ لکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي جنم ڏينهن تي آس آهي تہ هو وري وري سنڌ جي ڪُکِ مان جنم وٺندو رهي ۽ پنهنجي عاشقاڻي ڪفرسان سنڌين جي اندر واري ابليس کي وري وري مسلمان بڻائيندو رهي.

امداد حسينيءَ جي سالگرهہ
جي موقعي تي لکيل

لکي.

ماڻڪ سان منهنجي پهريون ڀيرو ملاقات روسي سفارتخاني جي صحافتي نوڪري دوران ٿي. ان وقت ماڻڪ ڪميونسٽ پارٽي ۾ ڪم ڪري هاڻي آزاد خيال رهڻ لڳو هو ان ڪري سختگير ڪميونسٽ هن کي انارڪسٽ چئي نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا جنهن جي هن کي ذرو به پرواهه نه هوندي هئي. پنهنجين ڪهاڻين ۾ هو جيڪو لکندو هو. ان سان فڪري اختلاف هن جا دشمن به نه ڪري سگهندا هئا. البت هن جي ڊڪشن کي هضم ڪري نه سگهندا هئا ڇاڪاڻ ته ان ۾ ڪڙي حقيقت پسندي هوندي هئي، سيڪس، ڪرائيم، نشو، ڀهروپيائي. رت جي رشتن جو مادي اثرن هيٺ بي معني' ٿيڻ ۽ مذهب جي صاف اڃي غلاف هيٺان مومنن جي اندر ۾ ويٺل ابليسن کي جڏهن ماڻڪ ڪڍي ٻاهر ڪندو هو تڏهن مذهبي ڍونگ ۽ ٺڳي تي پلجندڙ سماجي ڪينئان ڦتڪڻ لڳندا هئا.

۽ اهو ماڻڪ جيڪو پنهنجين ڪهاڻين ۾ سچ ۽ حق جارحاڻي انداز ۾ چوڻ ڪري انارڪسٽ سڏبو هو. سو سنڌي ادبي سنگت جي محفل ۾ جڏهن سنڌي ڪهاڻيءَ واري موضوع تي ڳالهائيندو هو تڏهن ايئن لڳندو هو ڄڻ هو ڪنهن يورپي يا آمريڪي يونيورسٽي ۾ سنڌي ادب جو پروفيسر آهي. هڪ بيحد سنجيدي فيلسوف وانگي انساني سماج جي انساني پهلو جو جڏهن هو چيد ڪرڻ ويهندو هو ته پوءِ ويٺلن جي حالت اها هوندي هئي جو چوندا هئا ته ان موضوع تي ماڻڪ ڀرپور ڳالهائي ويو آهي. هاڻي ڪو نئون موضوع کوليو.

ماڻڪ پنهنجو انت پاڻ آندو_ ڇو آندو؟ چئي نٿو سگهجي ڇاڪاڻ ته ان موضوع تي سنڌ ۾ تحقيق نه ٿي آهي. علامه آءِ آءِ قاضي جي زندگي جي پڇاڙي به ايئن ٿي_ ڇو ٿي؟ ان تي به ڪا ريسرچ نه ٿي آهي. جيڪڏهن انهن موضوعن تي ڪم ڪرايو وڃي ته انوکيون حقيقتون سامهون اچي سگهن ٿيون. پر اسان جي سنڌي سماج ۾ جيڏا وڏي قد جا ماڻهو پيدا ٿين ٿا انهن تي ريسرچ اينتري ئي ننڍي ۽ مختصر ٿئي ٿي.

تو سگ ساهه ڪٽڻ سين. جيئڻ گوشي جاءِ،
مرڻ مون سين آءِ. ته پنيءِ تو پنڌ ڪريان. (پٽائي)

ماڻڪ جي ورسيءَ
جي موقعي تي لکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ماڻهو سڀ مُئا وڃن،
# تون نہ مُئين سُورَ

سنڌ جي دماغ جي هڪ جيوگهرڙي (CELL) ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ اخبارن خبر ڏني تہ. "سنڌ جو ناميارو اديب ۽ صحافي عبدالرحمان نقاش روڊ حادثي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو."

نقاش سنڌ جي مجموعي شعور جو هڪ اهڙو تررو هو جنهن ۾ سنڌ جو درد ان جي سياسي نبض جي ڌڙڪڻ سميت چٽو نظر ايندو هو. ڪنهن بہ اهم قومي مامري تي سنڌ جا صحافي جڏهن عوام جي نمائندي ڪندڙ ويچارن کي سموئي سنڌ جو موقف ناهڻ چاهيندا هئا تڏهن نقاش کي نظرانداز ڪرڻ ناممڪن هوندو هو. ۽ ڪنهن حساس مسئلي تي قومي راء قائم ڪرڻ لاءِ نقاش جو موقف ٻڌڻ بيحد ضروري هوندو هو.

صوفي ۽ سنت چوندا آهن تہ موت وصال آهي. موت کي عام طور تي وڇوڙو تصور ڪرڻ اڻ ڄاڻائي آهي. صوفي مت ۾ روحُ جيڪو امر آهي سو ماڻهوءَ جي مرڻ سان ڪو ٻيو جامو پائي وري انساني زندگي گهاري ٿو. ان ڪري روح راڙو تڏهن ڪجي جڏهن روح مري وڃي. جيڪو درحقيقت مرڻو ناهي. باقي روح کي رهائڻ وارو گهر جهري پوي ٿو جڏهن ماڻهو مري وڃي ٿو. ان ڪري ان تي روج راڙو نہ ڪجي تہ چڱو.

هن فلسفي سان سهمت ٿيڻ يا نہ ٿيڻ کي پاسيرو رکي ايترو چئي سگهجي ٿو تہ جنهن روح نقاش جهڙو جامو پاتو هو ان کي نئين جنم ۾ نقاش جهڙو ٻيو ماڻهو شايد ئي ملي.

نقاش پنهنجي مختصر زندگي ڀرپور انداز ۾ گذاري. هن علم حاصل ڪري عالم ٿيڻ جو اعزاز ورتو. پنهنجي معذور جسماني بناوت جي باوجود هن پنهنجي نسل جي سوچيندڙ ماڻهن تي گهرا اثر ڇڏيا ۽ عملي طور تي ثابت ڪيو تہ هو جيڪو چوندو هو سو ڪري بہ ڏيکاريندو هو. باقي شاهوڪاري. دولت ۽ ٺاٺ هن جي ڊڪشنري جا جڻ لفظ ئي نہ هئا. "سرجيس تہ سور. ساماڻيس تہ سک ويا". نقاش جي زندگيءَ جو هڪ خاص ڇِٽُ هو.

ادب ۾ نقاش جي مقام طيءِ ڪرڻ لاءِ سنڌي محققن کي جاکوڙ ڪرڻي پوندي. هن جون تحريرون ڇڙوڇڙ مختلف اخبارن. رسالن ۽ ڪتابن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن چيو. "جن ماڻهن کي سنڌو ماتا پنهنجي امرت ڏارا واري نعمت کان محروم رکيو آهي تن تي ڪهڙي ميار ڏجي."

هونئن واقعي اها حقيقت آهي تہ سنڌ جي جبلن ۾ رهندڙ ماڻهو ان علائقي کي سنڌ چوندا آهن جتان سنڌو وهي ٿو ۽ سنڌ جي ساموندي علائقي جا ماڻهو پڻ سنڌ ان علائقي کي چون ٿا جتان مٺو پاڻي شروع ٿئي ٿو. سو ان حساب سان سنڌ، سنڌو درياءَ جي ٻن ڪنارن جو جاگرافيائي نالو آهي. ان ڪري ماڻڪ پٽاوالا چيو هو تہ سنڌ ۾ اهڙي هڪ انچ بہ زمين ڪانهي جتان سنڌوءَ درياءَ نہ وهيو هجي.

سو نقاش سچ پئي چيو تہ جن ماڻهن کي اوهان سنڌو درياءَ جو مٺو پاڻي پياري نٿا سگهو انهن کي ڪهڙي منهن سان ميار ڏيو ٿا تہ اهي ٺر ڪان ٻاهر واري علائقي کي سنڌ چون ٿا. پاڪستان ۾ اڌ صدي گڏ رهڻ جي باوجود سنڌ جي ٿر واري علائقي کي مٺي پاڻيءَ کان سڪايو ويو آهي جڏهن تہ ڇاڇري تعلقي جي ڪينسر واري فوجي ڇانوڻيءَ کي نئون ڪوٽ کان بئراج جي پاڻيءَ مان مٺي پاڻيءَ جي پائيپ لائن مهيا ڪئي وئي آهي. سو بهرحال ان ۾ نہ سنڌو درياءَ ۽ نہ سنڌين ڏي ميار آهي، جيڪي ڏڙيون مياري آهن. تن کي راجوٽي ميار بہ نٿي ڏئي سگهجي ڇاڪاڻ تہ اهي اسان کي پنهنجو پياءُ ئي نٿا سمجهن ۽ پاڻ کي آقا تصور ڪن ٿا. گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي ٿر واري علائقي جي حوالي سان اهو اڄ جو سياسي سچ آهي.

ان ڪري نقاش سنڌ ۽ سنڌين جو ڪفارو ادا ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ جون روشنيون ڇڏي ٿر جي وشال آسمان ۾ ٽانڊاڻي جيان ٽمڪندڙ تارن جي روشنيءَ ۾ اهڙا اکر لکيا جن جي لکڻ لاءِ ڪنهن ٻارڻ جي ضرورت نہ پوندي آهي. شايد اهو ئي سبب هو جو نقاش جو لفظ ڪڏهن بہ وڪرو نہ ٿيو جو اهو وڪرو ويڪائو نہ هو.

نقاش جي مرثئي سي

# سنڌي ادب جو پيو مُهين جو دڙو

سنڌ جي سينئر شاعر، اديب ۽ محقق جناب شمشيرالحيدريءَ کي سندس 57 هين سالگرهہ جي موقعي تي لک لک مبارڪون ڏيندي سنڌ جي علمي ۽ ادبي، سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن کي ياد ڏيارڻ ضروري آهي تہ هن مُهين جي دڙي جي کوٽائي جيترو جلد ٿي سگهي اوترو سوير مڪمل ڪجي تہ جيئن اوير نہ ٿي وڃي.

مهين جي دڙي جي کوٽائيءَ ۾ سستي ڪرڻ سبب لاڙڪاڻي ضلعي جي تعلقي لب دريا (هاٽوڪي ڏوڪري) ۾ سنڌو درياءَ جي ڪپ تي واقع عالمي ورثي واري هن ماڳ کي سم ۽ ڪلر وڪوڙي ويو آهي ۽ اتي زميني پاڻيءَ جي سطح ايترو مٿي چڙهي آئي آهي جو ٿوري بہ کوٽائي ڪجي ٿي تہ پاڻي ٻاهر نڪري پوي ٿو. 1965ع ۾ ڊاڪٽر جارج ايف ڊيلس (پينسلوينيا يونيورسٽي، آمريڪا) جڏهن آخري کوٽائي ڪئي هئي تڏهن پهريون دفعو اهڙو مسئلو ظاهر ٿيو هو.

شمشيرالحيدري پڻ سنڌي ادب ۽ علم لاءِ هڪ پيو مهين جو دڙو آهي. مون هن سان گڏ سنڌ گزيٽيئر لکندي محسوس ڪيو تہ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ڪراچي شهر سان هن جي گهري وابستگي هئي ايتري تائين جو هن بہ پيري سائيڪل بہ مئڪلوڊ روڊ تي ان زماني ۾ سکي هئي جڏهن ان تي ٽريفڪ ورلي هوندي هئي.

ڪراچي شهر جي تاريخ تي شمشير وٽ انوکي ڄاڻ آهي جنهن جا پيرا سنڌو تهذيب ڏانهن وڃن ٿا.

پيو اهم موضوع جنهن جو خزانو هن ماڻهوءَ جي اندر ۾ دفن آهي سو آهي تہ هن "ون يونٽ خلاف مرڪزي سنڌي ادبي سنگت انڊر گرائونڊ تحريڪ ڪيئن هلائي؟"_ ان موضوع تي هن ماڻهوءَ وٽ First hand knowledge آهي ڇاڪاڻ تہ هي ان وقت مرڪزي سنگت جو سيڪريٽري جنرل هو_ ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سان بہ رابطي ۾ هو جيڪو ون يونٽ مخالف تحريڪ جو سرواڻ هو.

ان سلسلي ۾ جيئن مئدم مهتاب اڪبر راشدي ڪنهن زماني ۾ سائين جي ايم سيد جو آڊيو وڊيو پروفائيل ٺهرايو هو تيئن ڪو سنڌالاجي جهڙو ادارو يا سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ شمشيرالحيدريءَ تي ڪئميرا رکي ڇڏي

باقي ڪم هي پاڻ مڪمل ڪري ڏئي سگهي ٿو.

اهو ڪم سرڪار سان گڏ سول سوسائٽي به ڪري سگهي ٿي جنهن مان منهنجي مراد ڪي ٽي اين. سنڌ ٽي وي. هم ٽي وي. انڊس ويزن. جيو ۽ اي آر واءِ به ٿي سگهن ٿا. پر اهو ڪم پي ٽي وي به ڪري سگهي ٿي جنهن جي شمشير سان وڏي واقفيت آهي.

ڇا اسان سرڪار ۽ سول سوسائٽي کان اهڙي اميد رکي سگهون ٿا ته شمشير جي اينڊڙ سالگرهه کان اڳ ان سلسلي ۾ ڪتاب. آڊيو ڪئسيٽون. وڊيو ڪئسٽ ۽ سي ڊي تي ٻڌل سيٽ اسان کي ملي ويندو؟

۽ ڇا اهو ڪم سڀ کان اول مرڪزي سنڌي ادب سنگت ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي اڳواڻي ۾ مڪمل ڪندي ٻين سينئر ادارن کان اڳ ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪندي؟؟

شمشير الحيدري ءِ جي سالگرهه
جي موقعي تي لکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مولا تي ننگ آ

جيئن سڄي سنڌ هن کي سڃاڻي، تيئن مان بہ کيس سڃاڻيندو هوس. تہ ون-يونٽ واري خوفناڪ دور ۾ هو سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل هو ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ سنڌس ساٿين سان گڏجي هو سڄي سنڌ ۾ ون يونٽ خلاف مهم هلائيندو هو- تہ: شمشير واري س-ا-س سنڌ جي وڏي ۾ وڏي سياسي پارٽي هئي جيڪا جڏهن ڪالِ (سڏ) ڏيندي هئي تہ سڄي سنڌ اٿلي پوندي هئي: تہ شمشير سنڌ جي جديد ادبي تاريخ جي چئن وڏن ٿنڀن مان هڪ هو: اياز. شمشير. تنوير ۽ امداد- تہ: هو آزاد نظم جو جادوگر شاعر هو. وغيره وغيره.

پر 2004ع ۾ هن سان گڏ سنڌ گزيٽيئر لکڻ دوران مون کي ساڻس جڏهن گڏ رهڻ جو پهريون موقعو مليو تہ مونکي حيرت لڳي تہ هن ماڻهوءَ ۾ ڪيتريون تہ لڪل خوبيون آهن جن جي اڳ اسان کي ڪا خبر ڪا نہ هئي ۽ مونکي محسوس ٿيو تہ هو سنڌ جو هڪ وڏو اثاثو آهي جنهن جو قدر گهٽ ۾ گهٽ هن جي حياتيءَ ۾ اسان ڪري نہ سگهيا آهيون.

1. شمشير کي انگريزي ٻوليءَ تي جيڪا دسترس حاصل آهي، ان جو مونکي اڳي اندازو نہ هو. هن جي King's English ڏسي مون واقعي انجواءِ ڪيو- ۽ انگريزي ۾ ايڊيٽنگ ڪندي مون ڏٺو تہ هن جا فل اسٽاف ۽ ڪامائون ڳالهائي رهيا هئا.

2. شمشير کي پٽائي جي ٻولي جي جيڪا ڄاڻ آهي سا پٽائيءَ جي گهٽ پارکن کي هوندي. خاص ڪري لاڙي لهجو جنهن ۾ پٽائي پنهنجو رسالو لکيو آهي، سو تہ هو ايئن ڄاڻي ٿو ڄڻ ان کي پنهنجي هٿ جون لڪيرون. شمشير جڏهن پٽائي جي بيتن جون منهنجيون پڙهٽيون درست ڪيون ۽ مونکي لڳو تہ اسان اترادي لطيف جا بيت پيهر ايڊٽ ڪري اترادي ٻوليءَ ۾ لکي رهيا آهيون.

سڄو جي ساٿيهہ. تہ بہ وهيٺائيءَ وترو
گهوريو سو پرڏيهہ. توڻي قلن چانئيو.

مون جڏهن هي بيت پڙهيو تہ شمشير ان جي هيٺئين ريت تصحيح ڪئي:

"سڄو جي ساٿيهہ. تہ بہ وهيانئي وترو"-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"وَهين ويڙهيچن" واري محاوري ۾ لفظ "وهَين" جو مقصد "آسودا" ۽ "شاهوڪار" آهي. ان لحاظ کان سٽ جي معنيٰ ٿي ته "جي پنهنجو وطن مفلسي ۾ مبتلا آهي ته به شاهوڪار کان شاهوڪار آهي".

3. "تونگري بَہ دل است، نہ بَہ مال.
بزرگي بَہ عقل است، نہ بَہ سال".

سو شمشير کي مون تونگر ڏٺو. پلي ته هن وٽ دولت ناهي. انتهائي ڏکين لمحن ۾ به هو ملول ٿيڻ وارو ماڻهو ناهي. چوندو: "مولا تي ننگ آهي". ان نعري سان هو سيني ڏکيائين مان ٽپي پار پوڻ وارو شخص آهي.

4. سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي تي جيڪا شمشير کي ڄاڻ آهي سا سنڌ جي ٿورن ماڻهن کي آهي. ان جو هڪ سبب اهو به آهي ته هن ورهاڱي کان اڳ واري ڪراچي تفصيل سان ڏٺي آهي. مئڪلوڊ روڊ تي ته هو پيپري سائيڪل سکيو هو، ۽ ڪراچي جڏهن ننڍڙو شهر هو ته هو ان جي هر ڪُنڊ پاسي کان ايئن واقف هو جيئن ماڻهو پنهنجي گهر کان واقف هوندو آهي. ڪراچي بابت سندس ڳالهيون ٻڌي مان سوچيندو آهيان ته ڪاش ڪا ڌر هن کان انگريزي يا سنڌي ۾ ڪراچي تي ڪو تفصيلي ڪتاب لکرائي وٺي.

سندس جنم ڏينهن تي اسان سيني سنڌين کي واڌايون هجن ته اسان وٽ اهڙا ڪيترا مُهين جا دڙا موجود آهن جن جي اجا کوٽائي نہ ٿي آهي.

PS: شمشير ننڍڙي اخباري ڪالم جو ڄڻ ته موجود آهي. هن هلال پاڪستان ۾ "متان سوچيو" جي عنوان سان ننڍڙو ڪالم لکي فقير لاشاري ۽ مون کي اتساهه ڏنو ۽ اسان "متان وساريو" جي عنوان سان ڪالم لکيو ۽ ان روايت کي اڳتي وڌائيندي بدر ابڙي ڪالم لکيو جنهن جو عنوان هو "وتايو فقير سوچي ٿو".

"مهراڻ" اخبار کي ايم آر ڊي تحريڪ دوران بليڪ تي وڪرو ڪرڻ واري ايڊيٽر (شمشير_ال_حيدري) کي سندس جنم ڏينهن تي واڌايون هجن.

شمشيرالحيدري جي سالگرهه
جي موقعي تي لکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قمر شهباز: رُئندڙن کي ريجهائي کلائيندڙ اديب

سالن جا سال ريڊيو ۽ ٽي وي ۽ ٽي سنڌي پروگرام ڪندڙ پروڊيوسر قمر شهباز جي ڪري پگهار کڻندا هئا. اڌ رات، منجهه رات توڙي ڏينهن ٻن يا چند ڪلاڪن جي نوٽيس تي قمر، هنن کي اسڪرپٽ لکي تيار ڪري ڏيندو هو جنهن جي بنياد تي هو ڪامياب پروگرام ڪري ترقيون وٺندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ايئن به ٿيندو هو جو ڪنهن ٻئي جو اڌ لکيل ڊرامو قمر شهباز کي مڪمل ڪرڻ لاءِ اشارو ڪيو ويندو هو ۽ هو "ڪُن فيڪُون" وارو ڪم ڪري ڏيکاريندو هو.

قمر، لکڻ جو جهڙو ڪمپيوٽر آهي. جڻ هن جي دماغ ۾ ڪمپيوٽر جا فائيل پيل هجن، جن کي کولي ڦولي، مواد کي هيٺ مٿي ڪري، مُنڍ ۽ پڇڙي ملائي مضمون، مقالو، ڊرامو يا ڪتاب ايئن تيار ڪري وٺندو جڻ ملائڪن پاڻي ۾ مٽي ڳوهي ماڻهو ناهي تيار ڪري ورتو هجي ۽ هي ڪم هُو اهم ڪاموڪين ذميوارين هوندي به ڪري ويندو هو.

پني تي پين سان لکڻ ۾ ڍاهه ڊوهه ٿئي ٿي جنهن کان بچڻ لاءِ ٻئي نئين پني تي ٻيهر لکڻو پوي ٿو. پر ڪمپيوٽر ۾ جنهن اکر کي ڍاهيندؤ سو غائب ٿي ويندو، ان ڪري لکڻ به نبري ٿو.

قمر شهباز جو اهو به ڪمال آهي جو هو پني ۽ پين سان ذري گهٽ ڪمپيوٽر جي رفتار سان لکندو رهيو آهي. جي هي ماڻهو آمريڪا يا يورپ ۾ هجي ها ته سيني پرڏيهي سنڌين کان وڌيڪ شاهوڪار هجي ها. بس هن کي رڳو هندُو سيٺيون ماري وجن ها جن کي به هو ڳالهايل لفظن سان مات ڏئي وجي ها.

قمر شهباز کٽي ڪيترين به نوڪرين ڪيون هجن پر بنيادي طور هو ميڊيا جو ماڻهو آهي. اهو شڪر آهي جو هو ميڊيا جي ڪنهن اخباري ڏنب کان بچي ويو باوجود ان جي ته هن کي به اخبار ڪڍڻ جو شوق جاڳيو هو ۽ ڪافي دوستن ڪيس مشورا به ڏنا هئا ته "مَلهه وجي وڙهه. ڌڪ لڳئي ته اسان تي آهي."

هن جو سنڌي ادب ۾ هونئن ته وڏو مَقام آهي، پر مزاحيه انداز ۾ لکڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي عظمت ان ۾ آهي تہ 30 اپريل واري ريفرينڊم ۾ "مثبت" ووٽ وجهون ۽ ڪجهہ سالن لاءِ اڌ سنڌ مهاجرن کي ۽ اڌ پنجاب کي ٺيڪي تي ڏئي ڇڏيون. پانچ چوويهہ ڪلاڪ تسبيح پڙهي دعا گهرندا رهون تہ شل خدا اسان جي وڏيري ۽ ڪاموري کي اجا بہ پئسي وارو ڪري تہ جيئن هو ڏتڙيل سنڌ ڇڏي جنت جهڙي آمريڪا ۾ وڃي رهن. من ايئن سنڌ تان ڏولائي جا ڏينهن لهي پون!!

سو، ان قمر شهباز کي سندس سالگرهہ تي لک لک مبارڪون هجن جنهن جون لکڻيون اسان جي ڳوڙهن کي روڪي مُنهن جي مشقن کي مُرڪڻ ۽ کِلڻ سيکارين ٿيون.

قمر شهباز جي سالگرهہ جي موقعي تي لکيل

# دائمي درد جي دانهن جو نئون جنم

اڪيون ڪيمَ ڳُجهڙي، تارا نون مَ ڪاءِ،
پسين نہ پئي پَرِتَ تي ريهاڙيو راءِ،
جيئري جنهن جوان کي لڳا نَوَ سَوَ نَوَ گهاوَ،
رات جنهين کي ماءُ، روئي پرٽيو رب کي۔

مون کي جڏهن شهيد نظير عباسي ياد ايندو آهي تڏهن ذهن ۾ پٺاڻي صاحب جون مٿيون بيت ٻرڻ لڳندو آهي. هن بيت ۾ ڪهڙي شهيد جو ماتم ڪيل آهي، تنهن جي ڄاڻ پٺاڻي صاحب کي هوندي. اسان البت ايترو سوچي سگهون ٿا تہ مٿي ڏنل بيت وارو جوانُ شاهہ عنايت شهيد بہ ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ هن جي شهادت وقت پٺاڻي 28 ورهين جي عمر ۾ ڦوهہ جواني ماڻي رهيو هو. پر ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهو ڪو اهڙو گمنان شهيد هجي جيڪو انهن "ڦلنگين" سان وڙهي ڳيا ڳيا ٿي ويو هجي جن جو ذڪر پٺاڻي صاحب سر سريراڳ ۾ ڪيو آهي ۽ ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهو شهيد اهڙو ڪو عام سنڌي هجي جيڪو 1689ع ۽ 1752ع جي وچ ۾ ڪنهن لمحي پنهنجي ڌرتي تان قربان ٿي ويو هجي.

بهرحال، هن دور ۾ جڏهن مان اهو بيت پڙهندو آهيان تہ مونکي لڳندو آهي تہ جيڪڏهن اهو بيت شاهہ عنايت جهوڪ واري لاءِ بہ لکيو ويو هو تڏهن بہ چڻ تہ هن بيت جو هيرو شهيد نظير عباسي آهي. ڇاڪاڻ تہ هن دور ۾ سنڌي هارين جو انقلابي سرواڻ ۽ اسان جو ويهين صدي وارو شاهہ عنايت درحقيقت نظير عباسي آهي.

نظير عباسي لاءِ مان ڪهڙي صفت استعمال ڪيان. اهو مسئلو ايڏو ئي ڏکيو آهي جيڏو هيٺ ڏنل سٽ لکڻ وقت پٺاڻي صاحب محسوس ڪيو هوندو. اها سٽ آهي: "مون کان مطالعو نا ٿئي سنڌي سُور صفت". عباسي شهيد دراصل ان درد جي دانهن جو نئون جنم هو جيڪا صدين کان وٺي سنڌ ڌرتيءَ تي ٻُرندي رهي آهي ان ظلم خلاف جيڪو راڪاس ٻڌجي خاص ڪري هتي جي هارين، ڪمي ڪارين ۽ پورهيت غريب عوام کي تاراج ڪندو رهيو آهي. اهو سبب هو جو ضياءَ آمريت واري فوجي راڪاس جو مقابلو هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ڪا نہ هئي. بلڪل اهڙي طرح جيئن ڪلاچيءَ جي ڪُنَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پلجنڌڙ مانگر مڇ کي مارڻ جو حوصلو دورڙي ميربحر ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ۾ نہ هو.

اسان جو شهيد هڪ سچو انقلابي هو ۽ رت ڏيڻ وارو مجنون هو. هن جي اها حيثيت انِ وقت بہ برقرار هُئي جڏهن هو ٻارڙو هو، ۽ جڏهن هو عام سنڌي ماڻهو تي اُسريو هو تڏهن بہ هو ساڳيو انقلابي هو. اهڙي طرح جڏهن هو شاگرد سياست جي ابتدائي مرحلي ۾ سنڌي قومپرست هو، تڏهن بہ هو انقلابي هو ۽ جڏهن هو مزدور سياست ۾ آيو ۽ ڪميونسٽ پارٽي جو ميمبر ٿيو تڏهن بہ هو ساڳيو ئي ماڻهو هو. مونکي ذاتي طور تي خبر آهي تہ شهيد نظير عباسي پنهنجن ڪيترن دوستن جي ابتڙ سنڌ جي قومي مسئلي تي جذباتي ٿيڻ کان ڪو نہ لنوائيندو هو ڇاڪاڻ تہ هو قومي ۽ طبقاتي جدوجهد کي ڳنڍي هلائڻ جو قائل هو ۽ ان ڪري سچو ڪميونسٽ هو. هو نہ لڪير جو فقير هو ۽ نہ ڪتابي ڪميونسٽ هو- هن جي ڪميونزم پنهنجي ڌرتي جي مسڪين عوام جي اک مان ڳڙندڙ لڙڪ جيان اندر جي ڪنهن اڏمي جي پيداوار هئي. هن جو نظريو مقصد نہ هيو پر ڪنهن مقصد کي رسڻ جو وسيلو هو ۽ اهو مقصد هو ڌرتي تي رهندڙ مسڪين ۽ مظلوم ماڻهن کي هر قسم جي ڦُرلٽ کان آجپو ڏيارڻ. ان سلسلي ۾ هو قومي آجپي جو ايترو ئي قائل هو جيترو طبقاتي استحصال کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪندو هو.

ذاتي حيثيت ۾ نظير عباسي منجهہ مون هڪ اهڙي خاصيت ڏٺي جيڪا گهٽ انقلابي ماڻهن ۾ محسوس ٿيندي آهي. ان صلاحيت کي انگريزي ۾ هيئن لکي سگهجي ٿو:

Physical courage in face of physical danger

مون ڪڏهن بہ نہ ڏٺو جو ڪنهن ڏکئي وقت، جوکم وارئ جدوجهد دوران يا مونجهاري وارئ نظرياتي ڇڪتاڻ واري وقت هن جي نرڙ تي ڪو گهنج پيو هجي. اجا بہ جيتري مشڪلات آڏو هوندس ايتري وشال مُرڪ هن جي مُنهن تي نظر ايندي. هي خاصيت دنيا جي چند سورهيہ ماڻهن ۾ هوندي آهي. مشهور انگريز تاريخدان لئمبرڪ پنهنجي ڪتاب Sindh Before Muslim Conquest ۾ لکيو آهي تہ انيڪ خامين هئڻ جي باوجود اها خاصيت راجا ڏاهر ۾ هوندي هئي ۽ اهو ئي سبب هو جو هن شهيد ٿيڻ قبوليو هو پر محمد بن قاسم آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو.

"پريم، تنهنجا پارَ ڪهڙا ڇئي ڪهڙا چوان".

8 جولاءِ 1990ع ٺلهڙيجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪيھر شوڪت:
# ايءَ نہ ويل وڃڻ جي......

هُن جي خوبصورت آواز کي جڻ نظر لڳي وئي، جڻ هن جي سُريلي گلي جي ساز جون تارون ڪنهن ڇني ڇڏيون. اهو ماڻهو جيڪو شعور جي وهڪري جيان سوچيندو ۽ لکندو هو_ سنڌ، سنڌو ۽ سنڌي ماڻهو جنهن جو موضوع هوندا هئا.

ڪيهر تي ڪيترين سياسي پارٽين نظرياتي پنجوڙ وڌا پر شينهن کي پنجوڙن ۾ قاسندا آهن ڇا؟ هو پاڻ سياسي پارٽي هو. ڏاهو، دانشور ۽ سوچيندڙ عالم جو هوا ان ڪري هن تي الزام بہ هنيا ويا تہ هو ڇڙواڳ ليکڪ آهي_ پر هو حريت پسند، آزاد ۽ خودمختيار اديب هو_ ۽ بيمار سماج جو پاڻ ويڄ هو.

هڪ تہ انڌا اونڌا ويڄ ۽ حڪيم جيڪي تاريخ جا نابين روح ٿيندا آهن تن هن جي جان ورتي ۽ ٻيو جاهل سماج ۾ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهوءَ واريءَ لوچ هن جي حياتيءَ ۾ ڪتوتي ڪئي_ ۽ ٿيون ان پيڙا هن جو گلو گُهُٽي ڇڏيو جنهن کي محسوس ڪندي هن هڪ دوست کي خط لکندي موت جي بستري تان نوڪريءَ جي ڇنتا جو اونو ڏيکاريو_ سنڌي قوم جو اهو قومي الميو ناهي تہ ٻيو ڇا آهي تہ ان جا دانشور پنهنجي ذهني پورهئي ڪرڻ جي باوجود روزگار لاءِ تڙپندا رهن!

پوءِ بہ هن سماجي جنگ جي ميدان ۾ آڏي ڊال نہ ڍاري ڇاڪاڻ تہ هو منارو هو_ "سَري ڪين ڪيون، ويڻ موڪيءَ جي ماريا_ ڪو جو سخن ڪلال جو پِتي تي پيون_ تئان پوءِ تئُون، مرڻ منارن کي". (پٽائي)

حقيقتَ ۾ اهي بدقسمتَ، ويچارا ۽ وَيَل ماڻهو آهن جيڪي پنهنجن محسنن جي موت تي تعذيت جا پيغام جاري ڪن ٿا.

25 اپريل 1999ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# افسوس! نئين هزاري
# هدايت منگي کي ڏسي نہ سگهي

مهين جي ڏڙي جو درياهي ماڻهو. جنهن کي سوڀي انگريزي پڙهائي، سنڌي گفتار توڙي لکڻيءَ ۾ فصاحت ۽ بلاغت جنهن جو اباڻو ورثو هو. طنز ۽ مزاح جنهن جو مزاج هو. سو سنڌ جو مشهور اديب ۽ صحافي هدايت منگي 52 ورهين جي ڄمار ۾ 22 ڊسمبر 1999ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪناري تي مهين جي ڏڙي لڳ ڏکڻ ۾ منهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ جنم وٺندڙ هدايت منگيءَ جواني ڳوٺ ٻگيءَ ۾ گذاري ۽ لاڏاڻو لاڙڪاڻي ۾ ڪيو. مهين جي ڏڙي جي ڏکڻ-اولهہ ۾ دادو ڪئنال جي ساڄي ڪناري تي ڳوٺ ٻگي آباد آهي. ٻگي ۽ ٻنڍِي وارن ڳوٺن وچ ۾ بس رڳو روڊ آهي. ٻنڍِي ڪامريڊ سوڀي گيانچندانيءَ جو اباڻو ڳوٺ آهي.

سو جنهن ماڻهوءَ جي اورَ منهنجي ڳوٺ ۾ پوربل هجي سو تہ منهنجو ڳوٺائي ٿيو. پر هن جو لاڏاڻو لاڙڪاڻي شهر ۾ ڪيئن ٿيو. ان جو بہ هڪ پسمنظر هو. پنهنجي ڳوٺ کان لاڙڪاڻي واري هدايت منگي جي هجرت سنڌ جي انهيءَ ناسور سبب تي ٿئي جنهن کي. "سنڌ جو ڏاڙيواليءَ وارو دور" ڪوٺجي ٿو.

پر هدايت جي دل جهورڻ وارو شهر ڪراچي هو. ڪراچي جڏهن سنڌين لاءِ ڪربلا ڪئي وئي هئي. هدايت تڏهن اتي رهندو هو. صحافي هئڻ ڪري هو لکندو بہ هو. تقريرون بہ ڪندو هو. سنڌ جي قومي مفادن تي ٻين سان مهاڏا بہ اٽڪائيندو هو. ان ڪري هو خطري کان خالي نہ هو. اهو ئي سبب هو جو هلال پاڪستان ۽ ڪراچي ڇڏي اچي لاڙڪاڻو وسايائين.

هدايت منگيءَ نئون هزاري سال 2000 عيسوي نہ ڏٺو ۽ ان کان نَوَ مهينا اڳ ئي هي جهان ڇڏي ڏنو. ايئن جيڪر نہ ٿئي ها. افسوس تہ ان تي بہ آهي. پر گهڻي افسوس ڪرڻ جي اها ڳالهہ آهي تہ وقت هڪ انوکي انسان سان ملڻ کان رهجي ويو. نئون هزاري سال هدايت منگيءَ جهڙو ماڻهو ڏسي نہ سگهندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هدايت منگي جيڪو نقاد، ادبي طنز ۽ مزاج جو طاقتور ليکڪ، مجيل ڪهاڻيڪار ۽ صحافي هو سو ان ڪري به وري پيدا ٿي نه سگهندو ڇاڪاڻ ته جنهن نسل سان هن جو تعلق هو ان تي غير سنڌي لساني ۽ ثقافتي اثر موجوده نسل جي ڀيٽ ۾ گهٽ پوندڙ هئا. هن جي زبان مان نڪرندڙ هر هڪ لفظ ۽ جملو اڻئن هوندو هو جڻ هو ڪا لکيل شيءِ پڙهي رهيو آهي.

سنڌو ماتريءِ جي تهذيب، سنڌ، پيتائي، سوشلزم، ڪميونزم، صوفي ازم، نئشنلزم، تاريخ ۽ جاگرافي هن جا موضوع هوندا هئا. پر جي بيڙي ڇڪڻ، هلڪو سٽڪڻ، ڊيرج سان ڳالهائڻ ۽ تاڙي ملائي وڏا ٽهڪ ڏئي کلڻ ۽ پوءِ ڪنگهه ۾ ونجي وڃڻ، هن جي ڇڏيل يادن جون ڪجهه جهلڪيون آهن.

ظاهر ۾ چرچائي پر اندر ۾ هدايت ڏاڍو ڏکي انسان هو. هن پنهنجا ڏک درد پنهنجن دوستن کان به سانڍي رکيا هئا. جڻ پٽائيءَ جي هن سٽ تي عمل ڪندو هجي ته. "اندر هيءُ اهنج، سانڍج سُکائون ڪري" ـ بهرحال جيئن ته هدايت جي دل کي هر اهڙي لقاءَ تي ڏاڍو گهَرو ڌڪ لڳو ايندو هو جنهن ۾ انسانيت جي توهين ٿيندي هئي، ان ڪري چوان ٿو ته هو پنهنجي دل ۾ درد رکندڙ صاحب دل ماڻهو هو.

صوفي چوندا آهن ته صاحبِ دل اهو ماڻهو هوندو آهي جنهن "فنا" ورتي هجي يا جيڪو جيئري مري ويو هجي. مرڻ کان اڳ هن جو موت ٿيندو هجي. جنهن کي، "مُوتو قبلڪ الانت مُوتُو". چيو ويندو آهي. "مرڻا اڳي جي مئا. مري ٿيا نه مات ـ هوندا سي حيات. جيئا اڳي جي جيا".

اهو موت جيئندي ٿيندو آهي ـ ۽ ان موت جي معنيٰ آهي انسان جي اندر واري حيوان جو مري وڃڻ. نفس مارڻ ۽ مهذب ٿيڻ. هدايت ان ڪري ئي فقير قسم جو ماڻهو هو ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي پنهنجي اندر جي وڏيري کي ماري ان جو ڪفن دفن ڪري ڇڏيو هو. پاڻ جڏهن هاڻي خاڪي جيون ترڪ ڪيو اٿس تڏهن ته هن جي مرتئي جو رڳو اعلان ٿيو آهي.

اهو ئي سبب آهي جو هدايت منگيءَ کي هميشه جيئرو رهڻو آهي. جيڪو به ماڻهو راڏڻ ـ مهين جو دڙو روڊ مٿيندو ۽ بگي ـ بندي وٽان لنگهندو. ان جي زبان تي به ئي نالا ايندا ـ سوڀو گيانچندائي ۽ هدايت منگي.

صحافي هوندي به جديد تاريخ کي قلمبند ڪرڻ وارو تاريخدان ٿيندو آهي. هدايت پنهنجي آخري ڏينهن ۾ سنڌ جي جديد تاريخ وارن ڪيترن ئي قيمتي ورقن کي لاڙڪاڻي ريڊيو جي مدد سان محفوظ ڪيو آهي. هن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملي لکڻين مان هڪ ڪان وڌ ڪتاب تيار ٿي سگهن ٿا جي سنڌ جي نئين نسل کي پڙهائڻ ضرور ٿي پوندا.

ڀهراڙيءَ واري سنڌ جو پسمنظر رکندڙ هدايت منگي سنڌ جي ٿورن صحافين مان هو جن کي سنڌ جي سياسي درد جي ساڃهه هئي. پر هن جي وڏي ڳالهه اها هئي ته هو سنڌي ٻوليءَ تي جيڪا مهارت رکندو هو سا اسان پڙهڻ سکڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسون.

هاڻي هن جي پٽن مان ئي اها آسيس اڇي ٿي ته هو ڪيئن ڳالهائيندو هو ۽ هن جا لفظ هن جي دل جي درد کي ڪيئن ادا ڪندا هئا.

جيسين هئي جيئري، ورچي نا وينءِ،
وڃي پيون ۽ پيني، ساربندي کي سڄڻين. (ڀٽائي)

هدايت منگي جي مرتئي تي لکيل تاثر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فقير لاشاري: سنڌي صحافت جو شهيد

جديد سنڌي صحافت جي تاريخ ۾ ڪيترائي ماڻهو آيا. ۽ هليا ويا. پر اخباري دنيا تي اهڙو ڪو اثر ڪو نه ڇڏي ويا جنهن ڪري انهن کي ياد رکيو وڃي.

فقير محمد لاشاري سنڌي اخباري صنعت ۾ طوفان ٿي آيو ۽ ترت ئي اسهي ويو. پر پوئتي اهڙو ڌاڪو ڄمائي ويو جو ڊگهي عرصي تائين هن کي ياد ڪيو ويندو.

هو عام رواجي حالتن ۾ اخباري دنيا ۾ گهڙيو ۽ خبرون لکيائين. ٽيندر ترجمو ڪيائين. صحافي برادري واري يونين جو حصو رهيو. سنڌي صحافين جي تنظيم جي اڳواڻي ڪيائين ۽ ٻيو اهو سڀ ڪجهه ڪيائين جيڪو هڪ عامل صحافيءَ کي ڪرڻو هوندو آهي.

پر جيڪا شيءِ پٽر تي ليڪي جيان هو پوئتي ڇڏي ويو سو هن جو ايڊيٽوريل هو. منهنجي اها دعويٰ آهي ته سنڌي صحافت جي هاڻوڪي اڌ صدي واري تاريخ ۾ اهڙو ايڊيٽوريل نه ڪنهن صحافي لکي سگهيو هو ۽ نه اڄ واربن سنڌي اخبارن جو ڪو ايڊيٽر اهڙو ايڊيٽوريل لکي سگهي ٿو.

لاشاري جن ماڻهن سان گڏ ڪم ڪيو انهن مان ڪيترا هن کان سينيئر صحافي هئا. هو جنهن دؤر ۾ زنده رهيو ان ۾ وڏا اديب. عظيم شاعر ۽ مها دانشور رهندا هئا. انهن مان ڪيترا سنڌي صحافت ۾ به ملوث رهيا. پر ڪنهن به اهڙو ايڊيٽوريل نه لکيو جهڙو فقير لاشاري لکي سگهيو.

فقير پهريون دفعو سنڌي صحافت جي تاريخ ۾ روايتي ايڊيٽوريل کي تبديل ڪرڻ واري روايت قائم ڪئي. صدين کان وٺي اخباري ايڊيٽوريل اداري پاران وقت جي حڪومت سان مخاطب رهيو آهي. فقير ان ايڊيٽوريل جي خطاب کي عوام ڏانهن ڦيرائي ڇڏيو. پهريون دفعو هن اهڙا ايڊيٽوريل لکيا جن ۾ وقت جي سرڪار سان گڏ عوام سان به خطاب ڪيو ويو. عام ماڻهن سان سنڌس ڏکن سورن بابت اوريو ويو ۽ عوام کي هڪ نئين راهه ڏيکاري وئي ته جيڪڏهن وقت جي سرڪار اوهان جي مسئلن تي اکيوت ٿي ڪري ته پوءِ اوهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي.

فقير جي ايڊيٽوريل جي ٻي خاص ڳالهه ان جي ٻولي هوندي هئي. ايڊيٽوريل ۾ اهڙي ٻولي وڏي کان وڏي يا ننڍي کان ننڍي سنڌي صحافي اڄ

تائين نہ لکي آهي. فقير جي ٻولي ۾ لفاظي نہ هوندي هئي. ايئن لڳندو هو تہ هو سنڌي ماڻهن جي ڏکندڙ رڳ تي هٿ رکي لکي رهيو آهي. هو پڙهندڙ جي روح ۾ لهي ويندو هو. جنهن کري پڙهندڙن جي وجود جي لونءَ ڪاندارجي ويندي هئي.

اهو ئي سبب آهي جو اڄ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪيترن ماڻهن فقير لاشاري جا ايڊيٽوريل فريم ۾ مڙهائي پنهنجي پنهنجن تي ٽنگي ڇڏيا آهن. مون کي لڳي ٿو تہ سنڌي ماڻهن اڄ تائين ڪنهن بہ سنڌي صحافيءَ کي ايتري عزت ۽ اهميت نہ ڏني آهي.

لاشاري جي موت جي خبر ٻڌي سنڌي اخبارن جي ڪنهن بہ پڙهندڙ کي اعتبار نہ ٿي آيو. هن جي موت هن جي پڙهندڙن، مائٽن ۽ دوستن کي جيڪو دل تي داغ ڪيو آهي سو قيامت تائين مٽجي نہ ٿو سگهي. هو سنڌي صحافت جو شهيد آهي.

صحافت کان علاوه لاشاري سياسي ڏاهو، فلسفي، سماج سڌارڪ، انقلابي، تخليقي اديب ۽ سنڌي قومپرست هو. هن جي سياست ۽ ادب، صحافت ۽ زندگي جو فلسفو عوام جي رت سان گڏ سنڌي قوم جي وجود ۾ ڊوڙندو هو. صحافت. بهرحال، چڱ نہ موکي هئي ۽ لاشاري متارو هو جيڪو مري ويو.

> سري ڪين ڪيون، ويڻ موکيءَ جي ماريا،
> ڪو جو سُخنُ ڪلال جو، پتي تي پيون،
> تهَان پوءِ ٿيون، مرڻ متارن کي. (پيٺائي)

فقير محمد لاشاريءَ جي
ورسي جي حوالي سان
روزاني برسات- ڪراچي
17 جولاءِ 1994ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڪرن جو عاشق - بدر ابڙو

هيءَ ڪا "انجمن تحسينِ باهمي" ناهي، جو منهنجيءَ سالگرهه تي بدر ابڙو منهنجي تعريف ڪري، ۽ هن جي سالگرهه تي مان هن جي مانَ ۾ ساراهه جا ڍڪ پريان.

حقيقت ۾ اها هڪ تمام سنجيده ادبي ڪوشش آهي جنهن جو مقصد تاريخ کي قلمبند ڪرڻ آهي.... ادبي تاريخ. ان جا ڪردار. سندن چوگرد ڦرندڙ سماجي ماحول ۽ انهيءَ ماحول جي گول ڦرندڙ لالچ ۽ لوڀ وارن واچوڙن مان جان ڇڏائي قلمن سان ياري رکندڙ ڪردارن جا پروفائيل جيڪي ڪن کي اٿوڻندڙ پڻ لڳندا هوندا ۽ ڪن لاءِ تاريخ جو درجو رکندا هوندا.

روزانه عوامي آواز ۾ اهڙي ڪوشش جي ابتدا جو ڪريڊٽ هر صورت ۾ صرف زرار پيرزادي ڏي وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته اهڙو سلسلو هن ڪان اڳ نه فقير محمّد لاشاري، نه سهيل سانگي ۽ نه منهنجي ادارت ۾ شروع ٿي سگهيو هو ۽ نه وري انهن ماڻهن کان اهڙو ڪم ٿي سگهيو هو جن هن اخبار جو خواب ڏٺو ۽ ان خواب کي ساپيان بڻائي ڇڏيو.

هن اخبار جو ادارو جيڪڏهن سنڌي ليکڪن جا اهي سڀ پروفائيل سهيڙي ڪتابي صورت ۾ ڇپائي پڌرو ڪري ته سنڌي پرنٽ ميڊيا پاران سنڌي ادب جي تاريخ جي وڏي خدمت ٿيندي.

اڄ بدر ابڙي جو جنم ڏينهن آهي. اڄوڪي ڏينهن تي بدر ڄائو هو. مان بدر کان چار ڏينهن عمر ۾ وڏو آهيان. پر مونکي خبر نه هئي ته اڄوڪي ڏينهن تي جمال ابڙي کي ڪو پٽ ڄائو آهي يا علامه علي خان ابڙي کي پوٽو پيدا ٿيو آهي. پر جي اهڙي خبر پئي به ها ته مونکي اهو اندازو نه هجي ها ته ان ڏينهن سنڌ جو ڪو ايڏو وڏو ماڻهو پيدا ٿيو آهي. واقعي انسان کي وڏو ماڻهو "جدوجهد" بڻائي ٿي. "چپر ڪين ڏئي، سوڪڙيون سٽن کي".

بدر جي وڏ ـ ماڻهائپ هن جي اکرن ۾ لڪل آهي. هن جا اکر ڪي ايڏا (خوشخطي جي لحاظ کان) سهڻا ڪو نه آهن. پر انهن جي معنوي صورت ڏاڍي موهيندڙ آهي. ڪن ماڻهن جا اکر ڳالهائيندا آهن. پڙهندڙن کي رئاريندا ۽ کلائيندا آهن ۽ ڪين ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪندا آهن. ڪي ماڻهو انگريزي محاوري مطابق "Men of letters" ٿيندا آهن. سندن حملي ملڪيت ۽ ميراث اکر ٿيندا آهن. اکر ليکڪن ۽ ٽيڪن مان جڙندا آهن. پر اهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تبڪا ۽ ليڪون ڏسڻ ۽ پڙهڻ سان. ڏسندڙن ۽ پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ ۾ تحرڪ پيدا ڪندا آهن. دلين ۾ ولولن جا طوفان ڪڙا ڪندا آهن. ۽ اهڙي طرح ماڻهن جي مجموعي عمل کي جنم ڏيندا آهن جنهن ڪري دنيا تبديل ٿي ويندي آهي ۽ تاريخ جڙي پوندي آهي.

دنيا "Spoken word" سان وڌيڪ تبديل ٿي آهي، يا "Written word" سان. اهو فيصلو تاريخ ڪندي. پر ان تي سڀ فيلسوف متفق آهن تہ "لفظ" پنهنجي اندر ۾ هڪ ڪائنات آهي. وتائي فقير جو هڪ قول هڪ conceptual ڪائنات آهي "وتايو فقير سوچي ٿو".واري عنوان سان بدر ابڙي جي لکيل ننڍڙن ڪالمن الائي تہ ڪيترين ڪائناتون جوڙي ۽ ٽوڙي ڇڏيون هيون.

ليکڪ پنهنجن لفظن سان انساني ذهن تي حڪمراني ڪندو آهي. بدر جي لفظن سنڌي قوم جي مجموعي مزاج کي ڪو رنگ ۽ ڍنگ ڏنو آهي. هن وقت اسان کي سنڌي قومي مزاج جي حوالي سان بي شمار شڪايتون آهن. اسان، يعني سنڌي قوم ۾ ڪيترين ڪوتاهيون آهن. پر اسان جي تاريخ ۾ ڪيترين ڪامرانيون پڻ آهن. مان سمجهان ٿو تہ سنڌي قوم جي مزاج ۾ موجود ڪامرانين جي جڙاوت ۽ ڇيد ۾ بدر جي لفظن جو وڏو ڪردار آهي.

بدرُ، نہ اُسامہ بن لادن آهي ۽ نہ جارج بش، نہ پرو چانڊيو آهي ۽ نہ پاڪستاني فوج. هي نہ رستم پهلوان آهي نہ شير ميربحر. نہ جنرل مشرف ۽ نہ ذوالفقار علي ڀٽو. پر سنڌي ٻولي ۽ ادب جي حوالي سان بدر انهن سڀني کان وڏو ماڻهو آهي ڇاڪاڻ تہ: محبت پائي من ۾ . رندا روڙيا جن. تن جو صرافن اڻ ـ توريو اگهائيو".

اکرن جي هن عاشق جي جنم ڏينهن تي عشق کي مبارڪون هجن.

بدر ابڙي جي سالگرهہ
جي موقعي تي لکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# The Queen of Sindh

محترما بينظير ڀٽي ڪانپوءِ، پوري پاڪستان ۾، مئڊم مهتاب جي صلاحيت واري ڪا عورت مونکي نٿي سُجهي. مون واشنگٽن ۾ مَليحه لوڌيءَ کي پاڪستان جي سفارتڪاري ڪندي به ڏٺو. مليحه اسان جي "ڀٽي_ پائي" صحافڻ آهي. پر مئڊم سان هن جي ڀيٽي ناهي.

پاڪستان جي پهرين پنجابي وزيراعظم ميان نواز شريف. بينظير ڀٽي جي جاءِ تي عابده حسين کي اڳتي آندو. موجوده حڪمرانن زبيده جلال کي اڳتي آندو آهي. هونئن ملڪ ۾ ڪيترين ئي قابل، دولتمند ۽ حسين عورتون پيون آهن. پر اسان جي مئڊم مهتاب سان ڪنهن جو مقابلو ناهي.

هڪ انگريز منصف لِوئي برومفيلڊ، هندستان تي 1939 ع ۾ لکيل پنهنجي ناول THE RAINS CAME ۾ مسز بئنر جي نالي هڪ عورت جو ڪردار چٽيو آهي جنهن لاءِ هن جو چوڻ آهي ته:

"At sixty_seven she was handsome, for her beauty was of that indestructible sort which lies in the bones of the face and not in the flesh or the col_ouring........ she fascinated him, not as much as a woman, but as a work of art_cold, classical, de_tached. like a figure out of one of the frescoes at Ajunta."

برومفيلڊ جيڪڏهن اهڙو ناول اڄوڪي سنڌ تي لکي ها ته مسز بئنر جي، مئڊم مهتاب جو fictionised روپ هجي ها.

واقعي ڪي ماڻهو اهڙا سهڻا ٿيندا آهن جن جو حسن لازوال هوندو آهي ۽ سندن حسن جي لازواليت ماس، رنگ يا هار سينگار جي ڪري ئي نه هوندي آهي پر سندن منهن جي تختي ئي اهڙي سهڻي هوندي آهي.

پر چوندا آهن ته "سهڻا توهه ته پٽن تي ڪوڙ" پيا هوندا آهن ۽ وري ڪي سهڻا ماڻهو اهڙا به هوندا آهن جن جا ناڻا توهه جهڙا ڪڙا ٿيندا آهن. ۽ ڀٽائي چوائي: "جو ڪائي. سو ڪامي مَري".

پر مئڊم جي سونهن ته مارئيءَ واري آهي. ڀٽائيءَ چوائي: "وڃڻ تت پيوم، جت هلڻ نانهه حُسن رَي" _ مئڊم وٽ اهو حُسن آهي. انهيءَ حُسن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برومفيلڊ مطابق هڏائين پيجري يا مُنهن جي تختيءَ جي بہ ڪاڻ نہ هوندي آهي، مئڊم مهتاب حسن سان گڏ اخلاق ۽ ذهانت سان گڏ قابليت جي ديوي آهي.

هوءَ سنڌ جي اهڙن آڱرين تي ڳڻڻ جهڙن ماڻهن مان آهي جن کي جيڪر سنڌ ڪيس وڙهڻ لاءِ دنيا جا دورا ڪرائجن. ڇا تہ هن جي انگريزي آهي، ڇا تہ هن جي اردو آهي، مئڊم جڏهن اردوءَ ۾ ڳالهائيندي آهي تہ لکنوي وائڙا ٿي ويندا آهن ۽ سنڌي ـ مهاجر تلخيون مانيون تي ويندي آهن. (جهوني بزرگ سائين علي احمد بروهي سچ چيو هو تہ "مهتاب جي مُرڪ جهڙيون ڪجھ وڌيڪ مُرڪون سنڌ ۾ هجن تہ جيڪر سنڌ جو امن امان سڌري وڃي"). مونا ليزا هن جي مُرڪ جو رڳو هڪڙو روپ آهي ۽ مئڊم (اترادي لهجي واري عورت هئڻ جي باوجود) جڏهن سنڌي ڳالهائيندي آهي تہ لڳندو آهي تہ هوءَ سنڌ جو لساني وحدت الوجود آهي.

هوءَ پروفيسرياڻي، ليکڪا، دانشور، پروفيشنل بيوروڪريٽ، آرٽسٽ، پوليٽيڪل ليڊر، سوشل گائيڊ، فيمينسٽ، سنڌ الاجسٽ ۽ سنڌ جي ڊي فئڪٽو سفيرياڻي آهي.

هن جي صلاحيتن واري عميق جو اندازو اسان جهڙي اڻ ـ پڙهيل سماج ۽ معاشري کي تي نٿو سگهي، هن زاهد مخدوم کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سياست پڙهائي، هو ڪئناڊا جو قومي سياستدان تي ويو. مئڊم جا بيشمار شاگرد زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ترقيون ڪري الائي ڪٿي وڃي پهتا آهن.

اسان جي نون سنڌين واري سياسي قيادت لهاڙون هڻندي چوندي آهي تہ "اسان سنڌين کي مڊل ڪلاس قيادت فراهم ڪري سگهون ٿا" ـ پر کين خبر ناهي تہ سوڀو، حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد، مسڪين جهان خان کوسو ۽ ٻين ڪيترين اهم شخصيتن سميت، سنڌ مڊل ڪلاس قيادت جي معاملي ۾ ايئن خود ڪفيل آهي جيئن ڪوئلي، تيل، گئس، گرينائيٽ ۽ نم جي وڻن ۾ آهي، ڇا هنن سنڌ جي طاقتور جاگيردارن سان ڪڏهن اهڙو مهاڏو اٽڪايو آهي جهڙو مئڊم مهتاب "ڪارِي ـ ڪارو" واري مامري تي لاڙڪاڻي سيمينار ۾ اٽڪايو هو؟

عورتن جي حقن جي سلسلي ۾، پوري پاڪستان اندر، مئڊم مهتاب جو موقف وڌيڪ چٽو ۽ سندس دليل وڌيڪ طاقتور هوندا آهن، اسان جا ڪيترا مرد حضرات تہ عورتن جي حقن بابت رڳو زبان خرچيءَ کان ڪم وٺندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. چاڪاڻ تہ عورت ڪي غلام بڻائڻ وارو ڪارنامو بہ سنڌن ئي حصي ۾ اچي ٿو. پر ملڪ جون ڪيتريون وڏ ـ گهراڻيون عورتون، جنرلن جون گهر واريون ۽ آمريڪا توڙي انگلستان ۾ تعليم حاصل ڪري آيل امير عورتون پڻ مٿئين دل سان عورت جي وڪالت ڪنديون آهن. پر مئڊم ، عورت جو ڪيس روح سان وڙهندي آهي. هن جي گفتگو مان لڳندو آهي تہ اهو هن جو هڪ خواب آهي تہ سنڌي عورت مرد سان اڪيون اکين ۾ ملائي. زوريءَ پنهنجا جائز حق وٺي سگهي.

دل چوندي آهي تہ مئڊم مهتاب جيڪر پاڪستان ۾ عورتن جي معاملن جي وزير هجي پر پوءِ خيال ايندو آهي تہ مس مس تہ حڪومت کي پنهنجي ميڊيا ٽيم ۾ مئڊم جهڙو ماڻهو مليو آهي. سو ڪيس اُتان ڪيئن ڇُرڻ ڏيندا.

بهرحال، هن 14 آگسٽ واري سندس Birthday تي آس آهي تہ شل ڪيس وڏي ڄمار ملي تہ جيئن هوءَ سنڌ جي خدمت ڪندي رهي. ۽ دنيا کي اندازو ٿي سگهي تہ سنڌي ماڻهو ايڏا سهڻا ۽ ايڏا ذهين بہ ٿيندا آهن.

PS (پوسٽ اسڪرپٽ):

1983ع ۾ جنرل ضياءَ جي مارشل لا دوران خيرپور ۾ انٽرنيشنل سچل سيمينار دوران تعليم جي وزير سيد غوث علي شاهہ اسٽيج تي اچي چيو هو تہ "سچل (جنم 1739ع) هفت زبان شاعر هو پر اردوءَ ۾ هن ان ڪري شاعري ڪئي هئي جو شايد ڪيس خبر هئي تہ اردو، پاڪستان (جنم 1947ع) جي قومي زبان ٿيندي." ان تي سائين علي احمد بروهي جڏهن اسٽيج تي آيو تہ اچي چيائين تہ "سچل سرمست ڪيترين ئي ٻولين ۾ شاعري ڪئي هئي پر هن بنگاليءَ ۾ ان ڪري شاعري نہ ڪئي هئي جو هن کي شايد اندازو هو تہ 1971ع ۾ پاڪستان ٽٽي ويندو."

سو. ان وانگي منهنجو بہ اندازو آهي تہ انگريزن پاڪستان ناهڻ لاءِ 14 آگسٽ واري تاريخ جو انتخاب شايد ان ڪري ڪيو هو جو ڪين خبر هئي تہ ان تاريخ تي مئڊم مهتاب جو جنم ٿيو هو يا ٿيڻو هو.

مئڊم مهتاب جي 2003
سال واري جنم ڏينهن تي
11-05-2003

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جي ڪائنات کي مئڊم مهتاب جو جنم ڏينهن مبارڪ هجي

مئڊم مهتاب اڪبر راشدي کي اڄوڪي جنم ڏينهن تي لک لک مبارڪون!!

شل اهڙيون شخصيتون سدائين جيئن، جن تي انهن جون قومون ناز ڪنديون رهن، هنن جا سڄڻ سرهائي محسوس ڪن ۽ ڏڄڻ ساڙ ۾ سڙي ڏيرا ٽيندا رهن.

مئڊم مهتاب جنهن جو اصل نالو بدرا لنساء آهي تنهن کي پاڪستان، سنڌ، هند ۽ باقي دنيا ۾ اڳئين نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، سنڌ حڪومت جي اعليٰ سرڪاري عهدي تي رهڻ ڪري تازو صوبائي حڪومت هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو هو جنهن ۾ مئڊم جي اصلي نالي کي عام ڪرڻ جو ڏس ڏنل هو. پر جنهن نالي هن شخصيت کي ٺاهيو ۽ جوڙيو آهي ان کي ڪنهن سرڪاري نوٽيفڪيشن جي ڪا ضرورت ناهي، اهو نالو ماڻهن جي دلين تي لکيل آهي، جنهن کي ڪو بہ "اِنڪ رِمُوئر" ڊاهي نٿو سگهي.

مئڊم مهتاب، پاڪستان جي چوٽيءَ وارين شخصيتن (مردن توڙي عورتن) مان هڪ آهي جنهن تي سنڌ ان ڪري وڌيڪ ناز ڪري ٿي ڇاڪاڻ تہ اها سنڌ ڌرتيءَ جي ڄائي آهي.

۽ هاڻي جڏهن اينڌڙ سال مئڊم مهتاب حڪومتي عهدي تان رٽائرمينٽ وٺي رهي آهي تڏهن سنڌ، پاڪستان ۽ دنيا جي سول سوسائٽي ڪيس پنهنجي دائري ۾ اچي رهڻ لاءِ دل جا دروازا کولي رکيا آهن، ماڻهو سوچي رهيا آهن تہ:

❊ مئڊم مهتاب کي حڪومت مدي جي واڌ ڏئي اعليٰ سرڪاري منصب تي رکي ڇڏيندي.

❊ هوءَ سرڪاري ذميوارين کان فارغ ٿي سول سوسائٽي جو حصو ٿي ويندي.

❊ سرڪاري عهدي تان رٽائرمينٽ کانپوءِ بہ سال گذاري آئيني تقاضا پوري ڪري پوءِ هوءَ سياست ۾ ايندي.

❊ ڪهڙي سياسي پارٽيءَ ۾ ايندي يا ڪا پنهنجي سياسي پارٽي ٺاهيندي يا انفرادي طور چونڊ وڙهندي. ان تي مختلف سماجي ماهرن جي راءِ مختلف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي.

※ سنڌ جي علم، ادب، ثقافت، تاريخ، ائنتراپالاجي ۽ ٽوئرازم جي شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي دلي خواهش آهي تہ هوءَ سنڌن دلچسپيءَ واري شعبي لاءِ پاڻ کي ارپي ڇڏي.

※ ڀٽائيءَ جا عاشق سوچين ٿا تہ جيڪر هوءَ ميدان محمّد شاهہ، جي ايم سيد، عبدالستار پيرزادي، ايلسا قاضي، ائنميري شمل ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي جاءِ سنڀالي سنڌ جي ثقافتي وحدت الوجود جي نگريءَ کي ڀٽ شاهہ کان وٺي يونيسڪو تائين سُوجهي ۽ سنواري.

※ سنڌ جي سول سوسائٽي واري خانگي سنڌالاجي، آرڪائيوز، سنڌ ميوزيم، سنڌي لينگويج اٿارٽي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، مهين جو دڙو، اندس سولائيزيشن ۽ ٻيا هزارين سنڌ جا ثقافتي ماڳ ڏانهس نهاري رهيا آهن.

※ ۽ هن ڏانهن اهي سنڌ جون مظلوم عورتون پڻ واجهائي رهيون آهن جن جي اکين ۾ رت، جن جا جيئري پير قبر ۾ ۽ مٿي ۾ جاگيرداري ڏاڍ جا گهاٽا پيڙهجي رهيا آهن.

سو، هي زمين ۽ آسمان سوچي رهيو آهي تہ جيئن اڄ تائين هوءَ پنهنجي گهر ۽ وَرَ ٻچن ۽ قوم جو اونو رکندي پنهنجيون سرڪاري ذميواريون نڀائيندي رهي آهي، تيئن هاڻي بہ هوءَ پنهنجي ذاتي زندگيءَ کي جيئن جو تيئن رکندي، سنڌي قوم لاءِ ڇا ڇا ڪرڻ جو ارادو ڪندي. ان جو انتظار سموري ڪائنات ڪندي رهندي.

جيستائين تاريخ اهو فيصلو ڪري، تيستائين سنڌ جي ڪائنات کي مئدم مهتاب جي جنم ڏينهن جي مبارڪ هجي.

سالگرهہ جي موقعي تي لکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مونا ليزا جي مُرڪ ۽ ٽمنڊڙ لُڙڪ

هوءَ 20 هين گريڊ جي سرڪاري آفيسر واريءَ ڪرسيءَ تي ويٺي آهي. ڪمرو روم اسپري جي مهڪ سان معطر آهي. اسپلٽ ايئرڪنڊيشنز آفيس جي ڪمري کي ٿڌگ ڪري ڇڏيو آهي، PS بزر وڄائي ڪجھ وزيٽرس جي اندر اچڻ جي اجازت گهري ٿو ۽ هڪدم ڪجھ نوجوان ڇوڪريون ڪمري ۾ داخل ٿين ٿيون. انهن مان ڪي سنڌي ۽ ڪي اردو ڳالهائين ٿيون.

هوءَ انهن کان حال احوال وٺڻ لاءِ سرڪاري فائلن کي ڪشادي ٽيبل تي پاسيرو ڪري ٿي رکي.....

"مئڊم مذر جي گذاري وڃڻ کانپوءِ فادر مونکي Disown ڪري ڇڏيو آهي." بس. هوءَ وڌيڪ ڪجھ چئي نه ٿي سگهي، مئڊم هن کي ٽِشو پيپر باڪس مان سنهڙي ڪاغذ جو هڪ رومال ڳوڙهن اُگهڻ لاءِ ڪڍي ڏئي ٿي.....

"بابا! دل نه لاهِه_ مان جو ويٺي آهيان! اسان عورتن جي مڙني ڏکن ڏوجهرن جو ڪارڻ اهو آهي جو اسان پاڻ کي مردن جي مقابلي ۾ ڪمزور ٿيون ڀانيون. پر ايئن ناهي، مرد کو خدا جي انوکي مخلوق نه ڪونهي، دنيا ۾ ڪيترين عورتن اهڙا ڪارناما ڪيا آهن جن جو مرد تصور به نٿا ڪري سگهن. تون پنهنجي CV مون وٽ ڇڏي وڃ. مان توسان لهه وچڙ ۾ رهندس ۽ سڀ ڪجھ ٺيڪ ٿي ويندو. همت ڪربو ڇوريون. سست نه ٿيو. دنيا ۾ توهان تي الائي نه ڪيتريون دريون کُلي پونديون!!

ڇوڪري ڇپ ڦرندڙ مُرڪ ڏئي ٿي ۽ ساڻس Powerful Handshake کان پوءِ ڪمري مان رواني ٿي وڃي ٿي.

ها. بابا! تون حوال ڏي. هُوءَ ٻيءَ ڇوڪريءَ سان مخاطب ٿئي ٿي.

"مئڊم! فادر گذاري ويو آ. اما ڪراڙي آ. سيپيئي پائر پينر مون کان ننڍا آهن. مون ايم ايس سي ڪئي آهي ۽ بيروزگار آهيان."

........ پرواهه نه ڪر! مان جو ويٺي آهيان. گهبراءِ نه. همت ڪر. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.... پلا درخواست آندي اٿئي؟

"نه مئڊم!"

هوءَ ڪرسيءَ جي ٻانهن تان پنهنجو هٿ کڻي. ٿورو هيٺ ڪري. ڪشادي ٽيبل جي نظر نه ايندڙ هيٺين حصي ۾ لڳل اليڪٽرڪ بيل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻٽڻ کي دٻائي ٿي ۽ هڪدم جِنَ جيان پٽيوالو اندر اچي ٿو....

"PS کي سڏ ڪر!"

"حاضر مئڊم!"

PS اندر اچي ٿو.

"بابا! هن ڇوڪريءَ کان تفصيل وٺي هن جي درخواست ڪمپيوٽر تي تيار ڪري پرنٽ ڪري کڻي آءُ".

"حاضر مئڊم!"

ٿوري دير کانپوءِ درخواست اچي ٿي. هوءَ ڪنهن ٻئي آفيسر سان فون تي ڳالهائي ٿي.....

"اوهان مردن هن دنيا کي عورتن لاءِ دوزخ ٺاهي ڇڏيو آهي. هاڻي ان جو ڪفارو ادا ڪرڻ لاءِ هڪ پڙهيل ڪڙهيل ۽ با صلاحيت بي روزگار ڇوڪريءَ لاءِ نوڪريءَ جو بندوبست ڪريو. خدا اوهان کي اَجر ڏيندو....."

هوءَ فون رکي ٿي ۽ ايڊريس سمجهائي ڇوڪريءَ کي رواني ڪري ٿي.

"بابا! تون ڪنهن به وقت مونکي فون ڪري سگهين ٿي. همت نه هار. سڀ ٺيڪ ٿي ويندو."

۽ پوءِ ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيئي، موناليزا جي مُرڪ کي پنهنجي چهري تي ڦهلائي وينل صحافين کي چئي ٿي.....

"زندگي ۾ ڪوڙهه جهڙن اهڙن چٽن کي به چِٽيندا ڪريو! اوهان جو بنيادي پيشو تاريخ کي قلمبند ڪرڻ آهي."

ماهوار "سنڌ رويو" لاءِ لکيل
25 جولاءِ 2005ع
گلشن حديد. ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# محمد علي پناڻ: حقيقي معنيٰ ۾ جاکوڙي اديب

جيڪڏهن ڪو ايئن چئي ته محمّد علي پناڻ ۽ انور پيرزادي "انجمن تحسينِ باهمي" ناهي آهي ته ان ڳالهه کي غلط نه ته چئي سگهجي. ڪي ڳالهيون ڪن ماڻهن جون ذاتي ڪمزوريون ٿينديون آهن. تي سگهي ٿو ته اها اسان ٻنهي جي ذاتي ڪمزوري هجي ته دوست هجڻ جي ناتي اسان کي هڪ ٻئي جون اوڻايون گهٽ نظر اچن ٿيون ۽ ڪامرانيون وڌيڪ. "انجمن تحسينِ باهمي". فارسي عربي گاڏڙ اردو ٻوليءَ جو محاورو آهي جنهن جي معنيٰ آهي "هڪٻئي جي تعريف ڪرڻ واري انجمن" يا تنظيم ـ فارسيءَ ۾ چوندا آهن: تُو مِرا قاضي بگويد. مَن ترا حاجي به گو." (تون مون کي قاضي چئُ. مان توکي حاجي چوان).

هي ورتاءُ مون کي به نه وڻندو آهي ۽ محمّد علي به هرويرو ان جو دلدادو ناهي. پر مون جيئن اڳ عرض ڪيو ته ان جي باوجود ايئن ٿي رهيو آهي. اميد ڪرڻ گهرجي ته پڳت ڪنور رام جي صوفياڻي طريقت "ڪيئن ريجهايان توکي، ڪيئن پرچايان ـ ڏس ڪو ڏانءُ". مطابق اسان پنهنجي من سان ڊائلاگ ڪري ان کي ان لاءِ قائل ڪريون ته پنهنجي تعريف ڪرڻ ۽ ٻڌڻ ڇسو ڪم آهي، جيڪو نه ڪرڻ گهرجي. اهو عيب آهي، گناهه آهي، بيماري آهي. بلڪل ايئن جيئن پناڻي چيو هو "خلق خادم جيئن ڪرين. ايءُ راول وڏو روڳ". (تون مخدوم ٻڌجي خلق کي جهڙي نموني خادم / غلام ڪري رهيو آهين. اهو وڏو روڳ. درد. سور ۽ بيماري آهي).

پر مون سنجيدگيءَ سان محسوس ڪيو آهي ته محمّد علي پناڻ واقعي حقيقي معنيٰ ۾ هڪ جاکوڙي سنڌي اديب آهي.

هڪ دفعي اسان ٻئي پناڻي صاحب جي نگريءَ ۾ ترسيل هئاسين. پٽ شاهه تي مور فقير جي ڪافي آهي جتي وڏا وڏا پريمي جمع ٿيندا آهن ۽ پتنگن جيان پناڻيءَ نالي ڪنهن شمع متان سڙي پسم ٿي. قربان ٿي ۽ برباد ٿي فنا واري فلسفي جي آئيني ۾ پنهنجو عڪس ڏسڻ جي اڻ تڻ ڪندا آهن. انتي برادي، قمبراڻي، لکمير (نئنگ شريف وارو لکمير ڪافر نه) پر "لکُو" جنهن جو اصل نالو غلام رسول خاصخيلي آهي ۽ الله رکيو ملاح هوندا آهن. اهي

دوست پٽ تي ڀٽائيءَ جي آثارن ڏيکارڻ وارا اسان جا گائيڊ يا سونهان هوندا آهن. ٻَرَ ۾ گائيڊ کي ڀٽائيءَ "ٻورائو" ڪوٺيو آهي. اسان ان کي هاڻي سنڌيءَ ۾ به "گائيڊ" چئون ٿا ڇاڪاڻ ته ڪلاسيڪل سنڌي هاڻي اسان کان ڏينهون ڏينهن وسرندي وڃي ٿي.

سو انهن دوستن اسان کي ڀٽائي صاحب جا ڪجهه آثار ڏيکاريا جن ۾ "شاهه جو ڪنڊو"، "ڀٽائيءَ جي کوهي"، "لطيف جو ڪُورو". ۽ "سياتن جو مُقام " شامل هئا. سياتن جي قبرستان ۾ ڀٽائي صاحب جا ڀائر دفن آهن جن جون تربتون ڏسڻيون هيون. سو جڏهن اتي وياسون ته هڪ قديم مقبرو هو جنهن ۾ اندر ايترا ته چمڙا اڏامي رهيا هئا ۽ اندر بدبوءِ هئي جو اسان سڀني کي خوف محسوس ٿي رهيو هو ۽ اندر وڃڻ جي ڪير به همت نه پيو ساري سگهي پر اهو محمد علي ئي هو جنهن همت ڪئي، اندر ويو ۽ اتان هڪ ڪتبو ڪٺي آيو جنهن تان قبرستان جي سن جي خبر پئي.

ان ڪانپوءِ مسئلو اهو پيدا ٿيو ته لفظ "سياتن" جي معنيٰ ڇاهي؟ سياتن جو قبرستان هوئڻ ته ڏيرا ذات جي ماڻهن جو مُقام آهي ۽ ڏيرا ڀٽائي صاحب جا ناناڻا هئا. پر لفظ "سياتن" سمجهه ۾ نه پيو اچي. اهو معمو پڻ محمّد علي پناڻ سلجهائي ڏنو. هن ڏاڍي جدوجهد ڪندي، هيڏي هوڏي ڊوڙندي، مختلف قبرن جا ڪُتبا پڙهندي هڪ قبر جو پڙ پري ڪيو ته اتي لکيو پيو هو ته "سياتا. ڏيرا ذات جو پاڙو آهي. پاڙو، نُکَ يا اوڙڪ ذات اندر ذات کي چون ٿا."

سو اهو ته رڳو هڪ مثال آ. محمّد علي کي مون 1980ع ۾ لاڙڪاڻي جي روڊ تي لنڊا بازار جا ڪپڙا وڪڻندي ڏٺو. بعد ۾ هن سان جديد سنڌي ڪهاڻي جي ليکڪ طور "سربش" واري فرضي نالي سان تعارف ٿيو. منهنجي گهر واري گذريل سال فوت ٿيڻ تائين محمّد علي کي "سربش" جي نالي سان ڪوٺيندي هئي. ۽ ان ڪانپوءِ محمّد علي پناڻ شاعر، ڪهاڻيڪار، ڪاوش ۽ ٻين اهم سنڌي اخبارن ۾ اهم خبرن ۽ ادبي فيچرن جو ليکڪ ٿي ويو. اڳتي هلي هو ننڍي ڪنڊ جي ناماياري دانشور ۽ بالشيوڪ سوڀي گيانچندااڻي جو بايوگرافر ٿي ويو. هن بيگم اشرف عباسي جي بايوگرافي پڻ لکي.

سندس ادبي جاکوڙ محمّد علي پناڻ کي سنڌي اليڪٽرانڪ چئنلن تي ڊراما نويس طور مشهور ڪيو ۽ هاڻي هو سنڌي ادب ۾ پي ايڇ ڊي ڪرڻ جي تيارين ۾ آهي جنهن لاءِ هن جو موضوع ڀٽائي آهي.

اڄ پنهنجي 44 هين جنم ڏينهن جي ابتدا هو اُن جاءِ تان ڪري رهيو آهي جتي سنڌ جو ماضي، حال ۽ مستقبل موجود آهي. اها جاءِ هن لاءِ يونيورسٽي به آهي، سنڌ جي روحاني گاديءَ جو هنڌ به آهي ۽ سنڌ جي ثقافتي ۽ سياسي وحدت الوجود جو مرڪز به آهي.

ڪيس انهن مڙني ڪامرانين جي سندس جنم ڏينهن تي مبارڪ هجي!!؟

محمد علي پٺاڻ جي سالگرهه
جي موقعي تي لکيل
2 فيبروري، 2006

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# درد سان مسلح ٿيل لفظ

هر ليکڪ، شاعر ۽ تخليقڪار انساني دماغ جو هڪ سيل هوندو آهي. پر انور ابڙو انسانذات جي دل آهي، هو انسان جي درد کي دماغ کان وڌيڪ دل تي محسوس ڪري ٿو ۽ دنيا جي هن دل جو اندرو نقشو سنڌ جي نقشي جهڙو آهي.

سنڌ جي دل جو هي سيل، سنڌ جي درد جي هر سيسراٽي کي جنهن گهرائيءَ سان محسوس ڪري ٿو، ان ردعمل کي ڏسي گارشا مارڪئيز ۽ حسن مجتبيٰ جون آسيسون اچڻ لڳن ٿيون. فنائتي لکڻي جي سرجڻ ۾ ليکڪ جي داخلي ۽ خارجي ڪائنات جو وڏو عمل دخل ٿئي ٿو. خارجي حقيقت جو پاڇو دل جي داخلي آئيني تي اچي روشنيءَ جي ڪهڙي موٽ ڏئي ٿو. ان جو دارومدار داخلي آئيني جي اڇي اجري هجڻ تي آهي. جيترو آئينو اجرو هوندو اوترو زندگي جو روپ پنهنجي اصلي رنگ ۾ پڌرو ٿيندو.

انور ابڙو، حسن مجتبيٰ ۽ گارشا انسان جي توهين تي جنهن شدت سان ري-ائڪٽ ڪن ٿا (ردعمل ڏيکارن ٿا) سا فڪري دنيا ۾ زلزلو آڻي ڇڏي ٿي، لفظ، درد سان مُسلح ٿي پنڌ پهڻي دلين کي پڱهاري وڃهن ٿا. سر مارئي عمرڪوٽ جا برج ڪيرائي ٿو وجهي. عام لوڪ گهر ويني اهڙين لکڻين کي پڙهي، ليکڪ جي نالي کان اڻ واقف هئڻ جي باوجود اها لکت، ڪو شعر، ڪا ڪهاڻي، ڪو ڪالم، ماٿهو فريم ۾ مڙهائي رکن ٿا.

سنڌي جي هر درد جي هر ڪِنجهَه، هر ڪيهَه، هر اوسار ۽ اوچنگار پنهنجي جيئوميٽريڪل فارم ۾ هن جي لفظن ۾ محفوظ ٿيل هجن ٿا.

انور ابڙي جي ڪهاڻين جي ڪتاب
"خودڪشي جو رومانس" جي سووينئر لاءِ لکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جو هڪ بي تاج بادشاهہ

هن جو حوالو هميشہ سماجي ڪم يا خدمت جي سلسلي ۾ ڏنو ويندو آهي پر هن جي عمل ۾ سياست بہ هوندي آهي. سنڌ ۾ اهڙا ڪيترا ئي برک ماڻهو آهن جيڪي بظاهر غير سياسي هئڻ جي اهم سياسي سياءَ رکندڙ آهن ۽ سندن عمل سنڌي سماج ۾ سياسي تبديليءَ جو ڪارڻ بڻبو آهي.

مونکي ڪڏهن ڪڏهن شدت سان محسوس ٿيندو آهي تہ ڪاش سنڌي ماڻهو ڊاڪٽر سليمان شيخ، ميڊم مهتاب، شمشير الحيدري ۽ محمّد ابراهيم جويي يا سوڀي گيانچندڻي جهڙن ماڻهن کي اسيمبلين تائين پهچائڻ جي پهل ڪن تہ هوند هنن جي تقدير تبديل ٿيڻ لڳي ۽ هنن بابت لوهہِ محفوظ واري لکت ٻيهر ايڊٽ ٿيڻ لڳي.

ان تي عام سنڌي ووٽر سان گڏ انهن سياسي پارٽين کي بہ ويچار ڪرڻ گهرجي جن کي عوام ايڏي عزت ڏني آهي جو جنهن کي ٽڪيٽ ڏين ٿيون سي چونڊجي اچن ٿا.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اهڙن ماڻهن کي پنهنجيون اسيمبليون آهن. پنهنجا تڪ ۽ پنهنجيون حڪومتون آهن جن جا اهي بي تاج بادشاهہ آهن. هنن کي اقتداري سياست جون ڪوڙڪيون ڦاسائي نہ ٿيون سگهن ڇاڪاڻ تہ هنن کي سنڌ جي عوام ايتري عزت ڏئي ڇڏي آهي جيتري سياسي اڳواڻن کي ڏني ويندي آهي.

ان جو هڪڙو ثبوت اهو بہ آهي تہ جيستائين ڊاڪٽر سليمان شيخ "سگا" جو ڪاروهنوار هلائيندو هو تيستائين ڪنهن کي جرئت نہ ٿي جو چوي تہ ان جي نالي مان "سنڌ" لفظ خارج ڪيو وڃي. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ "مڙسن ڪانسواءِ ويهون ڪير ڪري؟!!".

اهڙن ماڻهن جي وڏ ماڻهائپ ان ۾ آهي تہ اهي عوام جا گمنام خادم آهن. هنن کي واهہ واهہ درڪار ناهي. هو ٻيائي جي اهڙن ڪردارن سان ڪافي مشابهت رکن ٿا جن لاءِ هن چيو هو تہ اهي "توري قوت قراريا" رهندا آهن.

ڊاڪٽر سليمان شيخ جي سالگرهہ
جي حوالي سان لکيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نئين ٿيءَ جي سرمستي

ڪي ماڻهو خواب لهندا آهن. خوابن ۾ دنيا کي نئين رنگ ۽ ڍنگ سان ڏسڻ گهرندا آهن. اهڙا ماڻهو دنيا جي حقيقي صورتحال تي خوش نہ هوندا آهن. هنن کي دنيا جي ڪاروهنوار جون ڪيتريون شيون ناپسند هونديون آهن. انهن مان ڪي ماڻهو ڌيرج وارا ۽ ڪي جذباتي هوندا آهن. ڪي دنيا کي راتو رات تبديل ڪرڻ گهرندا آهن، ڪي هوريان هوريان ۽ ڪي وڙهي وڙهي تڪجي ٿڪي سمهي پوندا آهن.

هن دنيا ۾ هر ماڻهو صبح کان شام تائين جيڪا هڻ هٿان ڪري ٿو. ان جو هڪ مقصد تہ هن جي پيٽ جو دوزخ پرڻ هوندو آهي، ٻچا پالڻا هوندا آهن، گهر گهاٽ جو ٻلو ڪرڻو هوندو آهي، زماني سان منهن ڏيڻو هوندو آهي ۽ اهڙي طرح روزاني زندگي واري جياپي جي هڪ ڏينهن واري جنگ جوڙي ويندي آهي.

پر ڪي ماڻهو انهيءَ ذاتي زندگيءَ واري جنگ وڙهڻ مان فارغ ٿي پئي بہ ڪنهن محاذ تي مقابلو ڪرڻ جي همت رکندا آهن. اهو ٻيو مورچو سماجي جنگ جو ڪيڏارو هوندو آهي. ان لاءِ ظاهر آهي تہ حوصلو، همت، وسيلا ۽ ساڃهہ (awareness) وارا هٿيار گهربل هوندا آهن. اهڙا ماڻهو جيڪي هڪڙي زندگيءَ ۾ گهڻيون جنگيون وڙهندا آهن، منٺار سولنگي انهن مان هڪ آهي.

سندس جنم ڏينهن تي آءٌ ان خواهش جو اظهار ڪندس تہ هن کي سنڌ، سنڌي ادب، سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻي سموري سنگت جي خدمت جو شل ڏگهو، اڃا بہ ڏگهو ۽ اڃا بہ ڏگهو موقعو ملي سگهي تہ جيئن هو پنهنجن خوابن جي تڪميل ڪري سگهي ۽ هڪ وقت ڪيترن ئي مورچن ۾ ويهي مقابلن ڪرڻ جي منجهس همت پيدا ٿئي.

مونکي پڪ آهي تہ انسان جڏهن وڙهندو آهي تہ ان لاءِ هن کي ٻانهن ۽ ڄنگهن، ارهہ ۽ هٿن جي طاقت کان وڌيڪ دل ۽ دماغ جي طاقت جي ضرورت هوندي آهي. وڙهندا هٿ ناهن، وڙهندو دماغ آهي.

منهنجي خواهش آهي تہ منٺار سولنگي کي زندگي جي هن نئين سال ۾ نئون حوصلو ملندو ۽ اسان گڏجي سنڌ جي وجود لاءِ ڪجهہ ڪري سگهنداسين. جيڪو سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل هئڻ سان گڏ سنڌ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثقافتي ۽ سياسي وحدت الوحود بہ آهي تہ سموري سنڌ جنهن ٽڪنڊي تي بيٺي آهي ان جي ٻن ڪنڊن يعني سنڌو درياءَ ۽ مهين جي دڙي (سنڌو تهذيب) ڪانپوءِ ٽين ڪنڊ بہ آهي تہ سنڌ جو عظيم شاعر بہ آهي تہ انقلاب بہ آهي، روحاني رهبر بہ آهي تہ اها تنڊ بہ آهي جنهن لاءِ پاڻ چيو اٿس تہ:

سو سِرن پائي، جي تند برابر توريان،
اَٽل اوڏاهين ٿِئي، جتي ٻيجل ٻرائي،
سڪٿو سِرُ آهي، سِرَ ۾ سَجَڻُ نانهہ ڪي.

منشار سولنگي جي جنم ڏينهن تي لکيل
گلشن حديد ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جديد سنڌي ادب

انور پيرزادو

پٽائي 1689عيسوي سن ۾ پيدا ٿيو ۽ 1752عيسوي تائين جيئرو رهيو. جڏهن تہ ڪارل مارڪس 1818عيسوي سن ۾ ڄائو ۽ 1883 ع ۾ وفات ڪري ويو. جيڪڏهن مارڪسي نظريو ادب لاءِ ضروري آهي تہ پوءِ ڪارل مارڪس جي پيدا ٿيڻ کان ڇاهٺ سال اڳ پٽائيءَ عظيم ادب ڪيئن پيدا ڪيو؟ جيڪڏهن ادب لاءِ نظريو ضروري آهي تہ پوءِ ائين ٿيڻ گهرجي تہ پهريائين نظريو گهڙي. ٺاهي تيار ڪيو وڃي ۽ پوءِ ادب کي رد ڪري وري پيو ادب پيدا ڪيو وڃي. جيڪو نظرياتي حدبندين ۾ ائين پورو هجي، جيئن عروضي غزل جي هر سٽِ ڪنهن عروضي بحر واري چوديواريءَ اندر پوري هوندي آهي. جيڪڏهن اِن راءِ کي قبول ڪجي تہ ادب لاءِ نظريو ضروري آهي تہ پوءِ اِن ٿيوريءَ سان سهمت ٿيڻو پوندو تہ اڳ ۾ نظريو وجود ۾ ايندو آهي. جنهن مان رهنمائي حاصل ڪري ليکڪ ادب تخليق ڪندا آهن ۽ جيئن تہ اهو نظرياتي ادب سماج ۾ بيچيني پيدا ڪندو آهي. انڪري انقلابي سياستدان اچي ان سماجي بي چينيءَ کي انقلاب جو روپ ڏيندا آهن. حقيقت اِها آهي تہ ادب لاءِ نظريو نہ، پر نظريي لاءِ ادب ضروري آهي.ادب ڪنهن بہ سياسي ڪُوري جو ٻارڻ ناهي، پر پاڻ انقلاب آهي. اذرا پائونڊ چوائي تہ، ”اُٿَ ڪتابن جا لکڻ کان بهتر آهي تہ ڪو سُريلو ۽ تخليقي نوعيت جو هڪڙو شاعراڻو چِٽُ چِٽي ڇڏجي.

*انور پيرزادو*



KAPTAN ABRO

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

# The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ڀاڙي، ڪاٺُو، ڀاڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَڻَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيان تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

**The Reading Generation** **پڙهندڙ نسُل . پ نَ**